سلسله معرفة الڪرام
جو ڇهون ڪتاب

# ڪونڌ ڪهاڙا لائين ٿا

سوانح ۽ ڪلام

## حضرت فقير عبدالقادر سومرو

جمع ۽ ترتيب


صاحبزاده محمد مڪرم الله قادري نقشبندي
المعروف دلبر سائين مدظله العالي



ناشر: جامعه مدينة العلم صالح آباد ملير ڪراچي

# ڪونڌ ڳهاريا ڏاتن ٿهرا

سوانح ۽ ڪلام

## حضرت فقير عبدالقادر سومرو

جمع و ترتيب

## دلبر سائين مدظله العالي

## اهم اعلان

دلبر سائين جا اهم ڪتاب ۽ تقريرون هاڻي اوهان انٽر نيٽ تي به پڙهي سگهو ٿا، ڏسي سگهو ٿا، ٻڌي سگهو ٿا. ايڊريس هي آهي:

# www.peerdilbar.com

بسم الله الرحمن الرحيم

ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: گوندر گهاريان ڏينهڙا.
شاعري ۽ ڪلام: حضرت فقير عبد القادر سومرو
جمع ۽ ترتيب: صاحبزاده محمد ڪرم الله
دلبر سائين ماتلي.
ڇاپو: پهريون
تعداد: يارهن سو.
تاريخ: 17 جمادي الثاني 1431 هـ
ڇپائيندڙ: فقير محمد نواز مجذوب
ناشر: جامعہ مدينة العلم صالح آباد ڪراچي.
سنڌ
هديو:

Please visit us @:

www.peerdilbar.com

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# پيش لفظ

الحمد لله رب العالمين والصلواة والسلام عليٰ سيد الانبياءِ والمرسلين وعليٰ آله وصحبه اجمعين اما بعد:

اهو تصور ۾ منظر اڄا تائين بہ هن فقير جي اکين اڳيان آهي، جڏهن خانپور ۾ هوندا هئاسين، ننگر خاني جي مَنَهَہ ۾ ننڍڙي منجِي تي مرشد کريم والدِ گرامي حضرت **محبوب الاهي** رحمت الله عليہ ويٺا هوندا هئا ۽ سندن اڳيان فقير **عبد القادر** سومرو رحمت الله عليہ **موجود** هوندو هيو. فقيرُ ڏڪاٽڪو ڪم ڪندو هيو. واهولي جي ٺڪ ٺڪ بہ جاري هوندي هئي تہ ڪچهري بہ جاري هوندي هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ تصوف ۽ فقيري جي موضوع تي گفتگو ڪندا رهندا هئا. ڪيڏي مهل پيا کِلندا هئا تہ ڪيڏي مهل پيا روئندا هئا. ڪيڏو اهو عجيب وقت هيو ! ڪيڏي اها حسين ڪچهري هوندي هئي ! ڪيڏو اهو بخت وارو ماڻهو هيو جنهن سان منهنجا مرشد ڪريم ڪلاڪن جا ڪلاڪ رس رهاڻيون ڪندا هئا. علمِ باطن جا اندروني احوال اوريندا هئا.

جي ها اهو فقير باتدبير جناب محترم فقير "عبد القادر" سومرو هيو. سندس اصل نالو " صفر فقير " هيو . پوءِ مرشدن ڪريمن ڪيس عبدالقادر جي حَسِين نالي سان سڏيو، تانجو پاڻ ماڻهن ۾ ان نالي سان مشهور ٿي ويو.

فقير صاحب سنڌي ۽ سرائيڪي زبان جو بهترين شاعر هيو. تصوف جي علم جو پارکُو هيو. نماڻائي ۽ نهٺائي جا منجهس مڻ هيا. ڪڏهن

ڪنهن کي هٿان نہ ايذايائين نہ ڏُکايائين.

هڪ ڏينهن مجلس ۾ منهنجا مرشد ڪريم ويٺل هئا. هڪ نعت خوان فقير سائين جي هڪ ڪافي پڙهي، مطلعہ مون کي اڃا تائين ياد آهي:

ڏُکن ڪا نہ ڏني ڪائي وارُ وِٿي،
گذريا سال وڃن پيا چيٽ ڪتي.

ان شعر تي حضرت مرشد ڪريم رحمت الله عليہ ڏاڍو گريو ڪيو.

هڪ ڀيري فقير عبد القادر جماعت جي ڪنهن فقير کان ڪجهہ قرض گهريو، اُنَ ڏيڻَ جي زبان بہ ڪيس. پر اتفاق سان عين وقت تي ان فقير کان پيسا ٿي نہ سگهيا. ان تي فقير عبد القادر تڙي ڪڙي هي بيت ٺاهيو:

مؤمنَ منهنجو ٻُڌُ بيان، ڏڪُ پَٽِيو ٿئي رک ڏيان،

سندس ان شعر تي حضرت مرشد ڪريم رحمت الله عليہ ڏاڍو محظوظ ٿيا ۽ کِليا. انهن ڏينهن کان مون کي فقير سائين جي شاعري سان لڳاءُ ٿي ويو. هڪ ڀيري مون فقير سائين کان سندس ديوان پڙهڻ لاءِ ورتو. گهڻين مصروفيتن سبب آءٌ پڙهي ڪو نہ سگهيس. ان وچ ۾ فقير سائين هڪ بہ ڀيرو ڪتاب جي گُهر بہ ڪئي. مگر مون کان سُستي ٿيندي رهي. هڪ ڏينهن هڪ شعر ٺاهي موڪليائين:

سائين ڪرم الله تو تي ڪرم ڪريم،
ڪتاب "عبد القادر" چئي ڇا کان نہ تو ڏينِم؟
حياءُ ڪيڏو حليم تہ بہ ڪرين نہ غور غريب جو.

پوءِ ڪتاب تہ ڪيس موٽائي ڏنم پر دل ۾ اهو ارادو ڪيم تہ زندگي ۾ اگر الله ڪريم ڪو موقعو ڏنو تہ فقير سائين جي ڪلام کي ضرور شايع

كندس. الله كريم محض پنهنجي فضل سان اڄ ان ارادي جي تڪميل فرمائي آهي. فقير سائين جو ڪلام پيش آهي.

## فقير عبد القادر رحمت الله عليه جو مختصر تعارف

**آباءُ و اجداد:**

فقير سائين جو تعلق سنڌ جي مشهور ۽ معروف "سومرو" قبيلي سان آهي. چون ٿا تہ سندن ڏاڏنگ ۾ هڪ تمام صوفي صالح بزرگ ٿي گذريو آهي، جنهن جو نالو خواجہ ابراهيم هيو. جيڪو "آبُو فقير" جي نالي سان مشهور هيو. انجي رهائش ٿرپارڪر ضلعہ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ هئي. پاڻ باڪرامت بزرگ هيو. ڪيس ڇهہ پٽ پيدا ٿيا. جن جا نالا هن طرح آهن:

1. لاڪو 2. شهمير 3. يونس 4. جهانگي 5. ٻهارو 6. هاشم.

اهي سڀ درويش ۽ اهلِ دل فقير هئا. انهن ڪان ڪيترين ئي ڪرامتن جو ظهور پڻ ٿيو. لاڪي فقير جي اولاد مان هڪ فرد نالي مُلا جيوڻ اتان هجرت ڪري تعلقہ جوهي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ راڄي ديري ۾ ڪجهہ وقت سڪونت اختيار ڪئي. ان وقت توڙ ڳوٺ جو نيڪ مرد رئيس ڏاتو خان لغاري سندس عقيدتمند هيو. جنهن پنهنجي زمين مان هڪ نمبر سندس حوالي ڪيو. فقير مُلا جيوڻ کي هڪ پٽ پيدا ٿيو، جنهن جو نالو فقير "الله رکيو" رکيائين.

جيڪو راڄي ديري مان نقل مڪاني ڪري ڳوٺ صوڀو خان لغاري ڀرسان ان مِليل زمين جي نمبر ۾ پنهنجو ڳوٺ اڏي ويٺو. الله ڪريم ان کي پنج پٽ عطا ڪيا.

1. لاکو 2. خدا بخش 3. آندل 4. محمد صفر 5. ڏولڻ.

انهن پنجن پٽن مان ٻئي نمبر پٽ خدا بخش کي ٻه پٽ ٿيا. پهريون فقير ملا الله رکيو. ٻيو ملا جيوڻ. وري فقير الله رکيو کي پنج پٽ ٿيا. انهن مان ٻيو نمبر پٽ فقير عبدالقادر هيو.

**فقير الله رکيو:** فقير عبدالقادر جو والد گرامي فقير ملا الله رکيو پنهنجي علائقي ۾ ستن قومن جو استاد هيو. پاڻ عالم نه هيو پر گهٽي ديني ڄاڻ رکندو هيو. پنهنجي ڳوٺ ۾ امامت خطابت ڪندو هيو. جمعه نماز، جنازه نماز، ختمو درود، دفن ڪفن ۽ ديني مسئلن بابت ماڻهن جي رهنمائي ڪندو هيو. فقير صاحب ٻه شاديون ڪيون. پهرئين گهرواري جو نالو "شاڻي" هيو جنهن مان ڪيس هڪ پٽ جو اولاد ٿيو جنهن جو نالو چتو فقير هيو. سندس ٻي گهرواري جو نالو آمنه هيو جنهن مان ڪيس چار پٽ پيدا ٿيا.

1. فقير عبدالقادر: جنهن جو هي ڪلام پيش آهي.
2. سلطان فقير: هي نهايت نيڪ مرد صوفي صفت ٻانهو آهي.
3. مولانا مولوي گل حسن: پاڻ عالم باعمل آهن. هن فقير راقم الحروف (ڪرم الله) جا استاد آهن.
4. عبدالله عرف بلو جيڪو ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو.
5. مريم ٻيبي جيڪا احمد فقير جي نڪاح ۾ آهي.

**ولادت با سعادت :** فقير عبد القادر جي ولادت ڳوٺ صوڀو خان لغاري ۾ ٿي. والد صاحب سندس "محمد صفر" رکيو.

**تعليم :** ان وقت پرائمري تعليم ست درجا فائينل هوندي هئي. فقير صاحب پنهنجي ڳوٺ کان ٻه ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي ڳوٺ ٺوڙ ۾ سنڌي پنج درجا پاس ڪيا. ٺوڙ ڳوٺ ۾ استاد عبدالمجيد لغاري وٽ ناظره  قرآن مجيد پڙهيائين.

**شادي ۽ اولاد :** فقير سائين جي  شادي سندس سڳي سؤٽِ مسمات سائڻ سان ٿي. جنهن مان ڪيس ٽي پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون. ٽي نياڻيون ننڍپڻ ۾ وفات ڪري ويون. انهن ٽنهين نياڻين جو نالو بلقيسہ هيو. باقي ٽي پٽ ۽ ٻه نياڻيون حيات آهن.

**پهريون فرزند :** فقير سراج الدين جيڪو طب  نبوي جي پيشي سان واڳيل آهي. دادو شهر ۾ سندس "ڪرمي شفا خانو" آهي، جتي پاڻ مختلف بيمارين جو علاج ڪري ٿو. الله ڪريم ڪيس هٿ شفا ٻہ ڏني آهي. وڏن ڊاڪٽرن جا موٽايل مريض ٻہ سندس علاج سان شفاياب ٿي پون ٿا.

**ٻيو فرزند :** فقير صاحب جو ٻيو فرزند فقير نظام الدين آهي. جيڪو پڻ شاعر ۽ نعت خوان آهي. طبيعت جو اپوجهہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن پيءُ سان عجيب انگل ڪندو هيو. سندن گهر ۾ هڪ وڻ هوندو هيو. هڪ ڏينهن نظام الدين ان وڻ تي چڙهي پيءُ کي چيو اچ مون کي ڪڪڙ جو ٻوڙ کارايو نہ تہ وڻ تان هيٺ ٽو پاڻُ ڪيرايان. پوءِ اول ڪڪڙ کي سير وڏي وئي پوءِ پاڻ هيٺ لٿو. ڪڪڙ کائي قرار ورتائين.

**ٽيون فرزند :** فقير سائين جو ٽيون فرزند فقير شهاب الدين آهي اهو بہ طب جي پيشي سان لاڳاپيل آهي. فارسي جا ڪجھ ڪتاب هن فقير راقم الحروف وٽ پڙهيو آهي. شهر دادو نئين بس اسٽاپ تي سندس شفاخانو ”دلبر دواخانو“ نالي سان مشهور آهي. حڪمت سان گڏ تبليغ بہ ڪندو آهي.

**نياڻي** زيب النساء عبدالله عرف ڪالو جي نڪاح ۾ آهي.

**ٻين نياڻي:** ام سلمہ نالي ، فقير ”سيف الله“ جي نڪاح ۾ آهي.

## فقيري ۽ سير و سلوڪ

**خان محمد فقير جي صحبت:** فقير عبد القادر رحمت الله عليہ پنهنجي فقيري جو آغاز فقير خان محمد لغاري جي صحبتن ڪان ڪيو. جيڪو سندن ڳوٺ جي مسجد جو امام هيو ۽ حضرت ميان محمود ٻوڙن لاڪيرن واري رحمت الله عليہ جو فيض يافتہ مريد هيو. اهو جڏهن محبت ۽ معرفت جون ڳالهيون ڪندو هيو تہ پاڻ بہ روئندو ۽ ٻين کي بہ روئاري ڇڏيندو هيو. فقير عبد القادر فرمائيندو هيو تہ مذڪوره فقير جي صحبت ۾ ويهي مون کي ان ڳالھ جو ڏاڍو احساس ٿيو تہ جيڪر آءٌ حضرت ميان محمود جي صحبت ۾ ويهان ها ڪانئن علمِ باطن پرايان ها. پوءِ دل ۾ اها طلب ۽ تڙپ رهندي هئي تہ جيڪر ڪو ڪامل مرشد ملي جيڪو اندر اوجاري ۽ سينو سنواري.

**تلاشِ منزل :** فقير صاحب جن فرمايو تہ هڪ ڏينهن گهر ويٺو هيس تہ منهنجو سؤٽ آندل فقير آيو چوڻ لڳو صفر فقير اڄ رات مون خواب لڌو آهي. هڪڙو نوراني شخص سفيد ڏاڙهي اٿس، چپڙا گلابي، ڪُلاهہ تي پٽڪو ٻڌل اٿس هزارين فقير گڏ اٿس الله الله جي ٻولي هلي رهي آهي. اهڙو حسين چهرو مون ڪڏهن ڪونہ ڏٺو. پر خدا جو قسم مان ڏسڻ سان حيران ٿي ويس. اتان ڪنهن فقير کان پڇا ڪيم هي ڪير شخص آهي؟ ان ٻڌايو تہ صفر فقير جو مرشد آهي. تون نہ ٿو سڃاڻين ڇا؟ پوءِ مان سجاڳ ٿي پيس وڌيڪ خبر ناهي اهو ڇا ڏٺم. آندل فقير جو اهو خواب ٻڌي منهنجي دل وڌيڪ بيقرار ٿي وئي اهو مرشد ڪامل ڪڏهن ڪٿي ۽ ڪيئن ملندو!!

**سائين قبلہ مشوري** رحمت الله عليہ **جي صحبت ۾ :**

فقير صاحب فرمايو تہ: منهنجو ديرينہ دوست ميان رسول بخش لغاري حضرت خواجہ محمد قاسم مشوري رحمت الله عليہ جو مريد هيو. منهنجي طلب ۽ تڙپ ڪي ڏسي مون کي چيائين تہ: منهنجو مرشد قبلہ مشوري صاحب ظاهر باشرع باطن با خدا ظاهري وڏو عالم آهي. تون هلي ان سان بيعت ڪر. مون فقير رسول بخش لغاري کي خط لکي ڏنو. ان خط ۾ عرض ڪيم سائين توهان مون کي پنهنجي طريقت ۾ داخل ڪريو، وقت مليو تہ روبرو اچي حاضر ٿيندس. پوءِ بزرگن خط ذريعي ورد وظيفا ذڪر جون تسبيون لکي موڪليون. اهي پڙهڻ شروع ڪيم ٿورن ڏينهن کان پوءِ فقير رسول بخش جي معرفت سان زيارت جو شرف نصيب ٿيو ۽ سندس صحبت ۾ بہ ڪجهہ وقت رهيس.

**راشدي سان رِهاڻيون:**

فقير صاحب رحمت الله عليہ فرمائيندو هيو تہ سيد پير غلام شاهہ راشدي اسان جو ابي ڏاڏي پير هيو. اسان وٽ سندس گهڻو اچڻ وڃڻ هوندو هيو. آءٌ اڪثر ڪيس چوندو هيس تہ جيڪڏهن توهان اسان جا مرشد آهيو تہ اسان کي الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي محبت جو سبق چو نہ ٿا سيکاريو. پير صاحب جواب ڏيندو هيو توهان اسان جا ابي ڏاڏي مريد آهيو. الله الله پيا ڪريو توهان کي سڀ ڪجهہ ملي ويندو. ان ڳالهہ تي دل مطمئن نہ ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائين جيڪو توهان اسان کان گهرو ٿا اهو اسان وٽ ڪونهي باقي توهان کي ڏس ٿو ڏيان. پنجاب مان هڪ پير آيو آهي جيڪو ڪڇي جي علائقي ۾ دين پور ۾ رهي ٿو. مون پاڻ ڪونہ ڏٺو آهي باقي ٻڌو اٿم وڏو خدا جو پيارو ٻانهو آهي. جنهن جي ڏسڻ سان الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي ياد ۽ محبت ملي وڃي ٿي. ڪيترا ماڻهو ان جي ڏسڻ سان بيهوش ٿي وڃن ٿا، جيڪا شيءِ توهان چاهيو ٿا اها شيءِ توهان کي ان وٽ ملي ويندي.

**پير مٺا سائين** رحمت الله عليہ **سان دست بيعت :**

فقير صاحب فرمايو تہ: مونکي جڏهن پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي پروڙ پئي تہ پنهنجن دوستن ۽ رفيقن سان صلاح ڪيم تہ ان پير جي هلي زيارت ڪيون. انهن دوستن مان محمد عثمان عرف ڇٽل فقير قاضي فتح محمد، حاجي عبدالواحد، بخشل فقير سان گڏجي دينپور روانا ٿياسين. شدت جي گرمي هئي. جڏهن ڪڇي جي علائقي ۾ لٿاسين. هڪ سخت گرمي ٻيو مڇرن جا ڪارا ڪڪر ڇائنيل هئا.

جڏهن دين پور درگاهہ تي پهتاسين سائينجن اڳا حويلي اندر هئا. ڪيترا فقير جذبي ۾ بيهوش پيل هئا. اتي منهنجا رفيق سست ٿي چوڻ لڳا هي پير ڪيئن آهي جو مريدن کي بيهوش ٿو ڪري ڇڏي. خبر ناهي اسان جو ڇا حال ڪندو؟ ان تي آءُ بہ ڪجهہ سست ٿي پيس. ايتري ۾ پير مٺا سائين حويلي کان مسجد شريف ۾ جلوه نما ٿيا. سندن صورت ڏسي مون کي منهنجي سوٽ آنڌل فقير وارو خواب ياد اچي ويو. سمجهيم تہ هي جوان اهو ساڳيو آهي. پهريائين نماز تي بعد ۾ ذڪر جي دعوت ڏنائون. مون بہ ويجهو وڃي ذڪر پڇيو. جنهن مهل پاڻ قلب تي آڱر رکيائون تہ دل الله جي ذڪر ۾ شروع ٿي ويئي سائينجن جي ٻولي ڏيڍي سرائيڪي هئي. ذڪر جي تلقين ڪرڻ مهل فرمائڻ لڳا :

"بھائی دل کوں سِدھا رکھو دل سِدھی ھوسیں تہ انھیں وچ کجھ پوسیں جے دل اوندھی ھوسیں انھں وچ کجھ نہ پوسیں۔ اھے جیکے لوگ بیھوش پئے ڈیکھدے او اھے اللہ دی محبت وچ بیھوش ھن۔ "

اسان رات رهياسين صبح جو جڏهن سائينجن کان موڪلائڻ لڳا سين. پاڻ فرمايائون: "بھائی کتھوں آئے او؟" اسان جواب ڏنوسين نئين گاج واري ڀهاڙي علائقي کان آيا آهيون. فرمايائون:

اتھاں رہ پئو یارھیں شریف وچ باقی ھکڑا ڈینھں ہے۔

اسان چيو اسان کي جلسي جي خبر ڪا نہ هئي. انشاء الله ٻئي دفعي اسان جلسي واري تاريخ تي ايندا سين. پاڻ فرمائڻ لڳا :

بھائی میں تساں کوں اجازت ڈیندا پیاں ونجو بھلی پر ول واپس آوڻ دی کریا ھووے کیوں جو تساں اتھاں آ میں پردیسی دی دل کَھسِی ویندے او ائیں نہ تھیوے جو تساں ول نہ آوو میں پیٹھا تساں ڈیاں راھاں نہاراں۔

پير مٺا سائين جي اهڙي پيار وارن لفظن دل موهي وڌي. اکين مان لڙڪ وهي پيا. رڳ رڳ ۾ ذکر جي تنوار شروع ٿي ويئي. جڏهن دين پور درگاهه کان واپس موٽي خيرپور ناٿن شاهه پهتاسين رفيقن چيو ته رات هلي ڪرڪٽ ۾ قاضي خدا بخش وٽ ٽِڪا رهون. ساڻس اسان جي وڏن کان دوستاڻا تعلقات هئا. اتي رات رهي صبح جو سوير ڳوٺ هليا ويندا سين. جڏهن ڪرڪٽ ۾ پهتاسين ته خبر پئي قاضي خدا بخش جو پٽ حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليه پير مٺا سائين رحمت الله عليه جو دست بيعت ٿي آيو آهي. اها ڳالهه ٻڌڻ سان اجا خوشي وڌي ويئي.

**حضرت خواجه محبوب الاهي ﷫ سان پهرين ملاقات:**

فقير عبد القادر فرمايو ته جڏهن ڪرڪٽ پهتاسين، حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليه سان ملاقات ٿي پاڻ نهايت پيار ۽ پاٻوهه سان مليا. اسان جي وڏي آجيان ۽ آڌر ڀاءُ ڪيائون. جڏهن اسان عرض ڪيو ته اسان پير مٺا سائين کان ذکر پڇي آيا آهيون ان تي پاڻ تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ پير سائين جي صحبت ۾ بار بار وڃڻ جو گهڻو تاڪيد ڪيائون.

پوءِ جڏهن ٻئي مهيني يارهين شريف تي دينپور پهتاسين ته پير مٺا سائين رحمت الله عليه فرمايو توهان پاڻ ۾ صلاح ڪري متفق ٿي اچو جنهن خليفي تي توهان جو اعتماد ٿئي، ته تبليغ لاءِ توهان وٽ ان خليفي کي تبليغ لاءِ مقرر ڪيون. ان تي عثمان فقير ۽ بخشل فقير اها راءِ ظاهر ڪئي ته عبدالله اههجي سائينجن کان گهُر ڪيون. ان راءِ کي مون ٺُڪرائي ڇڏيو. عثمان فقير چيو تون ڇا ٿو چوين. مون انهن کي چيو هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه نه آهي.

هي زندگي جو مسئلو آهي اسان کي خليفو اهو کپي جيڪو عالم هجي. انهن فقيرن چيو وڏيڪ توهان جي مرضي. پوءِ مون انهن کي اها صلاح ڏني پير مٺا سائين کان سائين محبوب الاهي رحمة الله عليه جي گهر ٿا ڪيون. اسان کي اهو خليفو مقرر ڪري ڏيو. ان ڳالهه کي سڀني فقيرن خوشيءَ سان قبول ڪيو. اسان سڀئي فقير گڏجي پير مٺا سائين کي ٻانهون ٻڌي عرض ڪيوسين قبلا اسان کي خليفه سائين الاهي بخش (محبوب الاهي)مقرر ڪري ڏيو. پير مٺا سائين جن ڪين گهرائي فرمايو:

مولوی صاحب پہاڑی علائقے دے فقیریں تساں ڈی گھر کیتی اے اهو علائقا تساں ڈے حوالے هے تساں ونج اتهاں دین دی خدمت کرو۔

حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ ان ڳالهه کي خوشي سان قبول ڪيو پوءِ ڪاڇي ۾ سائين جن تبليغ جا پروگرام ڏنا. دولتاٽي شهر ۾ جمعه نماز ڪونه ٿيندي هئي ستر پردو ڪونه هيو. جاهلانه ماحول هيو پوءِ جڏهن حضرت محبوب الاهي ڪاڇي ۾ قدم رکيا ڪاڇي کي دين جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيائون. سوين ماٺهو ڏاڙهي، ڏنڊڻ، پٽڪي وارا، پنج وقت نمازي، تهجد گذار بڻجي پيا. عورتن کي ستر پردو نصيب ٿيو. عورتون به پنج وقت نماز سان گڏ تهجد گذار ٿي ويون. پوءِ پاڻ جماعتون قطاري حضرت پير مٺا ڪريم رحمت الله عليہ جي صحبت ۾ وٺي ويندا هئا.

فقير عبدالقادر کي پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي صحبتن مان خوب مستفيض ٿيڻ جو موقعو مليو. ان سان گڏ ديس پرديس ۾ حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ جو همدم، همقدم ۽ ساٿي رهيو.

**بيعتِ ثانيہ:** حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي وصال پر ملال بعد ڪاڇي جي اڪثر جماعت وانگر فقير عبد القادر بہ حضرت پير روشن ضمير خواجہ محمد الاهي بخش "محبوب الاهي" جو دست بيعت ٿيو.

**بيعتِ ثالثہ:**

مرشدي و سيدي حضرت محبوب الاهي قدس الله سره العزيز قلبي و روحي فداه جي وصال بعد فقير عبد القادر رحمت الله عليہ هن فقير ناچيز راقم الحروف سان بيعتِ ثالثہ ڪئي ۽ اسباق نقشبنديہ جي تڪميل ڪيائين. الله ڪريم ڪيس باطن جي اعليٰ مقام تي فائز فرمايو هيو.

**استقامت:** مون ننڍپڻ کان فقير کي ڏٺو، سندس عادتن ۽ اخلاقن جو آءٌ اکين ڏٺو شاهد آهيان. فقير عبد القادر واقعي الله جو نوازيل ٻانهو هيو. پاڻ دين جي رستي عزم ۽ استقلال جو پهاڙ رهيو. ڪيس ڪيترائون ئي تڪليفون آيون پر هر موڙ تي دين جي راهہ تي گامزن رهيو. نماز ڪڏهن قضا ڪو نہ ڪيائين، ديس پرديس تهجد نہ ڇڏيائين. ڏاڙهي، ڏندڻ، پٽڪو سنت شريعت کان پوئتي نہ هٽيو. دنيا وارن جي درن تي ڪڏهن هٿ ڊگهو نہ ڪيائين. پنهنجي مرشد سان جا لاتائين سا توڙ نڀايائين. ڪڏهن ڪنهن غير شرعي ڪم ۾ شريڪ نہ ٿيو. ڪوڙ ڪڏهن ڪونہ ڳالهايائين. دوستن توڙي دشمنن کي ڪڏهن گار ڪونہ ڏنائين. درگاهہ شريف جي ٻارهين وارو جلسو بنا عذر جي ڪڏهن ڪو نہ ڇڏيائين. ڪڏهن ڪنهنجي امانت ۾ خيانت ڪونہ ڪيائين. ڪڏهن ڪنهن سان مڪر دغا بازي ڏوڪو ڪونہ ڪيائين هميشہ ڳالهہ سڌي ڪندو هيو. رمضان جا روزا ڪڏهن ڪو نہ ڇڏيائين.

بري ڪم ۾ ڪڏهن به ڪنهن جي مدد ڪونہ ڪيائين. هميشہ پنهنجي غريبي حال آهر مسڪينن جي مدد ڪيائين. پنهنجن پراون سان سٺو سلوڪ ڪيائين. ڪوڙي شاهدي ڪڏهن ڪونہ ڏنائين.

هڪ ڀيري جي ڳالهہ آهي تہ سندس ڳوٺ ۾ هڪ واقعو پيش آيو هڪ يتيم کي ڪنهن قتل ڪيو پوءِ ان جي ڳچيءَ ۾ رسو ٻڌي ڪنهن وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيائون. سڄو ڳوٺ ٽرٽلي ۾ اچي ويو. حد جي زميندار ملي ڀڳت ڪري پوليس سان شامل ٿي ڏوهي ڌر کان ڳري رقم وٺي خون لوڙهڻ تي چاهيو. ان يتيم جي جنازي کي فقير سائين غسل پاڻ ڏنو. جڏهن ڳالهہ ڪورٽ ۾ پهتي تہ جج چيو جنهن ملا غسل ڏنو آهي ان کي پيش ڪيو ان زميندار ۽ پوليس دٻاءُ وڌو توهان غسل ڏيندي جو ڪجهہ ڏٺو آهي اهو بيان متائي ڏجو. پاڻ فرمايائين ڪوڙي شاهدي مان ڪڏهن بہ ڪونہ ڏيندس جيڪو ڪجهہ غسل ڏيندي ڏٺو اٿم اهو بيان ڪندس. تنهن تي ڪجهہ لوفرن کيس ڌمڪيون ڏنيون توکي ڏسي رهنداسين. پاڻ چيائين توهان کي موڪل آهي آءٌ شاهدي غلط ڪونہ ڏيندس.

**تصوف سان لڳاءُ:** فقير عبد القادر رحمت الله عليہ کي الله تعاليٰ وڏي حافظي جي قوت عطا ڪئي هئي. جيڪو بہ ڪتاب پڙهندو هيو يا ڪا ڳالهہ ٻڌندو هيو تہ کيس ياد ٿي ويندي هئي. غزالي جا ڪتاب ڪيمياءِ سعادت ۽ احياء العلوم تہ ڄڻ کيس ياد هوندا هئا. ان کان علاوه خواجہ نظام الدين دهلوي جو ڪتاب فوائد الفؤاد، امام رباني جي مڪتوبات شريف، مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي ۽ ٻيا ڪتاب جهڙوڪ ارواح ثلثہ، خلفاءِ راشدين، تذڪرة الاولياء، تذڪرة الواعظين،

مولانا جلال الدين سيوطي جي تاريخ ۾ پيِن ڪيترن ڪتابن تي ڪيس عبور حاصل هيو. جڏهن تصوف جا نڪتا بيان ڪندو هيو تہ عالمن جا عقل حيرت ۾ پئجي ويندا هئا.

**بيماري ۽ وفات:**

فقير صاحب کي آخري ڏهاڙن ۾ وڏو بخار ٿي پيو. بخار جي شدت ۾ بيهوش ٿي پيو. ٻي ڳالهہ ٻولهہ بند ٿي ويس پر ذڪر جي تنوار جاري هيس. پاسي جي ٽنهين ڳوٺڻ جا ماڻهو ڏسڻ آيا. هر ڪنهن ڏٺو تہ فقير بيهوشي جي حالت ۾ بہ ذڪر ڪري رهيو هيو. هڪ آچر تي بيمار ٿيو وري ٻئي آچر تي صحت ڪجهہ صحيح ٿيس. ڳالهائڻ لڳو چيائين جيڪي ماڻهو ڏسڻ آيا هيم سيني کي سڃاڻان پيو پر ڳالهائي نہ پيو سگهان. پوءِ پنهنجي پٽ فقير شهاب الدين کي سڏيائين ۽ قلم ڪاغذ گهرايائين ۽ هي پنهنجي اولاد لاءِ دعا جي هي بيت لکيائين:

مولا مسافر منهنجا راحت ۾ رکجانءِ،
تسلي بخشي تن کي تون فائق فيض ڏجانءِ،
نظام الدين شهاب الدين تي ڪامل قرب ڪجانءِ
منهنجي سراج الدين سان ساٽي سوڙهہ ٽجانءِ،
وٺيو نيڪ نجانءِ صديقن جي ساٿ سان.

ٻيو بيت :

رک مسافر منهنجا امن ساڻ الله،
وٺي فيض فياض کان ڪرين روانو راهہ،
جيڪي ساهہ پساهہ خوش گذارن خير سان.

اهي بيت لکي ڪتاب رکيائين وري فقير شهاب الدين کي سڏي چيائين.
پٽ مان ست ڏينهن توهان جي نظرن ۾ بيهوش هيس پر حقيقت ۾ مان بيهوش
ڪونه هيس. ان عالم ۾ هڪ ڏينهن ڏسان پيو ته ماڻهو سفيد ڏاڙهي سان آيا
آهن هڪ هڪڙي ٻانهن پڪڙي ٻئي ٻي ٻانهن پڪڙي ڪٽي ڪنيو اٿن سڌو
مديني پاڪ ۾ محبوب ڪريم ﷺ جي روضي اطهر اڳيان لاٿو اٿن. اتي اهل
حياتي وارا ۽ اهل مماتي وارا بزرگ گڏ آهن. جن مان مون ڪن کي سڃاتو،
ڪن کي نه سڃاتو. مون انهن کان پڇا ڪئي محبوب ڪريم ﷺ جي مزار
انور ڇو بند آهي؟ اهي بزرگ چوڻ لڳا ڪنجي وارا هو ويٺا اٿئي. انهن کي
چئو ته دروازو کولن. مون انهن کي چيو ته دروازو کوليو. انهن انڪار ڪيو.
هڪ ماڻهو مون کي چيو ته ڪنجي وارن جي مٿان رئيس غلام رسول خان ٽوڙ
وارو مقرر ٿيل آهي. توهان ان کي چئو اهو پاڻهي دروازو کولائيندو. ايتري
۾ رئيس غلام رسول به اچي ويو ان بنا ڪنهن جي چوڻ جي دروازو کوليو ته ٻه
سفيد ڏاڙهي وارا ۽ مان ٽئي اندر داخل ٿياسين. پوءِ جيڪي اتي عنايتون
ٿيون آهن سي زبان سان بيان ڪري نه ٿو سگهان.

فقير صاحب اها ڳالهه اڃا ۾ ڇڏي وري مٿس بخار جو شديد حملو ٿيو.
اربعاءِ ۽ خميس ۽ جمعه جي ڏينهن بيهوش رهيو. آخر جمعي جي ڏينهن 29
جمادي الاول 1415ھ ته لڳي ٻتيهه منٽن تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري
دار البقا طرف روانو ٿيو. انا لله وانا اليه راجعون.

سندس پورو گهراڻو اڄ به ڪرمي غفاري جماعت سان وابسته آهي. الله
ڪريم فقير صاحب جي پوري گهراڻي کي شاد آباد رکي.

# فقير عبد القادر جي شاعري تي هڪ نظر

فقير سائين رحمت الله عليہ ٽِئِن ٻولين فارسي، اردو، سرائيڪي ۽ سنڌي ۾ شاعري ڪئي آهي. سندس شاعري ۽ شعرن جو گهڻو حصو سنڌي ٻولي ۾ آهي. شاعري ڏاڍي اثرائتي اٿس. الله ڪريم ڪيس شاعري جو اهو فن عطا ڪيو هيو جو ڪا ڳالهہ پڙهندو هيو يا ڪنهن الله واري کان ٻڌندو هيو يا ڪو واقعو ڏسندو هيو تہ ان کي شعرن ۾ قلمبند ڪري ڇڏيندو هيو.

پاڻ شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. جيئن:بيت، دوهيڙا، غزل ، ڪافيون، مداحون، مناجاتون وغيره. پاڻ پنهنجو شاعراڻو تخلص "سومرو" رکيو اٿس. يا وري پنهنجو نالو "عبد القادر" بطور تخلص جي استعمال ڪيو اٿس. سندس شاعري ۾ محبت ۽ پيار نماڻائي ۽ نهٺائي نمايان نظر اچي ٿي. ٻولي ڏاڍي سهل ۽ من موهيندڙ اٿس. تصوف جا نڪتا ڏاڍي دلڪش انداز ۾ بيان ڪري ٿو. هڪ جاءِ تي فرمائي ٿو:

ٻوڙو تي تون ٻڌ، اندر جي آواز کي،
ڏس بنا ڏسڻ جي، تہ ساري پوَئي سُڌ،
چئي "عبدالقادر" اندر ۾، خالق اٿئي خود،
ڪري جوانَ جُهد، مالڪ ساڻ ملي ويا.

ٻانهن مٿان الله جي انعامن ۽ احسانن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

بندن لئي تو بخت بنايا، تازا تجمل تخت بنايا،
گهوڙا مهري مست بنايا، سواري جا سامان.
پوڪون راهون ڪٽڪون ساريون، سرهه ڄانيو ڄوَ جواريون،
واڱڻ بصر ٻاجهر ٻاريون، ڇڻا متر ۽ دال دڪان.
گدرا ونگا ميها ڇاهيون، للر لوٽڪ سبزيون سايون،
ساڳ مريڙا پاڇيون پايون، غربت جو گذران.
موريون توريون گوگڙو گجر، گوبي پالڪ سوئا سجر،
ساڳ سرهه جا ٻارُو ڳنر، ڏاٽا وڏف مرچ مڪان.
ڪيئي اپايئي انب انار، ميوا منڙا مزيدار،
صوف سنگترا بيشمار، خوش رکن پيا روح ريان.
پليون پيتا ڪدو ڪريلا، ڪڪڙ مرغيون ٻڪرا ڇيلا،
جهر جهنگن ۾، پيرون ڏيلها ڪيلا ڪشمش پيي بستان.
ڪيئي اپايئي انب انار، نارنگيون ۽ ناريل هزار،
مالٽا موسميون ڪوڙ خرار، خوش ڪرين پيو دل ديان.
مڪئي صوفي ٻير ڪجور، ڄمون ليمان ڊاک انگور،
نيلا پيلا نيٽن نور، دل چوي تان وَتَ وتان.

فقير سائين حبيب عربي ﷺ حب ۽ عشق ۾ پرپور نظر اچي ٿو. سندس عقيدا جماعت اهلسنت وارا آهن. پنهنجي عقيدن کي ڏاڍي پياري انداز ۾ بيان ڪري ٿو. هڪ جاءِ تي نورِ محمدي (ﷺ) جي تخليقِ اول جو ذڪر هنن پيارن لفظن ۾ ڪري رهيو آهي:

اول نور نبيءَ جو نشان ٿيو، پوءِ پيدا سارو جهان ٿيو
آدم ڪين هيو نہ عرفات جبل، عيسيٰ موسيٰ جو نہ هو نالو اصل،
نڪي مَلَڪَ مقرب موت اجل، نہ عالم جو ڪوئي ايوان هيو.
نڪي دوزخ هئي نڪي بهشت بڻيو، نڪي ماءُ ڪمين نہ هو ٻچڙو ڄڻيو،
اهڙو مالڪ ڪي آ محبوب وڻيو، راضي رازق خود رحمان ٿيو.
نڪي بوند بدل جي برسات هئي، نڪي ڏينهن هيو نہ ڪي رات هئي،
اتي مرسل جي ظاهر ذات هئي، جتي ملڪ نڪي ڪو مڪان هيو
نڪي حجر شجر نڪي حور مَلَڪ، نڪي زير زمين نڪي فوق فلڪ،
اتي نور محمد لاتي جهلڪ، جتي غالب ڪين گمان ٿيو.

ظاهر جي عالمن کي جيڪي غير کان گُهرڻَ کي شرڪ ڪوٺن ٿا ۽ خود در در تي چندي لاءِ پِنن ٿا اهڙن مولوين کي ڇيڻيءِ ڪيڏندي فرمائي ٿو:

مُوَحِّدُ چوائين مولوي، دَارُ الدَيُوبَنُد،
بُتَ رکيا تئي ڍانبي ۾، غيرن وارا گند،
مدد وٺين مخلوق کان، مُشڪل واري هنڌ،
ڪمڙو ڪٽي ڪنڌ، ڳالهائيندين ڳوٺ سان.

مجاهدي ۽ مشاهدي واري نُڪتي کي ۽ فنا في الشيخ جي اصول کي هن عجيب انداز ۾ بيان ڪري ٿو:

جيڏو جُهد جن جو، تيڏو تن ڪمال،
فَنُ فنا في الشيخ جو، حاصل ڪيائون حال،
روئندي رنج فراق ۾، ڪيئون رت رُمال،
جانب جي جمال، سارا سُک ڦِتايا.

صوفياءِ ڪرام جي منزلن، فنا في الشيخ فنا في الرسول ۽ فنا في الله ۽ بقا بالله جي وضاحت هنن الفاظن ۾ بيان ڪري رهيو آهي:

جيڏو عروج جن جو، تيڏو تن نزول،
فَنُ فَنَا فِي الشيخ جي، ڪيا فاني في الرسول،
فنا في الله بقا بالله ۾، ويراڳين وصول،
اهو "عبدالقادر" چئي عُشاقن اصول،
مرد اهي مقبول، سرها ڏنم سات ۾.

باطن جي زمين ۾ معرفت جو ٻج پوکڻ ۽ اها پوک پچائڻ جي ترغيب ڏيندي فرمائي ٿو:

اٿي جن اسر، پوکيو ٻج ٻني،
ڪيئون الله آسرو، توڪل منجهه تني،
عشاقن انهي، سَلا سِڪَ ڇمايا.

دولتِ باطن جو بيان ڪندي سُتن کي جاڳائيندي فقير سائين فرمائي ٿو:

هيرا موتي لعل، اٿئي دولت ساري دل ۾،
کول خزانو دل جو، ته لهين قرب ڪمال،
اندر شوق اندر ذوق، اندر نور جمال،
اندر بخت اندر تخت، اندر يار وصال،
ٿيا نيڪ نِهال، ساجن پسي "سومرا".

الله جي عارفن ، صالح ٻانهن جي صحبت جي اثرات، فوائد ۽ ثمرات ۽ انهن عارفن جي صحبت ۾ وجي ويهڻ ۽ فيض پرائڻ جي سهڻي صلاح هن سهڻن لفظن ۾ ڏئي ٿو.

کو دم ڪامل جي، وڃي گهار گهرن،
اڄو ڪندئي آنَ جان تُوتَڙَ ڪڍي تَنَ،
صبح سانجهي "سومرا"، پيرا ڪَجُ پَلن،
ڏوئي ميرا مَن، پهچائني پرينءَ ڪي.

مرشد جي شهر ماتلي مٿان مهر جا مينهن وسڻ جي خواهش هنن لفظن ۾ ڪري رهيو آهي:

ڪئي ڪڪر ڪامل جي، چينل چوٽ چمڪ،
مشرق پاسي ماتلي، لاٿئين جوت جهلڪ،
سڪ منجهان چئي "سومرو"، آئي ڪوڙ خلق،
ڀاني برحق، ڪيئي نينهن نوازيا.

سانوڻ ڪاڻ سِڪندي عرض ڪري رهيو آهي:

سارنگ سنيري آيو، جهولا ويا جُهلي،
ساوڻ جي ڪا "سومرا"، هنئڙي هير گهُلي،
لٿا درد ڪُلي، جو جاني آيو جوءِ ۾.

مينهن وسڻ بعد ٻروچن جي ٻارن جي خوشي جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو

جهنگ اُٺا جهر اُٺا، اُٺو جام جبل،
ٻروچن جا ٻارڙا، پيا ڳائن گيت غزل،
ساوا ٿيا "سومرا"، موٽي ماڳ محل،
فائق جي فضل، وچڙيا مارو ميڙيا.

پنهجي معاشري جي ڏکن ڏوجهرن جو بيان ۽ مينهن وسڻ بعد الله جا شڪر ادا ڪندي فرمائي ٿو:

پاڻي نہ هو پيئڻ لاءِ، اڄ ٻُڌو عرضُ الله،
ڇڪي ڇڪي ڪوهہ تان، ويو سَنڌن منجهان ساهہ،
پڪي پڪڻ آدمي، هيا تن تباهہ،
وهي آيا واهہ، ڪيڏا ڪرم ڪريم جا.

مرشدن جي جدائي ۾ پنهنجي هيٺي حال جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:

سنگت وئي ساٿ ويو، ۽ ويو سج لهي،
ڏکيا پنڌ پهاڙ جا، رڻ ۾ رات پئي،
طاقت وارو تن مان، ويو وقت وهي،
"سومري" صحيح ڪيو، فن فراق جو.

ماروئڙن ڪي ياد ڪندي عجيب محبت ڀرئي انداز ۾ بيان ڪري ٿو:

وڃي جڏهن ويڙيچن لاتيون ٿر ۾ ٽاڪُون،
ماريو آهي مارن انهيءَ ڏينهن لاڪون.
ڪَيَسِ قيدُ قابو بيوس هتڙي باندي،
آهيان ان وطن لئي ميان سخت ماندي،
جدائي جا جيءَ ۾ ڏين چير چاڪون.
ڪريان دانهن فرياد شب روز روئي،
هلي ڪين حيلو نہ سُڻي ڪُوڪَ ڪوئي،
اڏيون آٽي سورن اندر ۾ اوطاقون.
چڙهي چوٽ ماڙي ڏسي ڏيهہ اباڻو،
ڪنوڻ خوب ڪنوڻو ڪيو مينهن مانباڻو،
جهجي جيءُ جهوري ساري ملڪ ماڪون.

سرتيون سياڳيون سي پاسي پنهوارن،
سدائين سانگين سان پيون گڏ گذارن،
رليس آءُ هڪڙي جڙي هس جڏانڪون.
چئي "عبدالقادر" ڪندو ڏينهن مولا،
ڏسان منڙا مارو لهن اکين اولا،
ٽينديون معاف مون تان ماٺهن جون مذاقون.

فقير صاحبُ پنهنجي شعرن جي ذريعي سڪ جا سبق سيکاري ويو آهي. الله ڪريم پنهنجي ڪرم جا ڪروڙين ڪڪر سندس مزار مٿان وسائي. سندس اهل اولاد کي شاد آباد صالح ۽ نيڪوڪار بنائي.

آمين يا رب العالمين.

بقلم

فقير ڪرم الله قادري نقشبندي

دربار فضل آباد شريف ماتلي ضلعہ بدين سنڌ

اڱارو 17 جمادي الثاني 1431 هـ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

**مسلمانن ۾ اي مولا :**

مسلمانن ۾ اي مولا ٻڌي اتفاق پيدا ڪر،
رهين جنهن سان تون رب راضي اهو اِدراڪ پيدا ڪر.
ٿيون تابع محمد جا، اوهان جي دوست احمد جا،
سِکون اوصاف احمد جا، اهو اخلاق پيدا ڪر.
ڪيون محبت مسلماني، ٿين جهيڙا جنگيون فاني،
ڏيو قوت ڪا ايماني، مرد مشتاق پيدا ڪر.
جُوا رشوت زنا زوري، غنڊا گردي ظلم چوري،
ڦُرون ڏاڙا چغلخوري، ڪو حاڪم پاڪ پيدا ڪر.
لَڙي پيا لوڪ لالچ ۾، لڳي ڪاوڙ ڇَوڙَ سچ ۾،
مرن ماٺهون پيا مَچ ۾، تني ترياق پيدا ڪر.
وٺون رستو شريعت جو، حقاني حق حقيقت جو،
اهو تازو طريقت جو، سبق اسباق پيدا ڪر.
غنڊا گردي وڌي واڪا ، ڪرن پيا آدمي اغوا،
اُهي رهزن ڪيو رُسوا، ڪا حق جي هاڪ پيدا ڪر.
جيڪي مسلم ممالڪ هِن، هم آهنگ سڀ هڪ ٿين،
لڳي سردار جي سڪ تن، فڪر فراق پيدا ڪر.
”عبدالقادر“ چوي گولو، تنهنجي آ قرب جو ڳولو،
ٻِلا لاهين اهو ٻولو، اهي عُشاق پيدا ڪر.

## سخي سلطان پيدا ڪر:

اسان جي حال تي حاڪمُ ، ڪو ربَّ رحمانَ پيدا ڪر،
عدل انصاف وارو ڪو، سخي سلطان پيدا ڪر.
وجن وايون هتئون هاڻي، ريا رشوت منجهئون ٽاڻي،
عملدارن اندر پاڻهي، اهڙا انسان پيدا ڪر.
عملدارن ڪامورن سان، رکيائون چاهه چورن سان،
ڇڏايو لُچ لغورن ڪان، اهو احسان پيدا ڪر.
ويا اشراف اڄ ٿي تنگ، نہ ڪو نيڪن سڃاڻي ننگ،
وئي آ دشمني ٿي دنگ، حيا ايمان پيدا ڪر.
شرم ناهي شريفن جو، غريبن ۽ يتيمن جو،
نہ ساٿي ڪو سقيمن جو، اهو دل جان پيدا ڪر.
جيڪر دانهِي ڪري دعويٰ، چون آهي اها افواهہ،
ملي راشي اگر رشوا، چون چالان پيدا ڪر.
ڏنئي عَملن مٿي عملا، هڻن پيا رشوتي رَملا،
ٿيا هيڻن مٿي حملا، عدل ايمان پيدا ڪر.
”عبدالقادر“ جي هي آزي، ٻڌي دانهون رهين راضي،
عدل انصاف جا قاضي، منجهہ پاڪستان پيدا ڪر.

بے سرء سامان ہوں تیرا خدا، مجرم بدکار ہوں جاہل جدا
توئی غالب تو غنی توئی غفار، تیرے آگے راز اخفی آشکار

### ٻڌي اتفاق پيدا ڪر:

مسلمانن ۾ اي مولا ٻڌي اتفاق پيدا ڪر،
لهي ڀُل جا وڃن ڀولا ٻڌي اتفاق پيدا ڪر.
حڪومت تي وڙهن هڪڙا، مسئلن تي ميان مُلڙا،
لاهي سڀ اهي اولا، ٻڌي اتفاق پيدا ڪر.
سڄي دنيا ۾ جنگ جاري، رهيو هاري نڪو ناري،
فقيرن جي کھڙي ڦولا، ٻڌي اتفاق پيدا ڪر.
رهي ناهي رفيقن ۾، حياداري حريفن ۾،
گھلي ويا گرمي جا جھولا، ٻڌي اتفاق پيدا ڪر.
ويا تي پُٽ پاڙا تنگ، ويو ڀائرن مان نڪري ننگ،
پيا راڄن اندر رولا، ٻڌي اتفاق پيدا ڪر.
پيو گھر گھر هلي جهيڙو، واندو ناهي ڪوئي ويڙهو،
کيون ڳوٺن کھڙي ڳولا، ٻڌي اتفاق پيدا ڪر.
”عبدالقادر“ ڪيو ڪِنُ ٽئي، اڇي پندرهون ويو سن ٽئي،
ڏسي شوال جا شولا، ٻڌي اتفاق پيدا ڪر.

### خدا يا خير جو حاڪم :

خدا يا خير جو حاڪم ڪو صاحب صاف پيدا ڪر،
جيڪو روڪي ظلم ظالم اهو اشراف پيدا ڪر.
رکين والي اهي وزرا، جيڪي عادل هجن امراء،
لاهيو غافل سيئي گمراهه، ڪرن خلاف پيدا ڪر.

**عجب تنهنجي قدرت عجب ڪارخانو:**

عجب تنهنجي قدرت عجب ڪارخانو،
هلائين پيو حڪمت سان ظاهر زمانو.
عجب حڪم تنهنجا عجب تنهنجي شاهي، هلي پئي حڪم ساڻ ساري خدائي،
ڪتي ڪين تنهنجو ٿو اٽڪٽ خزانو.
ڏناسين اکين سان وڃن مور مرندا، سورن جا سِڄڙا اچن پيا اپرندا،
اجل ڪي پيو آٽي بڻائي بهانو.
اچن سال ڦرندا پئي مند مٽجي، حياتي جو وارو پيو روز گهٽجي،
بي خوف هرڪو وتي بي گمانو.
ڪَني شوق شاهي محبت مزن ۾، ڪني جو وقت ويو گهمندي غمن ۾،
نفس جو ويا ڪي ٿي ناڪس نشانو.
قبر ۽ حشر جو ڪوئي قياس ناهي، هر ڪو وڃڻ ڪاڻ اڄ تيار آهي،
ويو لبريز ٿي اڄ صبر جو پيمانو.
ويا جيڪي حضرات وارو وڃائي، اتي ڪانگ ڪارا وينا گهر بڻائي،
هر ڪو حق چوڻ ڪان بڻيو بي زبانو.
صاحب حيا جا ماريا مور مارِي، اتي ڪانگ ڪارا وينا تخت واري،
هر ڪو حق چوڻ ڪان بڻيو بي زبانو.
چئي "عبدالقادر" چريو لوڪ چوندا، اِهي سوال منهنجا ڪڏهن ساب پوندا،
ٿيان درد تنهنجي ۾ دلبر ديوانو.

## نہ ڪوٺي ٺئي خزاني ۾

ڏنم مجرم مثل پنهنجي نہ ٻيو ڪوئي زماني ۾،
آهيان عاصي بيحد بدتر، سڄي مخلوق خاني ۾.

ڪيم ڏوهن قلب ڪارو، ويو وعدو الست وارو،
اٿڻ ويهڻ سمهڻ سارو، عيبن جي آستاني ۾.
وڃايم وقت غفلت ۾، گلا ڪاوڙ ۽ ڪُلفت ۾،
حيا ۽ شرم حيرت ۾، ڪوڙن جي ڪارخاني ۾.
زبان دل سان هنيا ڏاڙا، گلا گاريون سڄر سارا،
ويا تنگ ٿي شهر پاڙا، تڏهن آ لوڪ طعني ۾.
نہ ماريم نفس جي مستي، رهي پيو هٺ منجهہ هستي،
نمازن ۾ ڏاڍي سستي، نہ ٿي دل شادماني ۾.
نہ ٿيو ماءُ پيءُ ادب ايڏو، هيو نهندو جني جيڏو،
ڪيائون قرب ٻي ڪيڏو، صغيرپ جي زماني ۾.
گناهن ۾ ظاهر باطن، ننڍو وڏو نہ سجهندو سن،
منهنجو محبوب مولا من، ڪهين بخشي بهاني ۾.
"عبدالقادر" چوي عاصي، رحم رب جو آهيان پياسي،
پوري ڪرين آس اُداسي، نہ ڪوٺي ٺئي خزاني ۾.

**بي سهارن جا سهارا:**

بي سهارن جا سهارا دردمندن جا ڏٽي،
واه ڪا بيواهہ جي اڄ ڪول خالق تون ڪٽي.
خبر ناهي قلم قسمت ڇا لکيو تقدير ۾،
ڪين ڄاڻان غيب گردش باب منهنجي ڇا ٻٽي؟
تقدير ۽ تدبير جو پڇ تون آهين مالڪ مٺا،
سبب سائل سان ڪيو ڪو سوال سورن ۾ سٽي.
غير گهاريندي گناهن ۾ سڙيندي سال ٿيا،
غم غريبت پيو مصيبت حال هيڻن جي هٽي.
علم ناهي عمل ناهي زاد ذاتي راه جو،
ڪرم جي قادر ڪرين تان سور پون سڀ ڇٽي.
بد ڏسي بيزار ٿيا عزيز اقرب آشنا،
ڪرم تنهنجي جي مٺا اڄ گهرج گهايل ڪي گهٽي.
بد ڏسي بيزار ٿي ڪيچي ڪڍي ويم قافلا،
جهنگ جهاڳيندي وتان رڻ روهہ ۾ هڪڙي ڇٽي.
بند ڏسي پيا در ڏٽي آيس تنهنجي در پاڪ تي،
تنهنجي سدا ڪورٽ ڪليل واه واه ويچارن ڪي وٽي.
جي آهيان خاطي خطا ٻهرِ محمد (ﷺ) معاف ڪر،
مهر جي موليٰ ڪرين تان پورَ ٿين پُرزا پٽي.
جي مَنائين تون مقدر، ڪير ڪو تو ڪئون پڇي،
کهڙي ڪوٺي ٿئي خزاني جي وڇي قلزم ڪٽي.
”عبدالقادر“ آس رحمت ۾ رکيو رويو چوي،
ڪيئي لنگهي لاهوت ۾ وڃي پار پهتا پاتٽي.

**اي سخي سائين ستار:**

بي سهارن جا سهارا اي سخي سائين ستار،
اسان عيبدارن گنهگارن جا گناهہ بخشين غفار.

جي ڏسون ٿا ڏوهہ ڏاتر واندو ناهي وار ڪو،
جي ڏسون ٿا بحر بخشش لطف تنهنجا لک هزار.
پنهنجو ڪرين پنهنجو پرين پنهنجي رحمت سان رکين،
ڪيئن بچون بُحران مان آ دور دنيا جو مڪار.
مشڪل ڇتڻ مڪريل مان جي ڇڏائڻ جانباز،
با جماعت ۽ عزيزن آشنا سوڏو اُڪار.
لاَ تَقْنَطُوا ۾ اميدون لک عاصين ڪي اجا،
تڏهن در تي ٿا ڪيون سوال سوالي بيشمار.
عام رحمت ڪي ڏسي سائل سدائين ٿا ڪيون،
ڪين موٽا هٿڙا خالي پنهنجي ٻانهن سان قطار.
سائل وٺي سرڪار مدني جو آياسين واسطو،
مرندي مهل محبوب جي ٿئي پرت سان پوري پچار.

## قادر تنهنجي قدرت عجب:

قادر تنهنجي قدرت عجب آهي عبرت، ڏسي
بي نيازي لڳو هوش حيرت.
ڪيئي روز رازق ڪن جو ڪشادو،
ڪن کي نہ ڪپڙو پورو پيٽ ڪاڏو،
ڏينهڙا ڏکن ۾ گذارن سان غربت.
کي خوش خوراڪ پوشاڪ پهرن،
ڪن جا ڏکن ۾ پيا ڏينهن گذرن،
ڪيئي خوش خوشي ۾ ڪن هاءِ حسرت
تندرست تازا ڪي خوش خوب آهن، بيمارين
۾ ڪيئي لکين پيا ليلائن،
ڪيئي مرض ماريا، ڪن عيش عشرت.
گناهن ۾ ڪيئي پيا شب روز گهارن،
بي ترس ظالم مظلومن کي مارن،
ڪن خون خوني قهر ساڻ ڪثرت.
چئي "عبدالقادر" ٻڌين عرض آزي، ڏسي
ڏوهہ ڍڄان پيو رهين شال راضي،
پسي حال هيڻا وئي من مان مسرت.

**ڪرم تنهنجا مان قادر:**

ڪرم تنهنجا مان قادر سائين ڪهڙا ڳائي ڳائيان،
عمر ساري صرف ڪيان تہ بہ حرف نہ هڪڙو لاهيان.
هڪ لک چوويهہ هزار نبي نور ڪيئي نروار ٿيي،
ڏنئي اسان کي مير محمد دوست پنهنجو دلدار ٿيي،
سردار سيد لولاڪ جو جنهنجي سام سڏائيان.
ٽري فرقا راهہ طريقا مذهب مسلمان ٿيا،
شيعا سني تاڪ وهابي قسمين قسمين نشان ٿيا،
سنت مذهب صوفين وارو حق حقيقت پائيان.
پرندن درندن جانورن ۾ جي شامل ڪرين شمار ها،
سگهہ اها سائين سڀ ڪجهہ تو يا ڇهڙو ڪرين چمار ها،
ڪرم ڪيو تو پنهنجو پاڙهين ڪهڙي ٻاجهہ ٻڌائيان.
پرندن درندن جانورن کان بلڪل آءٌ بيڪار هان،
بشري جامو پاڻ پهرايئي نت گندو گنهگار هان،
لطف تنهنجا هن لکين لائق جوڙ جنس ڪنهن ناهيان.
در تنهنجي تي آيس داتا ڪٽي عيب اپار مون،
پيرن کان وٺي چوٽي تائين آهيان گنهگار مون،
پاند پناهہ ڏئي ڏکين ڏوليا عاصي اگهاڙو آهيان.
”عبدالقادر“ عيبن ڀريو آهي اميدوار ٿيي،
فضل ڪيو ٿئي جيئن فائق بخشين بخشڻ هار ٿيي،
صدقي مير محمد جي تو باري کان بخشائيان.

**بيشڪ منهنجا مولا:**

بيشڪ منهنجا مولا سونهئي بادشاهي،
نہ محتاج ڪنهنجو نہ ٿئي ڪاڻ ڪائي.
فنا سڀ ٿيندا هي سنسار سارا،
ڏسو ٿا برابر جي سائين نظارا،
رڳو تنهنجي رهندي متا هيڪڙائي.
جيڪي شوق تنهنجي ۾ رب پاڪ ٻانها،
عطا تو ڪيا تن کي محبت خزانا،
راتيان ڏينهان تنهنجي اٿن وات وائي.
مُڪئي راز پنهنجي سان ڪامل سونهارا،
جِني جي هٿان ٿين تو راضي پيارا،
ڀلا ڏي انهن جي ڪا سگهڙي سوائي.
قسمت ڪتل کي چڱو ڪر خدايا،
ٿين ڪم ڪمذات جا سڀ سجايا،
ڪري ٻاجهہ پنهنجي ڪيو سڀ ڀيائي.
مٺو مير مرشد سچڻ لاڙڪاڻي،
سڪيو ساهہ جنهن لاءِ ڪيون تانگهہ تاڻي،
محبت مٺل جي اصل ڪر عطائي.
"عبدالقادر" ڪري ٿا ويچارو،
ٿيو جو گناهن ۾ آ غرق سارو،
سوا ڪرم تنهنجي ناهي واهہ ڪائي.

## در تنهنجي پيو دانهون هڻان

پرجي براين ساڻ وو سهڻا در تنهنجي پيو دانهون هڻان،
ڪرم ڪرين پنهنجو ڏٽي توڪي وڻان يا نہ وڻان.
هيرا موتي ڪونہ ڪمايم، رلندي سارو وقت وڃايم،
بار بدين جا سر تي آيم، ڪهڙا ڪٽي ڪهڙا ڪٽان.
نفس شيطانن شور مچايو، وقت گناهن ۾ آ وڃايو،
غفلت ۾ وئي عمر اجايو، غمڙا گهٽي ڪان ٿيا گهڻا.
چڪر دنيا ۾ جوئي اچي ٿو، ڪرم سوا ڪو ڪين بچي ٿو،
پور انهي ۾ اندر پچي ٿو، ساريون قسمت جا ڪٽا.
”عبدالقادر“ ٿو چئي روئي، دفتر منهنجا چڏ تون ڌوئي،
سڄڻ توري نہ سُجهي ڪوئي ننگڙا پنهل ٿئي پالڻا.

**اتهى كر دانهں:**

اتهى كر دانهں دلبر كوں كرے من قياس كو جلدى،
پورهيت جنهں در پلدى۔
ننڈ جگائے نا اىڑى، رات گذر گئى كىڑى،
ثمر ٹهاهيا هر جىڑى، توں كيوں واٹوں ول دى۔
او لطف بهريا ہے لائق، فضل كريسيں فائق،
توں بہ چنگى بهر چا وكھ گڈتيں كيوں پئى گلدى۔
ننڈ كِتى تيں پيارى، حيف ہووئى لكھ وارى،
تيكوں نہ سُجهدا مارى ساتھ ہونگر پئى هلدى۔
آدهى ڈے كر آهاں، دوست سڈے من داهاں،
كهولے رحم دياں راهاں، دعاء قبولے دل دى۔
"عبدالقادر" سرتياں، پريں كوں ونج پرتياں،
بهاگ برہ دياں برتهيا، رمز والى وج رل دى۔

**وڇي دانهن دردن جي:**

وڇي دانهن دردن جي ڪنهن کي ٻڌايان،
سوا در ڏٺي تو پيو ڪاڏي واجهايان.
ڪنيم روهه ڪان ڏوهه بيحد بار پيٽا،
ڪيا آڻي قسمت منهنجا حال هيٺا،
ڪرن ڪين ڦَڪيون ڪوئي فرق ڦيٺا،
پيو لا تقنطوا ۾ اميد پايان.
ڏسي ڏوهه منهنجا پڇي ويم پائي،
جيڪي يار دلدار سي پيي ٿيم راهي،
ٿيندم حال ڪهڙو الائي يا الاهي،
جهڙو تهڙو تنهنجو خلقيو آهيان.
لنگهي سال ويڙا تڪيان رحم راهون،
ڪڏهن يار ٻڌندين دُکايل جون دانهون،
آئي منهنجي عملن جي شامت مٿاهون،
ڪرين معاف مولا تو ٻانهو ٻاڏايان.
ڏسي ڏوهه منهنجا پرين ڪر نه پاسو،
ڪڏهن يار ملندين خوش ٿي خلاصو،
ڏکن جي ڏڌيل کي ڏي دلبر دلاسو،
ڪميٽي ڪيچن سان ڪهڙو سڱ ساهيان.
چئي "عبدالقادر" گهڙيون غم ۾ گذرن،
انهي قيد دنيا نه ٿا نيل نڪرن،
ماريو آ مُئي جي انهي مام مڪرن،
روئي روز شل هي حياتي نپايان.

## ڪر مدد مظلوم جي:

ڪر مدد مظلوم جي رب ظالمن کي زير ڪر،
سخت آهي جن ستايو ڏينگا انهن جا ڏير ڪر.
ويا بي حيا بد چور ٿي، زميندار ظالم زور ٿي،
پيا سڀ ڪامورا سور ٿي، تن خاتمو بالخير ڪر.
ويا بر بحر ڪُل باهه ٿي، عالم اندر اونداهه ٿي،
عرشن مٿي هي آهه ٿي، ڪو فضل وارو ڦير ڪر.
چؤطرف اوندهه انڌ ٿي، انصاف جا ويا در بند ٿي،
رشوت ريا هر هنڌ ٿي، سختين ۾ سولا سير ڪر.
اڄ لچ لوفر جي جنگ ٿي، اشراف ويا دل تنگ ٿي،
نيڪن سندو ڪو ننگ ٿي، مالڪ تني دل شير ڪر.
آڻ اهو نوري نظام، جنهن سان ٿين خوش خاص عام،
ڪرم تنهنجو تان قيام، پورو شريعت پير ڪر.
جن ڪيا جن سان ظلم، آهي ڏٺي توکي علم،
لاهه خبيثن جو ڪلم، ويرين سان ڪو وَنهوار ڪر.
”عبدالقادر“ چئي يا خدا، سُڻ اسان جي ڪا صدا،
صدقي نبي نورالهديٰ، هاڻي داد ۾ نه دير ڪر

## ڪڏهن منهنجي من تان لاهيندين مونجهارا:

ڪڏهن منهنجي من تان لاهيندين مونجهارا،
وڪوڙي ولين جان ويا غم غبارا.

ننڌر آهيان ناڪس گنهگار ٻانهو،
ڏسيان ڪنهن کي ڏکڙن سندو داستانو،
سارو سپ سجهئي ٿو هيڻو حال پيارا.

سوين سور آهن صدمات سيني،
عمر وئي اجائي منجهه ڪوڙ ڪيني،
ڪرين ٻاجهه پنهنجي ڪا جلدي جبارا.

عمر وئي اجائي عذابن ۾ گذري،
الائي ذات تنهنجي مٿا ڪاٿئون ڪسري،
منهنجي تہ ڏوهن جو ناهي شمارا.

چئي ”عبدالقادر“ ڏسي حال هيٺي،
ڪرين معاف ڪوهہ قاف ڪشالا ڪميٽي،
مهابي محمد ﷺ اي پروردگارا.

## ٻـڌين چو نہ دلبر منهنجي دل جون دانهون:

ٻڌين چو نہ دلبر منهنجي دل جون دانهون،
لنگهي سال ويڙا ، تڪيان رحم راهون.
ڪــن ساڻ پــرچين پيــو پيــورل ٻهـــاني،
ڪــن ڪــي ورهــہ ٿيـا ڪــي گــذرَي زمــاني،
پيـــري منجهـــہ پيـــڙا تڪينـــدي توڏاهـــون.
تنهنجـــي درجـــو لائـــق اگـــر يـــار ناهيـــان،
ٻُــڌا در وجـــي ٻئـــي مـــان ڪـــنهن ڪـــي ٻاڏايـــان،
قبـــولي نـــہ تـــوري ڪـــو آزيـــون اِلاهُـــون،
ڪمـــايو نـــہ قســـمت ٻانيـــان خـــوب ڪـــوتي،
ڪـــيم جيڪـــي ڪمـــڙا لڳـــا مـــنهن ۾ مـــوتي،
آيـــون ڪـــم نـــہ ڪـــوڙي سنگت جـــون صـــلاحون.
پُلـــي جـــا ٻَـــرَن ۾ ڪـــري روز ريهـــون،
ٻـــڌي ڪيـــر ڪـــوجهي ڪميـــٺي جـــون ڪيهـــون،
ڏســـي ڏوهـــہ واري پنهـــل ٿئـــين پراهـــون.
چئـــي "عبـــدالقادر" ڏڪيـــو ڪـــين در ڪـــان،
پنهنجـــي پـــاڪ رحمـــت واري نظـــر ڪـــان،
مهـــابي محمـــد ســـٺي ڪـــي صـــدائون.

## ننگي ننگ توتي:

ننگي ننگ توتي آ نماڻي نڌر جو،
غمگين مسڪين بيڪس بي زر جو.

ڏسان پئي اکين سان مٿئون موت ماري، لڳي چئو طرف ڪان جنهنجي جنگ جاري،
پيو خوف ڪُٽڪو ڪاري قبر جو.
پيچي موت پاندا پيو نازڪ نپوڙي، جگر جيئرا بڪين منجهان روح روڙي،
جُڪي جگر تو پيو آ اُلڪو اندر جو.
انڌوڪار اوندهہ سُجهي سوڙهہ سامي، هاوي جون هواڙون زهر نانگ نامي،
مارن جت ميت کي هٽي ڌڪ قهر جو.
ڏکي آهي منزل عمل ناهي ڪوئي، ڏِسيو حال هيٺا ڏين نيڻ روئي،
ڏَکي جانِ ساري ٻڌي هُل حشر جو.
چارئي پاند چِڪ ۾ چيا ڌوئي ڌوئان مان، ڏسيو ڏوهہ پنهنجا پئي رت رئان مان،
ڪيو نا ڪميٽي ڪو سعيو سفر جو.
مون ڪان مون پنهل جو ويو سات نڪري، رئان پئي رڙن ۾ هوتن لئي هڪڙي،
پيو پنڌ اٽانگو بيابان بر جو.
چئي "عبدالقادر" مشڪل ٽي ماري، انهي سور سختين چڏي جان ڳاري،
آهيان نيٺ نوڪر تنهنجي دوست در جو.

## هر حال ۾ منهنجا مٺا تنهنجو ڪپي قادر ڪرم:

هر حال ۾ منهنجا مٺا تنهنجو ڪپي قادر ڪرم،
ڏي رضا رب تو سنڌِي ڪر دور دنيا درد غم.
ديس ۾ ڇا دؤر ۾، ساٿي سُجهي نا سور ۾، پلپل پچان پيو پُور ۾،
تو ڪي مٺا ساري سڏيم.
ڏينهن ۾ ڇا رات ۾، گهاريان گهڙيون سڪرات ۾، زاريون ڪندي ظلمات ۾،
ٿي وئي عمر منهنجي ختم.
ڇا هفتي ۾ ڇا ماه ۾، سُڪڙو نہ سنيِران ساه ۾، داهون ڪيان درگاه ۾
ٻانهون ٻڌي تنهنجي حرم.
هوش ۾ نہ هواس ۾، عقل وڃي پيو وسواس ۾، هيبت انهي حراس ۾
ناقص نہ ڪيا نيڪ ڪم.
ٿو پنڌ سجهي پرديس جو، ان ڏينهن ڏکئي درپيش جو،
دارون ڪيو دلريش جو، نظر ڪري پنهنجي نرم.
دردن دنيا دلڙي ونگي، ساري عمر سڪندي لنگهي،
وات وندر جي ڏاڍي ڏنگي، هلي فن فڪر نہ ڪوئي فهم.
"عبدالقادر" اسرار ڪان، واقف ناهي وڻڪار ڪان،
آزيون ڪري آزار ڪان، ڪڏهين ڪندين رب تون رحم

**جلوو پسي تنهنجو جلال :**

اي الله تنهنجا عاشقن سان، قرب ڪيڏا هن ڪمال،
مجرم ٻڌائي ملڪ ۾، پرور ڪيئي مون پُر ملال.
فضل فائق تو سوا، سُجهي نہ ڪٿ دل جي دوا،
جيئن رکين تيئن روا، مصلحت تنهنجي آ بيمثال.
جنتي ڪرين فائق فضل، بيشڪ کلن واتون وصل،
ڇا ڪندا جوڪا جبل، جن کي برهہ ڪيڙو بحال.
جن تي ڪرين پنهنجو ڪرم، سِڪ ۾ ٿيا سي سرگرم،
تنهنجي نور ۾ ٿي ويا نرم، جلوو پسي تنهنجو جلال.
جن تي برهہ بادل وسن، اهي غير ڏي ڪيئن ڏسن،
دم دم توڙي ڪامل ڪُسن، تہ بہ نينهن تنهنجي ۾ نِهال.
ڪرم تنهنجو عام آ، البت هي ڪو انعام آ،
ڪاملن جو ڪام آ، جانب ڏسڻ تنهنجو جمال.
هر چيز جو خالق تون خود، سنسار جي سڀ توکي سُڌ،
ڇا ڪان ڪرين پيو راهہ رد، اي سخي ڪر ڪا سنڀال.
بخشو ڪٽي بحر پلن، تہ بہ داغ دل تان نہ لهن،
پيا سور ۾ سختيون سهن، جيئڻ ٿيو جڳ ۾ جنجال.
جنتي نظر تنهنجي ننگي، ڇا ڪندي تن کي تنگي،
لهرون لائق سي ويا لنگهي، ڪيون وادي وحدت ۾ وصال.
”عبدالقادر“ آهون ڪري، پيو درد ۾ دانهون ڪري،
اچي مل مالڪ دل ٺري، سگهي سڻ ڪو سورن ۾ سوال.

## رب تنهنجي رحمت جو ڪونهي ڪنارو:

رب تنهنجي رحمت جو ڪونهي ڪنارو،
سدا پنهنجي ٻانهن تي آهين ٻاجهارو.
جِتي جڳ جني کي پيا واپس ورائن،
اتي رب روئيندڙ پيا توکي ريجهائن،
بي واهن جو آهين تون سائين سهارو.
ٿين ڏوهه ايڏا جبل روهه جيڏا،
هوندي حال بچڙي تنهنجا قرب ڪيڏا،
ڏسين شان شفقت سان ڪوجهو نه ڪارو.
اچي جو سوالي، وري ڪين خالي،
ڪيڏي بحر بخشش دربار عالي،
ڪليو باب برڪت ڏينهن رات سارو.
چڱن ساڻ سڀ کو ڪري پيو چڱايون،
تنهنجا ڪرم ڪوجهن سان بيحد ڀلايون،
تون آهين بيڪارن بيچارن جو چارو.
ڪرم تنهنجي قادر ناهي مهل ڪائي،
جڏهن گهرين جن کي تڏهن ٿئي سڻائي،
وسي شوق شبنم پئي سيارو اونهارو.
"عبدالقادر" خاطي خطادار آ،
تنهنجي پاڪ رحمت ۾ اميدوار آ،
هجي ياد هر دم تنهنجو نام پيارو.

**بيوس بدڪار آيا آهيون:**

سخي دربار سڀاجها تو ڏسي ڏوهہ دار آيا آهيون،
ٻڌي ٻانهون ڳچي ڪپڙا پائي پينار آيا آهيون.
ڪرم ڪر ڪو ڪميڻي تي، اسان جي حال هيٺي تي،
نہ فرحت قار قيٺي تي، لائق لاچار آيا آهيون.
رحم جنهن تي ڪرين سائين، پيڙا ٻڏندا ڪنڌي لائين،
اهڙو الله تون آهين سُٺي ستار آيا آهيون.
سنيالين بر بحر ۾ تون، رکين حجر شجر ۾ تون،
ڪيئي آٿين قهر ۾ تون ڪنبي ڪلتار آيا آهيون.
گهڙيون ڏيهنڙا گساياسين، وصل ۾ نا وسايا سين،
پلوَ چار ئي پُساياسين، پيري بدڪار آيا آهيون.
نہ بت ٻانڌي ٻچاياسين، مڙئي مطلب مچاياسين،
وقت وارا وڃايا سين، تي سچا سرڪار آيا آهيون.
ناهي بهتر عمل ڪوئي، ڏسي ڏکڙا ڏيون روئي،
ڇڏيو دلبر دليون ڏوئي، وڏي وسڪار آيا آهيون.
”عبدالقادر“ اميدن ۾، ٻلا بخشين ٻهانن ۾،
نہ ڪوتي ٿئي خزانن ۾، بيوس بدڪار آيا آهيون.

**قبولين جي نہ تون قادر:**

قبولين جي نہ تون قادر، سوا تنهنجي سُجهي نا در،
ابا ڏاڏا پدر مادر ڏٺي دربار آيا آهيون.
آهين مخلوق جو مالڪ، ڪسي ڪوجهي سندو رازق،
وسا رحمت پنهنجي خالق، اميدن وار آيا آهيون.
وسا بادل ڪوئي رحمت، وڃي ضعيفن منجهان زحمت،
وڃن تنگيون لهي تهمت، بيوس بيمار آيا آهيون.
ننگي ننگڙو سڄاڻي ڪو، اڄن تي آب آڻي ڪو،
پياري پاڪ پاڻي ڪو، اُڃا عيبدار آيا آهيون.
ابر مان آب ڪيو جاري، مکي کهري وري واري،
ٿئي گاهن جي گلزاري، چري چوڌاري آيا آهيون،
مکي منگو ٻنا ٻوري، ٻرا سُڪ نئي سيريون سوري،
بندي جي چانڊڪيو ٺوڙي، ڏئي دس بار آيا آهيون.
وهائين گاج گاجڻ ڪي، رَسائين روز راڄن ڪي،
محل ڪوهستان مهاڄڻ ڪي، پسي پنهنوار آيا آهيون.
سِري ڪنڌي سنگهارن تي، ڏٺا جهڙ مون جهنگارن تي،
ڏسي بوندون بازارن تي، چمڪ چمڪار آيا آهيون.
”عبد القادر“ آهي عامي، لاٿئين جهڙ جهور جڳ جامي،
سڄهي اهڙو نہ ڪو سامي، گهمي گرنار آيا آهيون.

## يا اِلہ العالمين آهيان مان تنهنجي آسري:

يا اِله العالمين آهيان مان تنهنجي آسري،
ماريل جوئي ميثاق جو قسمت اڳيئون سو چا ڪري.
ڪم مناسب ڪين ٿيا، بدڪار مون بيدين جا،
خود ڪرم ڪر غمگين تي ، ڪا ڀاڄهہ ڀاڄهارا ڪري.
خالق بہ تون مالڪ بہ تون، راڄن سندو رازق بہ تون،
لطفن ڀريو لائق بہ تون، توڪان سوا ڪنهن نا سري.
ٻيڙو ٻڏي ٿو ڀار ۾، سمنڊ سندي سرگوار ۾،
مشڪل ترڻ آثار ۾، ڏِسيو ڏوهَہ ڏوهي ٿو ڏَري.
وئي عمر ائين افراد تي، ناشوق ۾ دلشاد تي،
منجهہ بيڪسي برباد تي، وئي حياتي نا وري.
ڪم جيڪي ڪرڻا هئا، سي ڪين ڪاهل مون ڪيا،
ننگ شرم هاريم حيا، تڏهن ڀير ٿيو مون ڪان ڀري.
”عبدالقادر“ چئي يا خدا، صدقي سيد سُڻ ڪا صدا،
بهرِ نبي نور الهديٰ، ڏي جام جنت جو ڀري.

## منزل دور دراز:

منزل دور دراز سڄیجی پلے عمل نہ کوئی،
تیرے باجھ پیارا ربا کون کرے دلجوئی۔
روز ازل کنوں غم گناہ میں ناکس کیویں نبھاواں،
منھں چا کتھاں ھُݨ مجرم اعظم بدیاں ونج بخشاواں،
رحم سوا تیڈے راہ نہ کائی، ڈر ڈر آیس ڈوھی۔
عیب اللہ سب معلوم تیکوں ڈیکھ ڈونگر پئی ڈکدے،
عرش فرش بھی جوش جنبش وچ قھر کنوں پئی کنبدی،
بدیاں باری برسر آئیاں جو کجھ لوح لکھیوئی۔
رات ڈینھاں پیا غم گناھیں ساہ اندر وچ سڑدا،
ستر نال سباجھا سائیں پاک رکھیں چا پڑدا،
بیشک بدتر بانھی کوں چا ڈھکݨ ھار ڈھکیوئی۔
نہ میں پوری نماز پڑھی نہ روزے رکھیم سارے،
نہ میں مرشد راضی کِتا جو عاشق دل اُجارے،
نہ میں آڑے پاڑے دا کو حق سجاتا سوئی۔
موت قبر دیاں لکیاں لانگھی سݨ پئی سور ستاوں،
نیٹھ متھے تے مھلاں مشکل اکثر اوھے آون،
ھُل حشر دیاں سختیاں سݨ کر ھیڑے ھیبت ہوئی۔
ھک مونجھارے موت دے ماریا ڈوجھا ڈر قبر دا،
ٹیجھا مھل میزان دی مشکل چوتھا ھُل حشر دا،
پنجواں پلصراط پتݨ ہے یاں آخر لک اھوئی۔
"عبدالقادر" کوں کوئی سُجھدا نہیں واہ وسیلا،
نال جماعت مومن مسلم بخشیں کݨب قبیلا،
صدقے سید پار پُچاویں ثابت ساتھ سبھوئی

**تنهنجا آدم تي احسان :**

تون هين الله الرحمن، تنهنجا آدم تي احسان،
تنهنجي قدرت ڪين مڃي بندو بي شڪران.
نور نبي جو اڳ بنائيي، سبب جهين جي جڳ اُپائيي،
جنت دوزخ ڏڳ بنائيي، ڪيئي عقل عطا انسان.
فائق ڪيڏا فرش بنائيي، فرشن مٿان عرش اڏائيي،
لوح قلمءِ ڪُرسي بنائيي، سج چنڊ تارا سونهن آسمان.
جهنگل جبل جهڙ اپائيي، بر بحر ءِ ٻڙ اپائيي،
حجر شجر هڙ اپائيي، گل ڦل گاهه گمسان.
پيڙا بحرن منجهه هلائين، ڪيئي عرشن منجهه اُڏائين،
قدرت سان پيو پار پُڄائين ڇا حڪمت هٿ انسان.
بندن لئي تو بخت بنايا، تازا تجمل تخت بنايا،
گهوڙا مهري مست بنايا، سواري جا سامان.
پوکون راهون ڪٽڪون ساريون، سرهه ڄانيو جَوَ جواريون،
واڱڻ بصر ٻاجهر ٻاريون، ڇٽا مٽر دال دڪان.
گدرا ونگا ميما ڇاهيون، للر لوٽڪ سبزيون سايون،
ساڳ مريڙا ٻاجيون ٻايون، غربت جو گذران.
موريون توريون گوگڙو گجر، گوبي پالڪ سوئا سجر،
ساڳ سرهه جا ٻارو ٻنر، ڏاٽا وڏف مرچ مڪان.

ڪيئي اپايئي انب انار، ميوا مٺڙا مزيدار،
صوف سنگترا بيشمار، خوش رکن پيا روح ريان.
پليون پيئا ڪدو ڪريلا، ڪڪڙ مرغيون ٻڪرا ڇيلا،
جهر جهنگن ۾، پيرون ڏهيلا ڪيلا ڪشمش ٻيو بستان.
ڪيئي اپايئي انب انار، نارنگيون ناريل هزار،
مالٽا موسميون ڪوڙ خرار، خوش ڪرين پيو دل ديان.
مڪئي صوفي ٻير ڪجور، جمون ليمان ڏاک انگور،
نيلا پيلا نيٽن نور، دل چوي تان وَتَ وٺان.
زردالو زيتون بازارين جاڳر ڏينگڙ ڪوڙ خرارين،
تنهنجا لائق لک هزارين، ڇا ڳائي ٿورا ذوق زبان.
ڪنڌ ترن ۾ ماکي مصري، واه ويو ٿم اجان وسري،
ماوا مُربا سيون ٻُسري، سيرا سٽيا راحت جان.
ڪتل ڏونگي توت پراٽا، نيزا پستا ٻيهي داٽا،
سوچن ڪيئي سوچ سياٽا، قدرت تنهنجي نور نشان.
ٻوڙ پلاءِ تنهنجا ننگر نوش، ٻيگل ٻرياني ڪڪڙ روسٽ،
ڪائڻ پيئڻ جو سڀ ڪي هوش، نہ عمل جو ارمان.
ڪيئي چيزون چيز بنايئي، لذتن ۾ لذيذ بنايئي،
هر هڪ مزو ڌار رکايئي، لايئي جنت منجهہ جهان.
چئي ”عبدالقادر“ ڪنڌي لائين، جهڙا تهڙا پار پڄائين،
ڪرم ڪيا تئي جيئڻ سائين، صلح ڪرين سلطان.

**اول نور نبيءَ جو نشان ٿيو:**

اول نور نبيءَ جو نشان ٿيو، پوءِ پيدا سارو جهان ٿيو
آدم ڪين هيو نہ عرفات جبل، عيسيٰ موسيٰ جو نہ هو نالو اصل،
نڪي مَلَڪَ مقرب موت اجل، نہ عالم جو ڪوئي ايوان هيو.
نڪي دوزخ هئي نڪي بهشت ٻڌيو، نڪي ماءُ ڪهين نہ هو ٻچڙو ڄڻيو،
اهڙو مالڪ ڪي آ محبوب وڻيو، راضي رازق خود رحمان ٿيو.
نڪي بوند بدل جي برسات هئي، نڪي ڏينهن هيو نہ ڪي رات هئي،
اتي مرسل جي ظاهر ذات هئي، جتي ملڪ نڪي ڪو مڪان هيو
نڪي حجر شجر نڪي حور مَلَڪ نڪي زير زمين نڪي فوق فلڪ
اتي نور محمد لاتي جهلڪ، جتي غالب ڪين گمان ٿيو.
علم غيب سندا ويس خزانا ملي، ساري عالم جا پيس راز کلي،
لولاڪ لما جو ويس تاج جهلي، ظاهر ضعيفن جو تي ضمان پيو.
جن پاڻ جهڙو تي ڀانيو بشر، تن جو قيامت ۾ ٿيندو ڪهڙو حشر،
ناحق وعظ وڏا تقريرون نہ ڪر، ڪسين ڇا ڪان پين جا ايمان پيو.
رڳي بشر نہ چئو نبي نوري بشر، آهي راز سندس جي سڀ رب کي خبر،
اڙين اکرن ۾ اندا زير زبر، تنهنجي نيّت ۾ ڪو نقصان ٿيو.
بند وات وهابي ڪر بات نبي، اٿي ويٺي ستي ڪر ياد نبي،
حب حاصل ڪر جو حيات نبي، سوا سڪ سيد ڇا ايمان ٿيو.
”عبدالقادر“ چئي آ محبوب خدا، منظور خدا مرغوب خدا،
مقصود خدا مطلوب خدا، ڪيڏو آهي عجيبن احسان ٿيو.

**دلدار محمد مصطفيٰ والي آيو:**

دلدار مدني مصطفيٰ، والي آيو ڪونين جو،
والي آيو ڪونين جو، سردار سو ثقلين جو.
آيو پاڳ وارن جو نبي، آ چئن يارن جو نبي،
آ پاڪ پيارن جو نبي، نانو آهي حسنين جو.
رحمت وسي پيا مينهڙا، ويا ڏکن جا ڏينهڙا،
نوان لڳا اڄ نينهڙا، ملي نور ويو عينين جو.
عرب و عجم جو شاهه آ، هيٺن سندو همراهه آ،
قبر و حشر جي واهه آ، ضامن آ ضعيفين جو.
عربي آئي ٿيا سک سڪار، ڏيهون ويڙا ڏرت ڏڪار،
مومن ڪريو شڪر هزار، دوست مليو دارين جو.
”عبدالقادر“ عام ٿي، رحمت رب جي جام ٿي،
ڪافر ويا قتلام ٿي، لڳو نعرو حق نورين جو.

**خوش ڪيو جن خوابن ۾:**

خوش ڪيو جن خوابن ۾ ، بيوس پيو ننڊ نڇان،
ڪَل چورياڻون ڪا قرب جي، پيو پِرت پورن ۾ پڇان،
پيڙو ملي ويو پار ۾، تڪڙو تري ويس تار ۾، جر جاڳي دربار ۾،
پيو موج بحرن ڪان بڇان.
نور ڏٺم بيت الله جو، ديدار تنهن درگاهه جو، شهر عربي شاهه جو،
ماڙيون مڪي جون پيو پسان.

پوءِ ويس مديني ماڳ تي، پئي نظر روضي پاڪ تي، ڪا ماڙ ٿي مشتاق تي،
پيو مست محبت ۾ مچان.
واه اصحابن وٽيا، روضا رنگي ماٽڪ مٽيا، اکرن وڏي بورڊ بٽيا،
هر ڪهين در جي مٿان.
ڏسي مديني جا محل، جايون گهٽيون جاني جبل، ڪري ياد عربي جو اصل،
عهدو اتي رويون رچان.
"عبدالقادر" ٿيو خوش تڏهن، جاڳي پيس ننڊ مان جڏهن موٽان نہ مان تي ڪڏهن،
نہ تہ ڪين هِت اصلي اچان.

**ڪيئن ٿو پائين اي وهابي:**

ڪيئن ٿو پائين اي وهابي، مصطفيٰ جي شان ڪي،
بشر سڏين ٿو ساڙ ڪان، عرب و عجم جي سلطان ڪي.
جهڙي جڳ جاني ويو، جبريل ات بيهي رهيو،
سيد ڪيئن پهچي پيو، طاقت نہ ڪنهن انسان ڪي.
خير البشر ، خيرالوريٰ، نوري نبي هر دوسرا،
دل جون اکيون روشن ڪرا، انڌا وڃاءِ نہ ايمان ڪي.
نہ مڪ ويني مرسل مٿي، پاڇو نہ پيو ڪڏهن ڪٿي،
جانب جُتي سان ويو جتي، ملي عزت وئي آسمان ڪي.
"عبدالقادر"چئي هِئين هنڊا، ڪيڏنا پونڊئي اڳتي ڪنڊا،
ونڊ غفاري مان ونڊا، ڇڏ شوم ۽ شيطان ڪي.

**موت مديني وارا سائين:**

موت مديني وارا سائين هيڻن جو اڇي ٿي همراز،
سخت هوا لڳي زور زماني، پندرهين سنہ جو ٿئي آغاز.
راتيان ڏينهان عيش آرامي، ناهي نيت نيڪ نماز.
عمل اسان جا بيشڪ بڇڙا، ڪفر وٺي ويو طاقتون،
نازل ٿيون اسرائيلن جون، عربن لاءِ تڏهن آفتون،
لذت محبت خوف خدائي، پور ڪري ويو اڄ پرواز.
روسي رسم ملڪ وڃايا، ايشيا ڪنڌ ۽ آفريقا،
ڀارت برما برطانيہ، دشمن آمر آمريڪا،
اقوام متحده مڪر مرڪز، ڪونہ ٻڌي ڪو حق آواز.
نظام دڪن سان ناحق ڪيون، قابض ٿيا ڪشمير تي،
عرب علائقا ڪيئي ڦري ويا، تہ بہ راضي رهيسين تقدير تي،
نہ ڪر نقاب سيد سونهارا، موٽي ڪر ڪو راٺل راز.
روضي مبارڪ منجهان نڪري، ٻڌو عرض عوام جا،
مشرق مغرب ڏسون نعرا، تنهنجي نور نظام جا،
موڪل مهدي جانب جلدي، ٿئي سڀ ڪو سرفراز.
فسق فسادي راج رعيت جي، راشي ڪامورا رئيس ٿيا،
حق ناحق جي سوچ نہ ڪائي، ڪوڙا داخل ڪيس ٿيا،
ڏسي اهڙا ڪارناما، دلبر ٿي وئين دور دراز.
چئي "عبدالقادر" عام عدالت، قائم ٿي قرآن جي،
اتفاق ٻڌي سان، هلي حڪومت پوري پاڪستان جي،
عربي اسان جو عرض اگهايو، واسطي خدا جي فيض فياض.

**ٻنا ڪين ڏيڄارڻ سان:**

عشق اوهان جي عربي گهايا، ٻنا ڪين ڏيڄارڻ سان،
جن ٻه اوهان سان لنؤُڙي لاتي، موٽيا ڪين موٽائڻ سان.
چوڏهن سؤ پيا سال لنگهي ويا، پروانن ڪي پِرت اچا،
ساهه ڪرن پيا ساريو صدقي، پيچ اوهان جي پائڻ سان.
ڪابل ڪاهي روس رنگيلي، آر ڪيو افغانن تي،
مرد مجاهد مذهب خاطر، ڏورن پيا تنهن ڏائڻ سان.
هُت عربن جو آمريڪا آ، دشمن ڏَهليو ظاهر ذاتي،
ريگن بيگن لعنت لوڪن، فلسطينن جي تہ قسائڻ سان.
شهر بحر تباهه ڪيا تَن، پينگ ٻڻايائون بستيون ڪئي،
ٻار ٻچا توڙي ڪيئي ڪسن، تہ بہ دهليا ڪين دٻائڻ سان.
مردن تي آئي ڪبريٰ قيامت، ٻچڙن ڪئي آبرپا شامت،
موقف تن جو ڪو نہ مٽيو تہ بہ، باري بم وسائڻ سان.
ٻار ٻچا ڪيئي نياٽيون پوڙها، مايون مهاجر مفت مُئا،
روس آمريڪا نہ ٿيا لجي نہ لوڪئون، ايذي قهر ڪمائڻ سان.
ڏيهہ ڏسي هي قيامت ڪاري، دنيا ۾ ٿي دهشت طاري،
مردن موت سان راند آ جاري، جاني جان جلائڻ سان.
درد جني ڪي دين سندو آ، "عبدالقادر" جيءَ اندر،
سچن ڪيا سُپر سينا، لنئون اوهان جي لائڻ سان.

## سگهي آ محمد تي مشڪل ۾ ساٽي:

سگهي آ محمد تي مشڪل ۾ ساٽي،
امت تنهنجي عربي وتي پئي ويڳاٽي.

هڪڙا بند ڀارت ڪي ڪشمير سارن، غلامي جي غم ۾ پيا ڏينهڙا گذارن،
اڃا تائين انهن جي نہ آزي اڳهاٽي.
ڪيئي روس ۾ پيا گهڙيون غم جون گهارن، فلسطين وارا سڏيون تو کي سارن،
ڪوئي ننگ ڪلمي جو سيد سڃاٽي.
ڪي افغان اندر وهن رت جون واديون، ٿيون روس رهزن سان ٻيي زور تعديون،
خبر خير جي ڪا انهن تي تون آٽي.
يهودين جي ضد ۾ ٿيا لبنان وارا، سڏيون تو کي سارن سياهہ فام سارا،
نسل پرست وارن ڪئي پوري پڇاٽي.
پيو روس رهزن ڪابل تي ڪاهي، آمريڪا جي عربن مٿي عار آ،
بغاوت ٻُرن جي ڪيو لوڙ پاٽي.
اسان جي عيبن ڏي نہ هرگز نهاريو، اڇي ٻيڙو اسلام جو جلد تاريو،
ڪيو نظر شفقت اسان تي آرياٽي.
چئي "عبدالقادر" جلدي جند ڇڏايو، سپر طاقتن آهي سيد ستايو،
ڏکي مهل مهدي ڪي احمد اماٽي.

## مليو مير مرسل ڪيو عيد هاڻي:

مليو مير مرسل ڪيو عيد هاڻي،
وڏا قرب تي ويا خدا خود تو ڇاڻي.
ڇمڻ ڇام جي سان حڪم ڪنهن هلايا،
سجدا ٻتن ڪان ڪنهن تي ڪرايا،
وري آ وهابي سيئي شرڪ ڇاڻي.
سجدو آدم کي رب ڇو ڪرايو،
جتي ساڻ جانب ڪنهن عرشين گهرايو،
جسم ساڻ آيو سو معراج ماڻي.
مدد سان سليمان تخت ڪيئن گهرايو، اتي
تخت بلقيس اڪ ڇنڀ ۾ آيو،
مدد ان جو منڪر نہ ڪوئي شرڪ ڇاڻي.
خوشي عرس عربي جي دم دم سڙن پيا، مُوحد
سڏائي گهر گهر پِنن پيا،
مُلن جو وڃايو کهين نور ناڻي.
ويئي رات رلندي ڏوهن ۾ ڏهاڙو،
ڪيو رب نہ ڪنهن کي اجا تائين اگهاڙو، لاتو
هيٺ آدم هيو هڪڙي داڻي.
نبين جو رهبر آهي مير مرسل،
ڪرامت ولايت ڀلارن جي بلڪل،
چئي "عبدالقادر" سکو رمز راڻي.

**ٻارهين عرس عربي مٺو ڄام ڄايو:**

ٻارهين عرس عربي مٺو ڄام ڄايو، ضعيفن جو ضامن تي سردار آيو.
ڇيو پاڻ پرين قيامت ۾ ڳولي، شفاعت غريبن شريفن جي ٽولي،
هِتي هُت جهين سان اتم روح رايو.
ڪيڏو هوڪريمن ڪي پاڙو پيارو،توڙي دوستَ دشمنَ هو سڀ جو سهارو،
عدل سان عجيبن سچو جڳ جُهڪايو.
عدالت ۾ اصلي نہ ڪن طرفداري، عادت عجيبن هئي انصاف واري،
ڪوئي غير مذهب نہ عربي ايذايو.
سيرت سچڻ جي ٻڌ حال هاٺي، هَلِي دشمنن ڪان پڇي پاڪُ پاٺي،
قرب سان ڪريمن مِڙن ڪي مچايو.
سخاوت ۾ سهٽي ڇڏيو گهر لُٽائي، ڏئي جيڪو ڏاتر انهي دم اُٺائي،
ڪري زَر زخيرو نہ راٽي رکايو.
مٺا خُلق خصلت جا بيشڪ ها باني، مددُون مَندن سان ڪرڻ ڪم جاني،
خُلق ساڻ ارڏن ڪي نِرمل نوايو.
هٿ جا حبيبن ڇڏيا ڊير ڊاهي، ننڍيرا وڏيرا ڇڏئين ٻاءِ بنائي،
اميري فقيري جو سنڌو سڀ وچايو.
شُجاعت سندن جي ڪر سوچ ساري، حڪمناما هر جا لکيون للهڪاري،
انهيءَ خط پرين جي هو قيصر ڪنبايو.
چئي "عبدالقادر" جڏهن آيو جاني، اُنا مينهن محبت تيا فسق فاني،
ڪيئون شڪر هرهر جو مولا ملايو.

## اسان جو دلربا آيو:

عرس جي ماهہ مبارڪ ۾ اسان جو دلربا آيو،
نبي اڪرم سخي اعظم هادي هر دوسرا آيو.
هيو انتظار عالم کي مٺي مدني محمد جو،
اڙين آڌار احمد تي ضعيفن جو ضمان آيو.
پهري سرتاج پرور ڪان آيو لولاڪ جو سائين،
ٻتن جي ڀريل ڪعبي کي ڪرڻ سيد صفا آيو.
سِڪيا ٿي سال سهڻل لئي ڪيئي عالم عجيبن ڪان،
سمورن سڀ نبين جو پنهل تي پيشوا آيو.
پيدا هو نور نرمل جو لکين ورهہ اڳ عالم ڪان،
تي ظاهر اڄ زماني ۾ سو ختم الانبياء آيو.
پسڻ خاطر پرين جي پيا ڏرن مان نانگ ڀي نڪرن،
ڏسو ڪيئن غار ۾ گوهر محمد مصطفيٰ آيو.
”عبدالقادر“ عجيبن تي پيو سڪ مان صلواتون پڙهہ،
ويندا هڪ ڏينهن لهي ڏکڙا دردن جي دوا آيو.

**ڏسي جنهن واٽ وحدت جي:**

ڏسي جنهن واٽ وحدت جي اهو سردار مدني آ،
خزانا غيب جنهن کوليا سوئي سرڪار مدني آ،
پنهنجي نور مان پيدا ڪيئين محبوب پنهنجي کي،
خزانا غيب جا خلقي ڏنئين مرغوب پنهنجي کي،
شفاعت جو اذن شاهي ڏنئين مطلوب پنهنجي کي،
ڇڏائي جو جهنم کان اهو غمتار مدني آ.
نبي نفسي پڪارن جت اتي امتي پڪاريندو،
هڙئي ڏک ۽ پريشانيون تائيم اهڙي ۾ ٽاريندو،
لواءُ الحمد جو جهنڊو اتي عربي اٿاريندو،
اهڙو اڳواڻ عالم جو پرين پڳدار مدني آ.
پڙهِي صلواة جي تو هِت، پوَن پيون هوتَ هُت خبرون،
ثوابن ۽ گناهن جون ڏسي پيو زير ۽ زبرون،
سمجھہ ساري اتي پوندئي وسائين جي وجي قبرون،
پڇن صورت جتي سامهون اهو مننار مدني آ.
”عبدالقادر“ حيات النبي سو آهي هوت هت هاڻي،
ڪرم جنهن تي ڪري قادر اهو هي راز پيو ڄاڻي،
مخالف پيي محبوبن کان ويا هن موج کي ماڻي،
ڏسي درشن دنيا ۾ چيائون ديدار مدني آ.

**دائم سِڪي دلڙي سدا:**

دائم سِڪي دلڙي سدا تنهنجي متا ديدار لئي،
مرسل محمد مصطفيٰ، اڙين سندي آڌار لئي.
مرضن ڳجهي مرندو وتان ڳِٽين اندر ڳرندو وتان،
فراق ۾ ڦِرندو وتان، سيد سچي سردار لئي.
دور دنيا دل وَنگِي، نہ ٿي لهي تن مان تنگي،
ساري عمر سڪندي لنگهي، عربي سندي انوار لئي.
سڪ ساھ ۾ سڪندو وتان، جُرمن اندر جُڪندو وتان،
تو ۾ آس رب رکندو وتان، سهڻي نبي سرڪار لئي.
سڪ سوز ۾ سڙندو وتان، قابو قيد ۾ ڪڙهندو وتان،
پنا پِرت جا پڙهندو وتان، مرسل متي منٺار لئي.
غم غيب جا توکي علم، جاري ڪرين جهڙا قلم،
ماريو انهي آ درد غم، الائي ڇا بنيو بدڪار لئي.
”عبدالقادر“ تو حق چوي، جڏهن پور پرين پوي،
پيو آب اکڙين مان وهي، جانب سندي جنسار لئي.

## اکڙيون توکي سارن ٿيون:

دوست مٺا دل جاني الا، اکڙيون توکي سارن ٿيون،
اکڙيون توکي سارن ٿيون، ٻيوس جر هارن ٿيون.
دم دم پائن جيءَ ۾ جهاتيون، محب ملڻ لئي روئن راتيون،
دل لٽائي ڦرجي ڦاٽيون، روئندي رات گذارن ٿيون.
مجلس اوهان جي ماکي مصري، وڃي ڪيئن تن کان وسري،
سال ويا تن سکندي گذري، رويون راهه نهارن ٿيون.
محب وڃهي وئين وڏا وڇوڙا، تڏهن پِٽن پيون گهوڙا گهوڙا،
ڏوهه ڏسي پيون ڳاڙن ڳوڙها، پورب پنڌ پچارن ٿيون.
پير پيراسن ڪيائون جهوري، هڏا گُڏا پيچي پوري،
ماس هڏن تان ڪاٽيئون ڪوري، روئندي ڳلڙا ڳاڙن ٿيون.
سال لنگهي ويا ٻيئيون جُهڙ جهوئي، دارون تن جو ڪري نه ڪوئي،
هڪ ته اصل کان آهن ڏوهي، روئندي عشق اٽارن ٿيون.
بادل آيا بوندون برسن، تتيون هاٽي ڪيئن ترسن،
تنهنجون تڪن ديدون درشن، دل کي چست چونگارن ٿيون.
”عبدالقادر“ قسمت ماريون، روز روئن پيون سجڻ ساريون.
ڪير سٽي کو تن جون زاريون، پل پل پُور پڪارن ٿيون.

**دم دم توکي ساريون سهڻا:**

دم دم توکي ساريون سهڻا، دلڙي دوست سنڀاري پئي،
دلڙي دوست سنڀاري پئي، رويون راھ نهاري پئي.
دُور وڃي دلبر ديرا، محب ڀڃي وئين ڇا کان ڀيرا،
دل ۾ لايا غمن گهيرا، گوندر منجھ گذاري پئي.
ڏسي منهنجي محب مدائي، جانب ڪئي جلد جدائي،
لڳي ساري سڄ خدائي، گهوٽ غمن ۾ گهاري پئي.
ڪڏهن عشاقن اڳڻ ايندين، فضل وارا ڦيرا ڏيندين،
دائم قائم دل ۾ ٿيندين، اِهي پُور پُڪاري پئي.
"عبدالقادر" ياڳن واري، دلڙي جيڪا دوست سنواري،
ڪري ڪيئن قسمت ماري، ڪوتن منجھ ڪوڪاري پئي.

**دوست اوهان جي آ ديدن ماريو:**

دوست اوهان جي آ ديدن ماريو، جلوو اوهان جو آ جاني حق،
تاب ڏسي تنهنجو سهڻا، دل مان ويا ٿم سارا شڪ.
جنهن ڏي ڪرين ٿو نيڪ نگاهون، درد ڪرائي ٿو تنهن دم داهون،
ڪن فراق جون عاشق آهون، دل ۾ لڳا ڪي دلبر ڏڪ.
ديد جنهن ۾ ٿو دلبر پائين، هوش عقل ان وقت وڃائين،
باھ برھ جي ٿو دل ۾ لائين، تيز ڪري نا نظرون تڪ.
نظر سان ٿو نور نِوائين، ملڪن کي وو منڙا سائين،
لاڙ ساري سنڌ روهن تائين، فيض لهر لائيي پيارا پڪ.
"عبدالقادر" سان ڪر ڪا ڀلائي، خواجہ محبوب الاهي،
ياڳن آڻي بر ۾ ڀُلائي، ساٿ لنگهي ويم سارا لڪ.

**بحر الاهی چڑھیا یار :**

بحر الاهی چڑھیا یار، موج لگی پئی مارو مار۔
بحر برہ گیا بیحد چڑھکے، کُن کریندی چِتاں کڑکے،
جان اتھاں پئی ساری تھڑکے، غازی تردے تارو تار۔
بحر الاهی وچ جو ٻڈ دے، مستی دے وچ ٹپدے کڈدے،
خواری ملامت لعل نہ لڈ دے، عاشق تھیندے پارو پار۔
بحر برہ دے اونھی گھیرن، کئی کِر دے کئی شیرن،
مانجھی منھڑا مول نہ پھیرن، رو رو روندے زارو زار۔
"عبدالقادر" واہ بھلائی، پیر میڈا محبوب الاهی،
جذبا ڈے جنھں جان جلائی، سب سٹاوے کاروبار۔

**اچي خانپور ۾ سِک:**

اچي خانپور ۾ سِک ذوق ذاتي، محبوب الاهي آ برهہ باهہ لاتي.
ڏسي فيض عالم ڪيو ملڪين مارو، اچن ڏور ڏيهون ٻڌي نور نعرو،
ڪُنا پير ڪامل سندي قرب ڪاتي.
ڪنتم خير امة وارو شرف ماڻي، امر نهي سان رڱيا راج راڻي،
وجي ڪين خالي جنهن ديد پاتي.
پلي ڳول طالب تون سارو زمانو، ڏسندي نہ اهڙو ڪليو ڪتي خزانو،
غفاري جي هنڙي اٿئي يار جهاتي.
مرده دلين کي ڪري جوان جيرو، ملائي ٿو حق سان پچين جي نہ پيرو،
توجہ ۾ جنهن جي لڳي آڳ چاتي.
ڪتي خان صاحب ويو پاڳ وارو، رهايائين رب جو محبوب پيارو،
حقيقت سچڻ جي صفا جنهن سڃاتي.
چئي "عبدالقادر" هر ڪنهن ڏٺو آ، منهنجو پير روشن چنڊ کان چٽو آ،
اجائي وڃائي هتيلن حياتي.

**حسن هيڪار تنهنجو آ:**

سڄڻ سهڻو مٺا سڀ کان، حسن هيڪار تنهنجو آ،
قلب ڪارو ڪسابن کان مٺل مٺار منهنجو آ.
سخاوت خيرپنهنجي مان، ڏيو زڪوات ضعيفن کي،
سڪايل سونهن تنهنجي جو من حقدار منهنجو آ.
قلعي ڪر قلب کي جاني، پنهنجي پاڪ جلوي سان،
ڏڪايل درد وارن جو، دارون ديدار تنهنجو آ.
ويا سالڪ سوين سڌري، ٿيا سيراب صحبت کان،
اڃا تائين اڃايل هي، بدن بيڪار منهنجو آ.
سڄاڻ ننگ صحبت جو، گذاريون سين گهڙيون ڪيئي،
ننڍپڻا کان پيي نوڪر هي، سگ دربار تنهنجو آ.
خليفا خاص مرشد جا، برابر نور نوراني،
برابر ڪين ڪو پانيان، اهو اقرار منهنجو آ.
صوفي صالح سونهارا کي، ڏنم بزرگ پيارا کي،
ڏنم جلوو نہ ڪنهن جاني، جهڙو جنسار تنهنجو آ.
”عبدالقادر“ عقيدو هي، رکڻ گهرجي غلامن کي،
سياه دل کي ڪرڻ سهڻو، اهو ڪم ڪار تنهنجو آ.

**گناهن ۾ غافل پيو وقت گذري :**

نہ ڪي پِير پرچي نہ ڪو نينهن نبري، گناهن ۾ غافل پيو وقت گذري.
ڏسي ڏوهہ دلبر مون کان ڏار ٿي ويا، ٿيو ڪين مطلب اچا وار ٿي ويا،
ڏينهون ڏينهن ڏکن ۾ پيو وقت گذري.
ڪري اڏ ڪُنو ڪيئن پرين پار ويڙا، دلبر دلين جا پيي آزار ٿيڙا،
نہ ڪي جِيئُون جڳ ۾ نہ ڪِي ساھ نکري.
نہ ڪي من جي مرهم نہ دعوت دلاسو، ڪري ويو ڪانيارن کان پير پاسو،
نہ ڪيئين نظر ڪائي نماڻن جي نِجهري.
ڏکي دل جو دلبر نہ دارون دوا ڪن، رهندو لوڻ پرڪي ويا ڦٽڙي فراقن،
اهو سور سجڻن وساريان نہ وسري.
ثوابن گناهن جون لهرون لڳن پيون، مٿان موت ماري جون پيرون وڃن پيون،
اچا سڌ وارن جو پيو ساٿ سنيري.
چئي "عبدالقادر" سينو ڪيئن سهائيان، سگ آۀ سجڻ جي مٿ مور ناهيان،
هجت ڪيئن هلايان اڳيان زور زبري.

**ڪرم ڪيا ٿئي جيئڻ جاني:**

ڪرم ڪيا ٿئي جيئڻ جاني، ڪر ڪو ائين قرب ڪمال،
ڪم ڪنهن جو لائق ناهيان، ڪونهي منهنجو حضرت حال.
عمل عبادت ڪين ٿيو آ، غير ۾ گذري وقت ويو آ،
جهڙو تهڙو پيش پيو آ، منهڙو ڪٺي ڪو مون ڏي پيال.
اکڙي پئي اچنگاري سهڻا، جوش منجهان جر هاري سهڻا،

صحبت تنھنجي ساري سھڻا، روئي پسايم رات رومال.
دلبر ڇو تو دور گذارين، اپوجھن جا اندر آزارين،
وعدا پنھنجا ڪيئن وسارين، قرب ڪيا ھئي جيڪي ڪمال.
عشق تنھنجي ڪيو جڳ اداسي، صحبت ڪارڻ سئير سناسي،
آيئي مسافر پير پياسي، ڪوليو خوش تي جلوو جمال.
”عبدالقادر“ عرض گذاري، ٻار مان ٻيڙا ھل تون تاري،
ايرا سيرا ڪر ڪناري، ننگ پرين ڪو پاڙھي پال.

**اڄ رات چمن ۾ چمڪار ڏٺم:**

اڄ رات چمن ۾ چمڪار ڏٺم، غوثِ عالم گھوٽ غفار ڏٺم.
صورت پاڪ سڄڻ جيئن گلابي گل، ڪِڙيو خوب خوشي جو گلزار اصل،
فرحت روح واري لڳي واءُ وصل، عندليب ھزارين ھزار ڏٺم.
مرشد محفل ۾ لاتي نور جھلڪ، بلبن باطن جي لڳي جھمڪ چمڪ،
ڏنائون سوز سندا پئي سبحان سبق، دُر افشان لِسان گفتار ڏٺم.
ڇا محبوب ملڻ واري رات سُني، ٻيٻيان گوھر واري بات مني،
باطن بوند بره جي برسات اُني، موتين ھيرن جا ڪي وسڪار ڏٺم.
صورت پاڪ سڄڻ جيئن گلاب ڪِڙي، يا تہ تارن ۾ جيئن چنڊ چڙھي،
ڏسڻ ساڻ قلب پيو الله پڙھي، نڪتيون دانھون فغان بي اختيار ڏٺم.
**عبدالقادر** چوڏھين چانداڻ لڳي، گھنتي عشق سندي رحمت پور ۾ وڳي،
اچي ذڪر فڪر جي تانگھہ لڳي، اھو چوڏھين سن جو سردار ڏٺم.

**آيو عالم جو آڌار:**

آيو عالم جو آڌار جيڏيون آئي مند بهار،
سور لهي ويا سالن جا جي هيئڙا غم غبار، جيڏيون آئي مند بهار.
صديق اڪبر عشق پرايو، عثمان سخا ۾ سينو سهايو،
حضرت عمر دين وڌايو، حضرت علي ٿيو اظهار،
حسنين اصل نا همت هاري، جتي بارش برسي باري،
نماز حسينؑ ڪيئن گذاري تيز متئون تلوار.
واهه صحابي سيد وارا، راهه ۾ روشن سونهن ستارا،
سِر ڪيائون صدقي سارا، ساٿ ڏنئون سردار.
حسن بصري بشر حافي، حنفي، حنبلي، مالڪي، شافعي،
دين سڌاريون ڪامل ڪافي، ٿيا رهبر راهه سڌار.
بوند وسائي آ بسطامي، عشق ۾ رڱيا، رومي جامي،
ويو ڪفر جو دور اجهامي، جڳ ٿيا جنسار.
واهه ٿيون بغداد بهاريون، پاڪ پتڻ ملتان موچاريون،
موجون مجلس محبت واريون، نينهن هيو نروار.
سارنگ موتي سرهند آيو، هند سنڌ ڪي جنهن باغ بنايو،
ملڪان ملڪين فيض ڦيرايو، گل ڪِڙيا گلزار.
حب نبي جون وڻ ٽڻ وايون، سچل بلا ڇيريون پايون،
متيون مستي موج مُنجهايون، ٿيا بيوس بي اختيار.
واه رحمت پور پاڳ پليرا، پير منهنجي جت پايا پيرا،

دردن جا جت ڪوليئين ديرا، جذبن جي جهونگار.
مرشد منهنجو محبوب الاهي، عشق جي آ جنهن آڳ دکائي،
سالڪ هجي ساڻ سچائي، بخت ڪليا بسيار.
”عبدالقادر“ عربيءَ آئي، مينهن مِهر آيا برس بنائي،
قيامت تائين ويو وس وسائي، تيڙا ملڪ ملار.

**سهارو بي سهارن جو:**

سهارو بي سهارن جو، سچو سردار شافي آ،
قبر ۾ موت محشر ۾، مٿو مهدار ڪافي آ.
لنڊن جا شوق لاهي ڇڏ، نہ من تون ماسڪو سان گڏ،
مديني جون گهمج گهٽيون، اهو اسرار ڪافي آ،
ڇڏي ڏي واشنگٽن وائي، پڇر پيرس نہ ڪر ڪائي،
رسج روضي رسول الله اهو ديدار ڪافي آ.
ڇڏي ڏي سير سڀ سارا، اوپر اولهہ اتر وارا،
مزو مشرق وسطيٰ ۾، ڏٺي دربار ڪافي آ.
وصل جون ڪر وري وايون، جتي جانب سنديون جايون،
مڪي عرفات منيٰ جو، سير سنسار ڪافي آ.
هلي ڏس ماڳ مارن جا، صحابن سڪ وارن جا،
جتي سرڙا ڪيون صدقي، جڳ جنسار ڪافي آ.
”عبدالقادر“ امامن جو، زمانو ياد ڪر تن جو،
ڏسي جايون اچن اُڏما، اکين اوڇنگار ڪافي آ.

**نکو سورن ۾ ساٿي آ:**

وفا دنيا نہ دولت آ، نکو سورن ۾ ساٿي آ،
دلڙي درد غمن ۾، اچي في الحال ڦاٿي آ.
عاشق جيکي عشق وارا، کٽي برهن ويا بارا،
سهن پرکا اهي پيارا، جني کي ذوق ذاتي آ.
پڇي بيزار ٿيا ڀائي، کوڙا سنگتي جيکي جائي،
اهي آنا ويا وائي، لئون لالچ ۾ لاٿي آ.
مزو ناهي رهيو من ۾، نکي طاقت رهي تن ۾،
وڃي پيو وقت سورن ۾، حراسن ۾ حياتي آ.
دنيا ساعت گهڙي آهي، سک ڏک ۾ وفا ناهي،
پيا دل ۾ خلل ڪاهي، مئل دلڙي مماتي آ.
اهڙو الله تون آهين، پيڙا ڀڏندا کنڌي لائين،
سڀاجهو سڀ طرح سائين، سوين صفتون صفاتي آ.
"عبدالقادر" ڪري آهون، ڀڏو دل جون مٽا دانهون،
ڪوليو واحد وري واهون، پايون جيءَ ۾ ڪا جماتي آ.

**ڪري ڪرم خدا هيڪر هوت اچن:**

ڪري ڪرم خدا هيڪر هوت اچن،
جگر جيئرا ٻُڪيون منهنجا نيڻ ٺرن.

سانگي سانگ ويا، ڏاڍا ڏينهن ٿيا، پلٽي پورن تي ڪيئي پور پيا،
هر جا هوت سڄڻ سُرها سير ڪيا، ٿئي خوشبوءِ سدا جتي رات رهن.
ڪڏهن ڏينهن ٿيندا لهي غمڙا ويندا، جو جانب نور حضور ايندا،
جاني جام ڏيندا پيا مستان پيئندا، پي پيالو پرت نانگا نينهن نچن.
ڏسي پيرِ منو چوڏهين چنڊ چٽو، اونداهه ڏوهن جي ڪان ڏيهه ڇٽو،
ڏسي سڄڻ سنو جنهن جي قرب ڪنو، پيا شوق شمع ۾ پروانا پچن.
هر ڏيهه سڄڻ گهميا گهوٽ اگڻ، رڳو ڪاڇي ۾ تيو ڪين اچڻ،
ڏسي ڏوهه ڊڪڻ ڪيئن ڪين ورڻ، نه ته اجڙيون جايون ها وطن وسن.
”عبدالقادر“ چئي ڪندو ڪرم ڏٽي، ايندو گهوٽ غفاري قدم ڪٽي،
ڏسڻ ساڻ پوندا سڀ ڏوهه ڇٽي، ڏني سهٽل جي لڪ سور لهن.

**ڇوٿا ڇنو ڇوري ڪي:**

ڇوٿا ڇنو ڇوري ڪي ضعيف سندي پڌو زاري،
تو ڪان سواءِ پير مٺا منهنجي عمر زهر سپ ساري.
محب مران ٿي اڄ م، سائين سوا تو سڄ م،
ڇا ڪان ڇڏيو ٿا رڄ م، قسمت پانيان ڪاري.
باغ پنپوري نہ وٽن، تو ڪان سوا سڄ ڏسجن،
دانهون دم دم نڪرن، مرضن دلڙي ٻاري.
رويو رب کي روز چوان، شال ٻُري قبول پوان،
سور تہ ٿيا هن سئين سنوان، ڪڏهن ڪتيندي آري.
وٺي اوپاهہ جاڳن ٿا، ڪستوري جي ساٽن جا،
سور اهي ساڙن ٿا، جڏهن ياد پوي تو آري.
هيٺي ذات هيس اصل، ڪيچي ڪوهيارا ڪامل،
ڪرم ڪيو تو پاڻ پنهل، بد ڏنئي نا بدڪاري.
ڪوجهي ڏسي ٿا ڦتي جي ڪيو، تہ منهنجو پنهل ڪير پيو،
ساٿ پنهنجي سان محب نيو، ڪوجهي ڪملي ڪاري.
”عبدالقادر“ جهڙا هزار، خادم تنهنجا خدمتگار،
قطب رباني گهوٽ غفاري، بخشا بديون باري.

**گهوريان مور مٺل تان جند جان اگهڻ:**

رب شال ڪري ڪن سانگ سچڻ، گهوريان مور مٺل تان جند جان اگهڻ.

مرشد مير اچن منهنجا نيڻ ٺرن، لهي ورهن جا سڀ سور وڃن،
هر جا ذڪر فڪر جون تنوارون هلن، اهڙي محبن جو ٿئي شال ملڻ.
ڪيئي سال سڄا ويا ورهه وڃي، وئي افراد عمر ٿي برباد سڄي،
ملندا مارو ڪڏهن ويندا درد ڪڃي، انهن ويڙيچن جو ٿئي شال ورڻ.
ٿڌا ساهه ڪڍان دانهون دردي هڻان، ٿيم ڏوهه ڪروڙن ڪان به گهڻا،
عيبدار اڳيان ڪوجهي ڪيئن وڃان، آيم عمر سڄي جا سور سهڻ.
جاني جانب شل پرچائيان اصل، نه ته جهاڳڻا آهن درد جبل،
ٻڏي هيڻن جي ايندو هوت هيڪل، چوي ”عبدالقادر“ ذات ڏکڻ.

**مون ڪي موهيو محبوب:**

مون ڪي موهيو محبوب جي نور نازن،
پيو ساڙيو سڙي ڪي سندي سونهن سازن.
ڪري ياد جاني مران پئي وو ٻانهي،
زهر زندگاني سوا راڻي رازن.
ڪٺي گوءِ غازي ڪيائون پير راضي،
عجب عشق بازي لاتي شهبازن.
بيڪار ٻانهو ڪري ويا بيگانو،
زهر آ زمانو لڳا غم درازن.
ڏسي ضعيف وايو، ڪيئون ڪين ڪاڍو،
آ محبوب ڏاڍو ڪري طالب تازن.
”عبدالقادر“ چئي آهون، پيو ڪر تون دانهون،
مٺان ڪولي واهون ڪري رحم رازن.

**راز رمزون عشق جون:**

راز رمزون عشق جون، چاڙن ڇا غافل غير پيا،
سيني اندر لائق لنگهي، تي سالڪن سڀ سير ڪيا.
غازين خبر پئي گستي جي، پوءِ ويا مراقبہ مست تي،
چالاڪ طالب چست تي، فاني فنا ۾ ڦير ڪيا.
نظر نہ ڪيائون ناسوت ۾، اٽڪيا نہ جو جبروت ۾،
سي لامڪان لاهوت ۾، وهوا وڃي تن خير ٿيا.
عشق نہ آهي راند ۾، فرحت فراغت واند ۾،
ڏئي ساهہ نيزي پاند ۾، من مان ڪڍي سڀ مير ويا.
"عبدالقادر" تن پڙ ڪٽيا، هيبت ڏسي نہ تي هٽيا،
ڏينهون ڏينهن اڳتي سر ڪٽيا، وڃي سوار سوري شير ٿيا.

**ميكوں مار محبوباں:**

ميكوں مار محبوباں منهں مٹ گئينی،
می ڈی دلڑی فراقݨ پهٹ گئينی۔
ک ڈاں دم دم وچ دوست وسيلا،
اج ساته سوریں دی سٹ گئينی۔
ک ڈاں کول وسدا ها نال اساڈے،
سو تہ قرب قربان کٹ گئينی۔
ک ڈاں دل دے اندر دوست دیاں جائیں،
اهی جانب جهوکاں پٹ گئينی۔
اج منتھ نہیں کا محبوب منيدا،
رو رو گوڑے اکهياں دے کُهٹ گئينی۔
هک "عبدالقادر" ميں نہيں ماريا،
دوست دلياں لکھ لُٹ گئينی۔

**میڈے روح دی راحت:**

میڈے روح دی راحت رس گئینی،
میڈی دلڑی دوست وو کھس گئینی۔
ھک پل مول آرام نہ آوے،
شرم حیا سب وس گئینی۔
کرکر گالھیں مور مٹھل دیاں،
رو رو پاند اکھیاں تے پس گئینی۔
میں تہ چاتا ہوسیں ھوت ھمیشاں،
اج ساتھ سوریں دے ڈس گئینی۔
کیڈے وجاں کتھ یار کوں گھولاں،
بھُل رستے راھاں گس گئینی۔
قبول پون اھے "عبدالقادر"،
جیکی دوست دی در کُس کُس گئینی۔

**رحمت پور دا رانجھن:**

رحمت پور دا رانجھن راجا ملک رگیندا ویندا ہے
فیض فیاضی غوث معظم ڈیھ سجے کوں ڈیندا ہے۔
ڈیکھ سخا ودھ ڈینھوں ڈینھاں، طالب کر دے ھر ھندھ کیھاں،
فیض سجݨ جیویں ساوݨ مینھاں، ملکاں ملک وسیندا ہے۔
سندھ پنجاب روم ولایت، ھند بنگال برما بھارت،
ملک منیدا بزور کرامت، عرب عجم بھی رویندا ہے۔
فیض سجݨ پیا جھلکاں مارے، عرش معلیٰ تحت السریٰ دھارے،
بر بحر بھی جنھندے نعرے، جھنگ جبل بھی جھکیندا ہے۔
عارف عاشق سویں سونھاری، بیشک برحق راہ ستاری،
پر حق ایویں آکھیا کنھں نہ بھلارے، جوان جیویں فرمیندا ہے۔
عبدالقادر ھوت جو ھس دے، موتی ماݨک لعلاں وسدے،
جن اِنس قربان پئے کُسدے، جنھں دم جوان ہلیندا ہے۔

### وقت عجیب قیوم زمانی:

وقت عجیب قیوم زمانی، ھے ھے کجھ نہ کمایوسیں،
ھے ھے حیف ھزاریں، رلدے وقت ونجایوسیں۔
قسمت ماریا ھݨ کیویں کریجے، بحر اونہا اھو کیویں تریجے،
رحمت دا جت بیڑا بھریجے، اتھ چستی کر نہ چڑھایوسیں۔
دنیا سچی کوں دوست سݙیندا راہ رلیین کوں مولا ملیندا
رھبر ویندا ملک رگیندا، اھیں رنگ وچوں نہ رگایوسیں۔
کے سال پچھے آئی کول حبیبیں، جاگ جھنگل پھتی کوٹ عجیبیں،
پٹوں اساں پئی یار نصیبیں، بھاگیں کو نہ بھڑایوسیں۔
عبدالقادر کیھاں باتیں، غفلت گھاریم ساری راتیں،
ݙیکھ گناہ پیاں چھرکن چھاتیں، ایویں عمر گنوایوسیں۔

**لکھ لکھ دفتر:**

لکھ لکھ دفتر کیتم کالے،
سھݨا سݨ سوچ سنبھالے مرشد من کا سوچ سنبھالے
محب مٹھے دا ملݨ مھانگا، اوڑک تھی گیا یار اݨانگا،
سکھ سھولت سٹ کر سانگا، ویندے مست محبت والے۔
ݙور سجݨ وج ݙینھڑے لائے، مند ساوݨ ول مینھڑے آئے،
بوندیں بادل جوش جگہائے، یاد سجݨ پئی مرک مقالے۔
گجدے وسدے ابر جو آون، یاد پریں دی پور ݙواون،
مدتاں والے مرض وجاون، بھال سجݨ چا جیکر بھالے۔
بونداں باری جھڑ پھڑ جاری، برس بہاری ݙیکھ چودھاری،
تھئے تسادی دل دکھاری، پئی تھدھڑی ساہ نکالے۔
بدلیاں گجردیاں کھوندیاں آیاں، دھمکاں جھمکاں چمکاں لایاں،
سڑیاں دلیاں جلیاں جایاں، ݙیکھ سجݨ دی ناز نرالے۔
مرشد آوے آ گل لاوے، پیرا پاوے صحن سُھاوے،
اگݨ آوے جی جیواوے، کوئی توجہ تاب ݙکھالے۔
عبدالقادر جک دے جُھردے، پھٹ فکر دے کڑھدے کُردے،
مول نہ ٹھردی ھینڑی مردے، پئی کرݨی آخر کوہ کشالے

## وڏيل دل وارا منهنڙو متن ڪيئن ؟

وڏيل دل وارا منهنڙو متن ڪيئن،
ڦتيا جي فراقن سي ڦتڙا ڇتن ڪيئن.
شاهين شهبازن جي چشمن چڙهي ويا،
ڪيئي راهہ مسافر سڪ ۾ سڙي پيا،
اهو ناز نازڪ سدورا ستن ڪيئن.
ڪري شوق شهباز اچي ڪڙڪيو ڦهري،
جهتي دل چنبن ويو باز بحري،
ويتا دل ڦرائي سي واپس وٽن ڪيئن.
تڪي تير تن ۾ هنيون سيني ساجن،
وڏي دل دلبر ڦتيا روح رانجهن،
حسينڻ جي حشمت ڏسي حُر هتن ڪيئن.
پنهل ڪيئن پرت ۾ ويو پيچ پائي،
سسئي سجڻ لئي وئي ڪيچ ڪاهي،
حقي هوت ڪارڻ پيون پنڌڙا پٽن ڪيئن.
پنهون مجنون ميهر ٻيي محبت منجهايا،
گهر تڙ حبيبن تان گهوري گهمايا،
بره جون هي بازيون ٿا خاصيون ڪتن ڪيئن.
”عبدالقادر“ ٻيي ازلئون مُنو آهي محبت،
متي پير جي آ اندر منجهہ الفت،
لائي ديد دليون ٿا جاني جهتن ڪيئن.

## ملي آ محبوبن جي نوري نشاني:

ملي آ محبوبن جي نوري نشاني،
ڪپي ڪانہ مون کي سڪندر سلطاني.
ڪيا ڪرم مون سان سوين رب ستارا،
ڏنئين ڪين ڏوهن هئا مون هزارا،
سومر ڏينهن صبح جو ٿيو رايو رباني.
صدي تيرهين هجري ورهہ پنجهتر،
مليو تحفو تاريخ ٻارهين معطر،
مهينو هو ٻاڳن جو ربيع الثاني.
ٿرن نيڻ منهنجا پسيون پاڪ تحفو،
عمر ساري اهڙو نہ پيو هم نفعو،
حياتي سڄي ۾ بڻي مهرباني.
جسم پاڪ مرشد سندو آ مبارڪ،
اچي ٿي پرين مان خوشبوءِ بلاشڪ،
عطا ڪيئن عنايت جنابئون وو جاني.
چئي ”عبدالقادر“ ٿو ٻانيان بهاريون،
قرب ڪاملن جا سڪي ساهہ ساريون،
هجن راضي رهبر ٿئي مشڪل آساني.

## غفاري غفاري ڪري شل مران:

غفاري غفاري ڪري شل مران، بحر موج دُنوي منجهون شل تران.
ڪيان دانهون پل پل مان حضور ڪي، مٽي پير سائين تہ پُر نور ڪي،
محبت ساڻ عقبيٰ وطن تي وران وو.
اچي اوچتو ويس سمنڊ سير ۾، ويو پاند اٽڪي مٽي پير ۾،
مدد ساڻ جنهنجي مان تارئون تران.
جدائي جا درياء وهن پور ۾، جلي جان ساري وئي سور ۾،
جهوري ان ۾ جُڪندي ٿو جُرمين جهران.
اٿم آس اميد مٺل مور ۾، ٿيندو ساٿي سڪرات ۽ گور ۾،
حشر جي ڀيو هل ڪان ٿو ڏوهي ڏران.
آهيان دام دنيا جي عذاب ۾، لکيو جيڪي قسمت بنيو باب ۾،
لکيي روز ازل ڪان مان ڪاڏي ٽران.
ويم وقت سارو هي برباد ٿي، ڏکن ۽ غمن ۾ نہ دل شاد ٿي،
راتيان ڏينهان ڳڻتين انهن ۾ ڳران.
چئي "عبدالقادر" عشق اوج ۾، هجان شال محبت سندي موج ۾،
ٽڙائن نہ شل دوست پنهنجي دران.

**سهڻي غفاريءَ سنڌ کي لعلڻ لاتو ٿم رنگ رنگ:**

سهڻي غفاريءَ سنڌ کي لعلڻ لاتو ٿم رنگ رنگ،
قبر موت قيام ۾ ايندو سڄاڻي ننگ ننگ.
سِٽ سور جي پاڙهي پنا، سبق سِڪ جا ڏاهي ڏنا،
ڏسي نہ ٿو ڪوجها ڪِنا، توڙي شرابي پنگ پنگ.
فيض حسن جي بارش پيريا، ماڻڪ موتي موجون درياءِ،
تار انهي مان طالب تريا، دريا ڪري ويا دنگ دنگ.
سُرڪ پياري ٿو سچڻ ساقي، دل تان لهي تنهن دم تاڪي،
طالب ڇڏي نہ تسو باقي، وجهي وصل جا ونگ ونگ.
آڱر خالي ناهي اشارو، رڳ رڳ هلندئي ذڪر نعرو،
عشق سو نہ چلي چارو، باهہ برهہ جي تنگ تنگ.
”عبدالقادر“ چئي لهن اُولا، ملندئي غفاري منجهان مولا،
قلب المومن بيت الله، جوان ڪٽي ويا جنگ جنگ.

**وڃن ٿا وو سانگي پرين اڄ پلاڻيون:**

وڃن ٿا وو سانگي پرين اڄ پلاڻيون،
خوش خرم باغ دل جا وڃن ٿا ڪماڻيون.
هوت وڃن ٿا هتئون هاڻي، تن تنهين ڏي پيو تاڻي،
ماريو مُحبن جي آ ماڻي، جنهن سان روز رهاڻيون.
محب مڃي نہ منٿ ميان، سوا جانب ڪيئن جيئان،
زهر پيالا ويٺي پيان، ويا منزل ماڻيون.
عبدالقادر مري ماندو، گهڙي غم کان ناهي واندو،
رب رهبر ڪي هو آندو، ويون چنڊ چانڊاڻيون.

**وجي جڏهن ويڙيچن لايون ٽر ۾ ٽاڪُون :**

وجي جڏهن ويڙيچن لاٽيون ٽر ۾ ٽاڪُون،
ماريو آهي مارن انهيءَ ڏينهن لاڪون.
ڪيس قيد قابو بيوس هٿڙي باندي،
آهيان ان وطن لئي ميان سخت ماندي،
جدائي جا جيءَ ۾ ڏين چير چاڪون.
ڪريان دانهن فرياد شب روز روئي،
هلي ڪين حيلو نہ سُڻي ڪُوڪَ ڪوئي،
اڏيون آٺي سورن اندر ۾ اوطاقون.
چڙهي چوٽ ماڙي ڏسي ڏيهہ اباڻو،
ڪنوڻ خوب ڪنوٽو ڪيو مينهن مانداڻو،
جهجي جيءُ جهوري ساري ملڪ ماڪون.
سرتيون سپاڪيون سي پاسي پنهوارن،
سدائين سانگين سان پيون گڏ گذارن،
رليس آءٌ هڪڙي جڙي هس جڏانڪون.
چئي ”عبدالقادر“ ڪندو ڏينهن مولا،
ڏسان منڙا مارو لهن اڪين اولا،
ٽينديون معاف مون تان ماڻهن جون مذاقون.

**اچي نائب نبيءَ جي ڪان فيض وٺو:**

اچي نائب نبي جي ڪان فيض وٺو،
آهي محب مڪڻ ماڪي ڪان تہ مٺو.

جنھنجو فيض ائين جيئن شمس قمر، ٿيو ظاھر منجھہ جھان اندر،
لڳي عشق الاھي ٿو پچندي ذڪر، جنھنجي رمز ريجھائي آ لوڪ ڪُٺو.
ڏسي فيض غفاري گم ھوش ٿيو، جادو سحر چوڻ سارو لوڪ لڳو،
آهي فيض محمدي شعاع ڪيو، موريو دين نبي جيئن چيٽ ڦُٽو.
اچڻ ساڻ عجيبن بھاري ٿي، وئي ملڪن ۾ خوشبوءِ داري ٿي،
عطر مشڪ عنبر جي ھُٻڪاري ٿي، اچي لعلڻ ڪوليو سامان سٺو.
راٺل راز ڪري ڪاٿئون آيو ادا، پيري قربئون قدم ڏَسي نام خدا،
ڪري تنھنجي ثنا ڇا بدڪار گدا، عبدالقادر چئي لڳي چنبُ ڪان ڇٽو.

**ڇڏي جوءِ جوڳي ويا لاڙڪاڻو:**

ڇڏي جوءِ جوڳي ويا لاڙڪاڻو، بقا جي باغن ۾ ڪيائون ٽِڪاڻو،
رانجھن رمز پيريو ھو تخت ھزاري، ويو ھند سنڌ کي برھہ باھہ ٻاري،
ڪري ويو عُشاقن کي وارث ويڳاڻو.
ڪَڇي ڪيچ ڪاڇي سِري سنڌ لاڙا، ڦٽي ويو فراقن ڏئي سوز ساڙا،
ٿيو ساري ملڪن ۾ روئڻ راماڻو.
ڪن ڪيھون قلات ڪوھيار وارا، قنڌار ڪابل سيئي ڏيھہ سارا،
پنجاب پورن ۾ سورن سِتاڻو.
چئي **عبدالقادر** ڏنم ڏيھہ ڏوري، عرب ۽ عجم کي ويو چٽگ چوري،
ھيو ساري ملڪن جو محبوب راڻو.

**مرشد مير الاهي دل ٺاري آ:**

مرشد مير الاهي دل ٺاري آ،
جنهن تي جھُليو تاج غفاري آ.

گوهر غوثي جا ڀِري ويس وڳا، اچي فيض فضلي جا نعرا لڳا،
ڏسي تاب تنهنجو شيطان ڀڳا، ڪيو نبوي حڪم جنهن جاري آ.

هلي هوبهو مٿي نقش قدم، سهڻا ساڳو ڪرن پيا غفاري ڪرم،
ڏينهون ڏينهن ڏٺم جنهنجو فيض اُتم، ڦُٽي غوثن جي گلزاري آ.

مرشد نينهن غفاري ۾ نعرو هڻي، ويو بازي بره جي خان کٽي،
ماڻهن ملڪن ۾ وائي وات ٻڌي، ثاني ڪونہ سڄڻ دنيا ساري آ.

ڪرايو غوث غفاري بعد صلح جهين، ڏھ لک ڏيھہ جماعت نہ جوڙ جهين،
ڇيو حق ائين نہ انسان ڪهين، جيئن رهبر راھہ ڏيکاري آ.

مٺا محبوب الاهي ٿي آيا هن، سهڻي سنڌ جي مٿئون سانوڻ لايا هن،
مينهن محبت ڪي وسايا هن، اچي بوندن لاءِ بهاري آ.

”عبدالقادر“ چئي شل راضي هجن، ڏسي ڏوھہ منهنجا شل ڏول ڏکن،
ڍنهين جهانن ۾ پرين پردو رکن، رات ڏينهن منهنجي اها زاري آ.

## مرشد سھڻو سخي مان فياض چوان :

مرشد سھڻو سخي مان فياض چوان،
جنھن تي غوث غفاري جا راز نوان.

خدمت خاص ڪئي مرشد سائين آ، ڪچي کان تہ وٺي ڪاڇي تائين آ،
ماڏي سورين ۾ نور نائين آ، ساري ملڪن جو ساجن ساز چوان.
الله آباد اچي احمد خان شهر، رام دالي ۾ لاتئين عشق لهر،
وڏا قرب ڪيئين ڪيئي ڪاڇي اندر، هر جا حق منا جو آواز چوان.
ڪري قرب آيو اول ويري ۾، دولت خان شهر ڦتيئين ڦيري ۾،
ڪوليئين درد وڏا لڏي ديري ۾، ڏئي سِم ڪي سبق ڪيئين روح روان.
ٽائيم ٽوڙ ڏنئين انهي ويري ۾، بوندون برس اُتو تنھن پيري ۾،
راضي روح ڪيئين راڄي ديري ۾، راڄي ڪوھ مري ۾ نياز چوان.
ڪامل ڪسبي ڪان ويو گاج گھمڻ، ڪيئين نور نظر لڳي وير وهڻ،
ڪِن سالن ڪان تنھن جو ناهي سُڪڻ، ٿيو ملڪ سڄو نوري ناز چوان.[1]
ڏاڍي قوم پروچ لغاري ڇا، چانڊيا مست الهوٽ لاشاري ڇا،
شاهي شودا چور بازاري ڇا، ڏئي سِڪ جو سبق ڪيئين سات سنوان.
”عبدالقادر“ جي ويا بي ڏوھ پڇي، وين قلبئون سارو قرب ڪڇي،
جيڪو نعرو محبت ويو هو وڃي ، سو پور ڪري ويو پرواز چوان.

---

[1] **ڪرامت:** ڪاڇي واري نئين گاج ڪڏهن وهندي هئي ڪڏهن سُڪي ويندي هئي. مرشد ڪريم حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ کي فقير اتي دعا لاءِ وٺي ويا. پاڻ دعا گهريائون، ان سال کان اڄ تائين تقريباً چاليھ سال ٿي ويا آهن گاج سُڪي ناهي. ان ڪرامت جا ڪاڇي جا ماڻهو شاهد آهن. فقير سائين هن شعر ۾ حضرت محبوب الاهي جي فيض برڪت جو بيان ڪيو آهي. پاڻ جن جن شهرن کي محمدي رنگ ۾ رنگيائون انهن شهرن جا نالا شعر ۾ بيان ڪيا اٿس.

**ڪيچي ڪنهن نہ سچاتو آ:**

ماڻهن ليکي آ دلبر ڏوڀي، پر ڪيچي ڪنهن نہ سڃاتو آ،
سالڪ صحيح ڪو يار سڃاڻي، جنهن پيچ پنهل سان پاتو آ.

ڏوڀي آهن دل جا دليرا، ڏوئن من جون مديون ميرا،
ڪيچ ۾ جنهنجا وسن ديرا، هت نينهن سندو ڪوئي ناتو آ.

سِڪ سوداگر زر جو ناهي، ڪيچ جو والي ڪامل آهي،
ڏک دلين کي هنيائين ڏاهي، ڄام آري تن ڄاتو آ.

طعنا مهڻا لوڪ پيو لوئي، پنهل پسيون پئي هر ڪا روئي،
خان ڪتي پيو دليون ڌوئي، راڄن کي رنگ لاتو آ.

ڏورئون ڏسندي جلوو جاني، نج نشان لڳو يوسف ثاني،
ذات ٻروچن جي ٽيان ٻانهي، اچي ساڻ سونهارن لاتو آ.

پر ۾ پنهل ڪوئي پيد بنايو، سڪ پنيورين ساوڻ لايو،
دل ڪنيڻ لاءِ عاشق آيو، اچي فراقن ۾ ڦاٿو آ.

”عبدالقادر“ سرتين سايو، پيچ پنهل سان پختو پايو،
خواري ملامت ڪٽي آيو، خان ڪرائي ڪاتو آ.

**اچي خانپور ۾ لايا دوست ديرا :**

اچي خانپور ۾ لايا دوست ديرا،
هوندا جيڪي طالب پڄندا نہ پيرا.

اصل فيض مصدر هو مرسل مديني، اچي منتقل ٿيندو سيني بہ سيني،
ڪيا هر جڳھ تي انهي فيض ڦيرا.

ڪڏهن بوندون بُسطام برسيون بخاري، ڪڏهن روم بغداد سرهند ۾ ساري،
ڏٺا رحمت پور ۾ اهي وقت ويرا.

صاحبزادي جا ڏٽڙا ڏسي هوت هادي، ڏيارئين تنهن کي گرهوڙي جان گادي،
ڪڍي فساد فتنو ڪيائين صلح خيرا.

ڪڍي بغض باغي جهل صاف سينو، ڏيکاريو قلب ۾ مرشد مدينو،
مڃي پوءِ منزل وٺي واٽ پيرا.

ڪر سوچ سمجهي اهڙي رمز راٽا، نظر ڪين ايندئي پرين پُڄاٽا،
ڪلمي حق جي سان ڌوئي من جا ميرا.

چئي "عبدالقادر" آ عاشق الاهي، جماعت سڄي ۾ رکيئين روشنائي،
چوي حق هر ڪي ننڍا چا وڏيرا.

## اڇي ديرا دردن لايا هوت هاٽي :

اڇي ديرا دردن لايا هوت هاٽي،
ڪوڙئين خانپور ۾ اڏو عشق آٽي.

برڪت الاهي ڪئي روشنائي، هلي مُلڪان ملڪين اها وات وائي،
ڏسي مڇ محبت آيا پتنگ پاٽهي.

مطلب سمورا ڪري پير پورا، ٻرن عشق رب جا جتي خوب ڪورا،
اڇي جوئي سڪ سان وڃي موج ماٽي.

ڪيئي چور ظالم ڪيا سهٽي سالم، ادا اڪ تہ پٽ تون هو اونداهہ عالم،
وُٺا مينهن رحمت سڄڻ جي ساماٽي.

اڪ پٽ ادا تون پؤءِ جوان جاڳي، دارالفنا ۾ اٿئي جوان جوڳي،
اڳي ڏس عاشق پيارا ويا ٻلاٽي.

هادي حق ٻڌائي رِيا نا رڪائي، هجي توڙي حاڪم پيو مانجهي مَجائي،
چئي ”عبدالقادر“ صحيح ڪو سڃاٽي.

**چڙي خيال خطرا اچو خانپور ۾:**

چڙي خيال خطرا اچو خانپور ۾،
رهو پير ڪامل جي ذڪر و فڪر ۾.

ڏسو جوان جاني ڪيڏي مهرباني، نوازي نظر سان پيو چور زاني،
جن ديو پريون پيي آيا امر ۾.

هئا چور فاسق ٿيا رب جا عاشق، روئندي ڏٺاسون ڪيڏا قرب لائق،
اُهي موجون ماڻن جيڪي رب جي گهُر ۾.

شريعت سان شامل آمحبوب ڪامل، حقيقت جو هادي آهي واٺ واصل
اٺ ئي پهر آهي ويراڳي وندر ۾.

اصل عشق بازي گهورن گهر غازي، اول آزمائي رهن پوءِ راضي،
ڪري ياد ڳالهيون سدا رهہ شڪر ۾.

"عبدالقادر" ڪيهان ڪري رات ڏينهان، ڏسي ڏوهہ پنهنجا روئي رت مينهان،
پڙايو نہ ڀاڳن حياتي وئي قُر ۾.

## ویکھو رمز رضا میڈے ڈھولڑ دی:

ویکھو رمز رضا میڈے ڈھولڑ دی، سڑ بات برہ دے بولڑ دی۔
پچھا نہیں جتھ ادنیٰ اعلیٰ، جیکو ئی آوے کوجھا کالا،
بھر بھر ڈیندے عشق پیالا، تول نہیں جتھاں تولڑ دی۔
نال نظر پئی جیء وچ جھوری، رگ رگ ھلدا ذکر زوری،
لوں لوں دے وچ لگی لوری، پھٹ فراق دی پھولڑ دی۔
جنھن کوں جانی کیتا نظر وچ، دُھم دَھڑیاں لگیاں جان جگر وچ،
تند تنوارے ذوق ذکر وچ، ساعت نہیں چپ چولڑ دی۔
سال گذر گئے نہ سمجھئی حق، اجاں تیکوں نہیں پوری پک،
تیکوں رہایا شبھی شک، گالھ اھا نہیں گولڑ دی۔
"عبدالقادر" واہ بھلائی، کامل کَیتی محب الاھی،
سمجھ اساں کوں اصل نا ہئی، غیب خزانے کھولڑ دی۔

## سکھ وسن اھے جائیں:

سکھ وسن اھے جائیں الا جنھں دل دوست گذارے،
جنھں دل دوست گذارے، سا دل پُور پکارے۔

وچ مشاھدے مست جوتھیندے، عشق دا پیالا بھر بھر پیندے،قلب انھاندے قرارے۔
جانی جنھاں تے نظراں لایاں، وِسرگیاں سبھی وایاں، ھک دی تار تنوارے۔
جانی جنھاں تےنظر بھالے، لھندی قابض کل کشالے،تھیون ڈُور ڈکارے۔
عشق الاھی جنھن سر آیا، دلبر اتھاں دیرا لایا، تھی گئی باغ بھارے۔
قلبی روحی سری سایا، خفی اخفیٰ نفس کمایا، سلطان الاذکارے۔
مرشد میڈا محبوب الاھی، ستی دلڑی جوان جگہائی، انگل والے اشارے۔
موج مھل دی مُنڈڑی آئی، کھنوڑ دل وچ خوب کھنوائی،گوڑاں دی گجگارے۔
کالے میلے بھورے بادل، بوند برکادی لاتی تھادھل، اکھڑی پئی اچھنگارے۔
عبدالقادر سارے ساوڑ، کڈاں تھیسیں تنھں دا آوڑ،پیا کوئل وانگوں کوکارے۔

## اڪڙيون عجيبن سان:

اڪڙيون عجيبن سان وجي ڪيئن اوچتو آهن اڙيون.
سي مُنيون ڪيئن ماٺ ڪن، جي سوز سڄڻ جي سڙيون.

جڏهن ديد دلبر سان لڳي، دلڙي اتي نه ڦهه نڳي،
اچي عشق جي نوبت وڳي، وجي چوٽ چشمن تي چڙهيون.

جن ديد دلبر جي ڏٺي، وئي ننڊ نيڻن ڪان ڦٽي،
پيو آب اکڙين مان ڇُٽي، بيوس ڪرن روئي رڙيون.

حُسن حضرت جو ڏسي، پُلجي پيون سي بيوسي،
دلبر اتي دلڙي ڪسي، دردن لاتيون دل ۾ ڏڙيون.

جت نا پرين پنهنجو پسن، اتي مينهن سانوڻ جان وسن،
در در ڦري ڏوري ڏسن، جت ڪٿ پائن پيون جهاتڙيون.

ڏسي ”عبدالقادر“ سُچا صحن، پيا واهه نيڻن مان وهن،
اهي سور ساجهر ڪيئن لهن، غم ۾ گذارن راتڙيون.

**جوءِ ڇڏي ويا جوڳيئڙا:**

جوءِ ڇڏي ويا جوڳيئڙا، ڏينهن ڏکيا پئي گھاريان،
سچ ڏسي سي جايون تن جون ، آب اکين مان هاريان.

سڄڻ اهي سک وارا ڪوچ ڪري ويا ڪاتي،
پُور پون ٿا پلپل جن سان گذاريم جاتي،
سُور اُهي سڄڻن جا ٿاريون ڪاڏي ٿاريان.

سڄڻ اهي سوز پريا، سانگ ڪري ويا سائين،
ويچوڙا وجهي ويا جيڏيون، روز قيامت تائين،
باهہ بره پئي ڀڙڪي، آڳ اها ڪيئن ٺاريان.

جڳ ڪيئي جوڳين جي نينهن نِوايا ناتي،
موج مجازي محبت قرب ڏسان اج ڪاتي،
ياد ڪري ڳُڻ ڳالهيون، ڳچ اندر پئي ڳاريان.

جوڳي جماعت سوڏا ڏيھہ ڇڏي ويا ڏيهي،
حال حبيبن سان نہ ڪيم وقت خلاصي ويهي،
دل جا دل ۾ رهيا، سور اُهي پئي ساريان.

”عبدالقادر“ آخر حال ڇڏي هي هلبو،
جاڏي ويا جوڳيئڙا واٽ اها ئي وجبو،
قول ڪريمن وارا پِرت منجهان شل پاريان.

**خدا جي واسطي مرشد الاهي :**

خدا جي واسطي مرشد الاهي،
مدد گهرجي مريضن سان ضروري.
ناهي تقويٰ ۽ توڪل جي مون طاقت،
نہ ٿي مون کان مٺا پرهيز پوري.
عمر ساري گناهن ۾ گنوايم،
نہ ٿيو مون کان عمل ڪو نيڪ نوري.
سڄو سڪڻو ٿي تنهنجي در تي آيس، وڃائي هيءَ
حياتي سڀ سموري.
جيئن جانب ڪيئي ناڪس نوازش، لکڻ لائق
ناهي خاصن ڪٿوري.
نظر جيئن ڪيئي تيئن پار پهچاءِ،
روا ناهي رَندن اڌ ۾ اڌوري.
سُتي دل کي جاڳائي آڳ لائي،
ڪجي پوءِ ڪِين ايڏي دوست دوري.
جرم جاني ويا ول جان وڪوڙي،
وڃي ڪاڏي هينئر ناڪس ندوري.
ڏکيون ڏونگر سُجهن پيون چوٽ چاڙهيون،
پهڻ پربت اٽاڳها سخت سوري.
اوهان جي ڏاء ڏجان نقشبند عالم، ڪيئن پهتو
عرب آدم بنوري.
”عبدالقادر“ چوي ڏسي حال هيڻو،
ڪيو دائم دلي حاصل حضوري.

**سوز ساجن جي سنپاريا :**

سوز ساجن جي سنپاريا موج ڪنهن مانجهي متا،
جوش جذبي ڪنهن جاڳايا شير تي شوقون ڪُتا.

ذڪر واري ذوق سان ڪيائون خيال خارج سپ ڦِتا،
ماسوا جي موج ۾ چنبڙ تيا چانديءِ چِتا.

ورهه واري واٽ ۾ تي سور سختيون سپ ستا،
حسن مير حسين تي مينهن آزمائش جا اُنا.

جِت سورن ڪيون ساولون گونچ غمن جا ڦُتا،
نعرا تني نورن سندا ڏيهه ساري پيي ڏتا.

پاڻ نڪري پاڻ کان تيا قرب ۾ ڪامل ڪَتا،
پيا بره جي باهه ۾ چِڪ چوهه دنيا جي ڇُتا.

پنجتنن جي پيروي کان وِڪ نہ هڪڙي تون هتا،
”سومرا“ ان سوز ۾ تون صادقن جا سر لُتا.

**جيڪي محبت مچ مچائي ويا:**

جيڪي محبت مچ مچائي ويا،
سي تہ وارو پنهل وڃائي ويا.

صورت سيرت ۾ سهڻا نور هئا، محبت مولا ۾ ڀرپور هئا،
مستي موج مثل منصور هئا، جذبا جوش جڳن ڪان ڪرائي ويا.

سهڻا غيرت ۾ جيئن غفار هئا، عاشق اوج اندر ڄڻ عطار هئا،
واه واه عشق الاهي خمار هئا، سڪ سوز صحيح سمجهائي ويا.

اصل سهڻا سخي ڄمندي ڄام هئا، جهنڊا عالم ۾ تہ اسلام هئا،
مينهن محبت جا وسندا عام هئا، ظاهر باطن وس وسائي ويا.

راڻي راڄ رڱيا ڪئين سهڻي سخي، اهڙي رمز الله انهي منجھ رکي،
روئن حجر شجر پيا پرندا پکي، وڏي باھ بره جي ڀڙڪائي ويا.

مسجد عاشق ري اڄنگاري پئي، سيئي حجرا حويليون روئاري پئي،
ڪري ياد پنهل هينئون ڏاري پئي، ساري عالم جي دل دکائي ويا.

1411 ۾ تہ وصال ٿيو، سوا هڪ بجي سومر رات ويو،
عاشق عرس مهيني انتقال ڪيو، تاريخ چوويهين چوٽ چڪائي ويا.

"عبدالقادر" چئي ويو وقت وهي، ڪيم ڪين قريبن سان قرب صحي،
ارمان اهو ويو روح رهي، منهنجون آس اميدون رهائي ويا.

**وينو آ گهوٽ گادي تي حقي حقدار:**

وينو آ گهوٽ گادي تي، حقي حقدار سائين ڪرم الله،
ڪنيو ڏس دؤر نازڪ ۾، بره جو بار سائين ڪرم الله.
صاحبزادو سچڻ سائين فراقن ۾ ويو ڦٽجي،
سچڻ هي فيض ساڳيو ٿوَ ليڪن ڪانتو ويو متجي،
الاهي عشق امانت جو ڪيو اظهار سائين ڪرم الله.
دجالي دؤر ۾ دلبر ڪيو آ فيض ڪي سستو،
نينگر نوجوانن پيي، وتو اچي دين جو رستو.
ڪٽي ڏندڻ رکي ڏاڙهيون پڏائي دستار سائين ڪرم الله.
صاحبزادو سچڻ سج جيان پيو عالم اندر ايري،
هزارين پوش پردن ۾ پيو جُهڙ ڪان جيئن نڪري،
ڪيڏو سنڌ ۾ شعاع شمسي ڪيو چمڪار سائين ڪرم الله.
اٿندي نور نرمل جا پيا ڪائنات ۾ ڪرڙا،
اهي ٿيا دين ۾ داخل جيڪي نہ هئا ڪيي ورڙا،
وڏائين هوش حيرت ۾ عجب اسرار سائين ڪرم الله.
قلب ڦيري ڪرامت سان نوان نينگر نوائي ٿو،
ڏيڪاري تاب توجهہ جو ڪَئين منڪر مڃائي ٿو،
اڃا انڌا نہ ٿا سمجهن جذب جهلڪار سائين ڪرم الله.
”عبدالقادر“ چوي جيڪو رسان مقصود منزل ڪي،
عقيدي ساڻ عاشق جي ڪري قبول محفل ڪي،
لهن غمڙا سيئي ڏڪڙا ڏسي ديدار سائين ڪرم الله.

**خواجہ پير سخي:**

خواجہ پير سخي سائين ڪرم الله ڏسو،
جنهنجو فيض دنيا ۾ درياء ڏسو.

آهي محب الاهي جو گوهر گل، اٿندي عالم ۾ لايا حضرت هُل،
ڪتي محبت جو ويو مقام اصل، ڪيڏي تيز طلب سڪ ساهہ ڏسو.

پهتو ڪين فقيرن جو فهم جتي، ڪيو پير منهنجي پرواز اتي،
قدم ڪامل جا ڦريا عرش مٿي، تحت السريٰ تڪ روشن راهہ ڏسو.

ڪئين ڀاڳ ڀريا اڄن ڪوهہ ڪمي، رڳ رڳ ۾ وئين نالو رب جو رهي،
سڪ سڄڻ جي ڪيائون سوچي صحيح، ڪيڏو عشق عجيبن الله ڏسو.

دلبر دل ستي ڪي جاڳائي ٿو، ڪئين راهہ رُليا دڳ لائي ٿو،
وڇڙيا مالڪ ساڻ ملائي ٿو، حامي هيڻن جو همراهہ ڏسو.

ڏسندي محب هلي ذڪر زوري ٿو، لائي لون لون ۾ لعلڻ لوري ٿو،
دلبر دل سندي ڪري چوري ٿو، ڳلين ڳوڙها وهن واه واه ڏسو.

”عبدالقادر“ چئي محبت ماڻي سو، صحيح شان شريفن ڄاڻي جو،
صاحبزادي سڄڻ ڪي سڃاڻي ڪو، لڳي آڳ اندر باري باهہ ڏسو.

## منهنجي مير مرشد جو:

منهنجي مير مرشد جو هلي ڏس تون پارهو،
ڳلي ڳوٺ گهر گهر، لڳو جنهنجو نعرو.
مجلس جنهن جي آ خالص خدائي، برهه باغ بستان گوهر الاهي،
ڪتي خان ويڙا وريو جن جو وارو.
صدي سخت پندرهين ٿو جلوا ڏيکاري، سئين راهه حق جي سالڪ سيکاري،
آهي اهڙو عاشق پرور جو پيارو.
ڪيسٽون قرب واريون ڪئين جڳ ۾ جاري، انهي برس بادل ڪئي بوند باري،
ڏوتئين ڏوڙ دل جا هيو قلب ڪارو.
خواجه ڪرم الله جي ڪندي يار ڳولا، طريقي ۾ داخل ٿيا ٽولن جا ٽولا،
وتئون دوست دلبر جو سالم سهارو.
مهيني ۾ مرشد ڪري ٻِٽُ پارها، دادو ماتلي ۾ هلي پَس تون پيارا،
کُليو ٿس خدائي خزاني جو جارو.
دلبر دين جي ڏک ويئا ڪين واندا، سدا موج مجلس لاءِ مور ماندا،
وقف واٽ وحدت ڪيائون سِر سارو.
چئي "عبدالقادر" لکان چا ثنائون، لکڻ ڪان لنگهي ويون پِنا پيو پناهون،
سوا سڪ پورل جي چلي ڪين چارو.

**باھ برھ پٹی چمکے چوٹ :**

باھ برھ پٹی چمکے چوٹ، طالب مولیٰ کوں سڈاوے،
طالب مولا کوں سڈاوے ، عاشق مولا کوں سڈاوے۔

جیکو آوے جان جلاوے، پچھتے منھڑا مول نہ پاوے، سب وسارے گ͏ڈتیاں گوٹھ۔
آپ وجاندے آپ نہ بھاندے، عشق دیاں بازیاں سیئی چاندے،ھستی والے کرن کوٹ۔
ڈیکھ ڈکھالے برھوں والے، عاشق کردے مول نہ ٹالے،توڑے پون ڈونگر ڈوٹ۔
چھوڑ اڑانگے، سٹ کر سانگے، ول وطناں نہ گھرے نانگے، تھیندے لعل قلندر گھوٹ۔
کیئی آندے کیئی جاندے، بھاگیں والے بحری پاندے،کے کے ویندے واٹئوں موٹ۔
محب الاھی بارش لائی، "عبدالقادر" آکھے جائی، پٹی پھٹ فراقیں والے پھوٹ۔

**عشق ملي نہ ٿو عام:**

عشق ملي نہ ٿو عام برھہ ڪري بدنام،
ڪنھن خاصن کي چوٽ چڪائي.
شاھہ گدا جو ڪري خيال نہ ڪوئي، وجھي دانائن دام،
پيو گھر گھر يار گھمائي.
قيس کي محبت مجنون بنايو، لڳو ليلا سندي لام،
پيو مصر جا پنڌ پچائي.
خان ڪتي ٿيو ڪيچ جو والي، ڪيئن سسئي جو بہ سلام،
ويٺو اچي ڪيئن سنڌ وسائي.
عشق رانجھن جو اوج وڃايو، ڪري تخت هزارو حرام،
ويو جوڳي جھنگ سڏائي.
فرهاد فنا ڪيو ڏونگر ڏاري، محبت ڪيڏو مقام،
چڏيائين سو ڪوھہ ڪنبائي.
"عبدالقادر" عشق اڙايا، تڪي طلب تمام، وڏا مير منجھائي.

## عاشق اهي ڪيئن آرام ڪن:

عاشق اهي ڪيئن آرام ڪن، جن کي پنهل جو پور آ،
سورن سندو جهاڳڻ جبل مردن سدا منظور آ.
رهي ڪرم پور راتڙي، ڏس عاشقن جي ڏم ڏڙي،
جگر ويو سڪ ۾ سڙي، سيني ۾ سوزش سور آ.
دلبر جني دلڙي لتي، سڪ صبر ويڙا ڦتي،
دانهون ڪن دردئون وٺي، چاڪن ڪئي دلڙي چور آ.
سڄڻ جني سڪ سان ڏنو، رهبر منهنجو مرشد منو،
چنڊ چوڏهين ڪان چٽو، نورن ۾ سهڻو نور آ.
"عبدالقادر" جن دل سڙي، راتيون وين روئندي لڙي،
سالُ سڄڻن ريءَ گهڙي، گهارڻ تني لاءِ گهور آ.

## سي نينهن ۾ چو نہ نچن:

سي نينهن ۾ چو نہ نچن، لڳو قلب جن جي ڪان آ،
هن درد جي کهڙي خبر جو برهہ ڪان بيگان آ.
بيدرد پاسو ڪر ادا، جانب ڪري ويو جيءَ جدا،
اڄ ساهہ سهڻي تان فدا، مستي سندو ميدان آ.
بي درد پاسو ڪر پري، اڄ عاشقن جي نا اري،
بيوس وڏو ڪامل ڪري، جدا جيءَ جسم اڄ جان آ.
جي نيڪ نيت سان اچين، هرگز برهہ ڪان نا بچين،
تي نينهن ۾ نانگو نچين، عشق عظيم الشان آ.
وحدت جتي وادي وُڙهي، سُورهہ ويا سوري چڙهي،
اِهي پرت جون خبرون پڙهي، مڃڻ حق مسلمان آ.
"عبدالقادر" عيدون ڪرن، جيڪي سوز سڪ ۾ ٿا سڙن،
نر وڃي نيزي چڙهن، پوءِ مرڻ تن جو مان آ.

**جي چوين عاشق ٿيان:**

جي چوين عاشق ٿيان، جهل جان تي جوڳي جفا،
غير جي ان غار مان ٿي وڃ اصل صوفي صفا.
صادق ٿيي ويا سير ڪي، لهر موجون ويرڪي،
منصور جان مهمير ڪي، سِر ساهه ڏين سؤ سؤ دفعا.
عشق جهين امام ٿيو، ڦِتي عيش ۽ آرام ويو،
من اندر ماتم پيو، ويا وهم ڇڏي خيالي خفا.
عشق انهي ارباب ڪي، نينهن نوايا نواب ڪي،
برهه ڪيا بيتاب سي، حاصل ڪيائون نوري نفعا.
سڙ ”عبدالقادر“ سور ۾، پاس ڪن ٿا پور ۾،
اهو دائم آ دستور ۾، پوءِ پاڻ ڪندو شافي شفا.

**سِر جي طمع سورهه ڪٽي:**

سِر جي طمع سورهه ڪٽي، مانجهي لٿا ميدان ۾،
ارض و سما جُنبش لڳي، جنهن دل چڙن چوگان ۾.
محبت سچي معبود جي، مالڪ سندي مقصود جي،
ڪري نفس ويا نابود پيي، اٽڪيا نه شر شيطان ۾.
ڇڏي عيش دنيا اوج ڪي، ماڻي ويا حق موج ڪي،
وڌائون فراقي فوج ڪي، ٿيا درد جي دوران ۾.
تن جي وصف ڪهڙي ڪيان، نعرا اناالحق جن هنيا،
موج مستي ڪنهن ڪنيا، ذوقئون پيا زندان ۾.
چئي ”عبدالقادر“ تيار ٿيا، عاشق سوري سوار ٿيا،
نيڻ نينهن ۾ نروار ٿيا، ٿا مرڪن مور جهان ۾.

### عاشقن جون عادتون:

عاشقن جون عادتون، اڪسير سي ڏس تون عزيز،
تي نماڻا جي اڳهاڻا، مير سي ڏس تون عزيز.
هڪ ذڪر ۽ ٻيو فڪر ، ٽيون شڪر آهي شان تن،
پير پيارا جيءَ جيارا وير سي ڏس تون عزيز.
چوٿين تقويٰ پنجين توڪل ڇهون صبر ۾ ساب پيا،
مٿن عجب ٻين لقب ، پير سي ڏس تون عزيز.
ستون سخا ائين محبت نائون آهي نياز تن،
ڪين ڌَهليا جاڳي هليا سير سي ڏس تون عزيز.
"عبدالقادر" عادتون عربي سنديون تن ۾ تمام،
نيڻ ابرو عاشقن جا تير سي ڏس تون عزيز.

### استقامت هٿ ڪئي جن:

استقامت هٿ ڪئي جن، سي تري ويا تار مان.
لهر لوڏيا ڪي ڪي، پهتا وڃي سي پار ڪان.
پي پيالو پير ڪامل ڪان مڇي مستان ٿيا،
خائف ڪڏهن ڪين ٿيا درياء جي دڏڪار ڪان.
پير پنهنجو جيڪي طالب ٿا ڪن راضي عزيز،
شراب تن ڪي شوق شاهي جو پيارن پيار مان.
سچ جو سندرو ٻڌي غازي گهڙن ٿا گهير ۾،
جلد تي واقف ويا لهرين سندي للڪار ڪان.
ڪيئن وسارين قلب مان پنهنجو سائين "سومرا"،
حيف تنهنجي حال تي جو ڪڪ ٿئين اهڙي ڪار ڪان.

**عشق جن کي آ اندر ۾:**

عشق جن کي آ اندر ۾ تن کي طعنا ڇا ڪندا،
حق پيو هينئڙي وسي پيا ڀُل ڀهانا ڇا ڪندا.
شريعت آهي بر بحر، طريقت تنهنجي آ لهر،
حق حقيقت جو هنر، ظاهر زمانا ڇا ڪندا.
شريعت آهي هڪ شجر، طريقت تنهنجو آ ثمر،
ميوا حقيقت جا مگر، پيا ڪاٺ ڪانا ڇا ڪندا.
ڪو مرد ڄاڻي معرفت، صوفين جي سمجهي ڳالهه ڳت،
پنهنجي پڇاپائون ڪارپت، نفل دوگانا ڇا ڪندا.
سجدا ڪندي ڪنپ ويا ڪُسي، ويا نرڙ ۾ گوڏا گسي،
اخلاص ري عمل ڏسي، اهي وائي آنا ڇا ڪندا.
"عبدالقادر" سڪ ۾ سُجهي، دلبر پيو دل ۾ پُجهي،
هڪ رب منهنجو راضي هجي، پيا جڳ جهانا ڇا ڪندا.

**صوفي سچ اپارن ٿا:**

مرد ويهي ڪي مراقبي صوفي سچ اپارن ٿا،
صوفي سچ اپارن ٿا ، روئي رات گذارن ٿا.

مزو جن کي شاهن شاهي، آيو دل ۾ ياد الاهي،
دور دنيا جي وسري وائي، غور انهي ۾ گهارن ٿا.
جن کي ذڪر چوٽ چڪائي، رحمت واري رمز رڪائي،
لهرن ۾ پئي ڪان لڪائي، تار مان پيڙا تارن ٿا.
ياد ڪيو جن مٺڙو مالڪ، پاڳ تني جا ڪوليا خالق،
ساهه سڄڻ تان گهوري سالڪ، پنهنجو پاڻ ڏيکارن ٿا.
"عبدالقادر" پور پچاري، سڄڻن جي پيو صحبت ساري،
غيرن سان پيو گڏ گذاري، ڳڻ پرين جا ڳارن ٿا.

**دم دم ساري دوست اندر:**

دم دم ساري دوست اندر ۾ برهه بنايون بازي الا،
رندن پنهنجو روح ڪيو آ رمز انهي ۾ راضي الا.
قوي ڪامل قلب ڪري، منزل باطن پنڌ پري،
دل ۾ پختو ڏيان ڌري، ٻٽيا فيض فياضي الا.
مزو جن ڪي محبت آيو، ذڪر سندو تن ذوق پچايو،
پيچ پرين سان پڪو پايو، ٻٽيا نور نمازي الا.
محبت وينا مچ مچائي، راحت ۾ ويا روح رچائي،
پرين وارو پور پچائي، گوءِ ڪتي ويا غازي الا.
دم نہ غافل خيال خدائي، ڪهڙي خدا سان تن جدائي،
تن تان سارو جڳ فدائي، منزل ويا هٽي ماضي الا.
علما ظاهر ذوق نہ ڄاڻي، رمز وارو ڪوئي راز سڃاڻي،
ياڳ وارو ڪوئي موجون ماڻي، قرب وارو ڪو قاضي الا.
"عبدالقادر" خدا وارن، ذڪر ڪر تون پيو پيارن،
تار مان تنهنجو ٻيڙو تارن، هجي جنگ جهازي الا.

**عاشق اهو عارف بالله:**

عاشق اهو عارف بالله، جيڪو سوز ۾ سڙندو رهي،
سڪ سور ۾ ساري سڄڻ، پنا پرت جا پڙهندو رهي.
جو فقر فاقي اندر، رکي وادي وحدت سان وندر،
لاهي بار باري وٽ بندر، لهرين اندر لڙهندو رهي.
رکي ياد هر دم يار کي، چني طلب جي نا تار کي،
طلبي نہ کنهن اسرار کي، اوجهڙ نہ کنهن اڙندو رهي.
عشق آتش جي اندر، ساڙي ڇڏي من جا مندر،
کُلي وحدت جي وندر، پوءِ قلب ۾ ڪڙهندو رهي.
”عبدالقادر“ چئي عاشقن، سارهہ ڪيان پيو سالڪن،
پيري ڪنهين من پال ڪن، تاڻن ۾ تو تڙندو رهي.

**عمر تنهنجون ڏسي ماڙيون:**

عمر تنهنجون ڏسي ماڙيون، گهڙيون خوش ٿي نہ گهاريندس،
گهڙيون خوش ٿي نہ گهاريندس، سانگيئڙا پئي مان ساريندس.
تاج تنهنجا اهي تجمل، پٽ پٽيهر بخمل،
زيب زريون زيور ڪُل پڻ ڏئي ٻاريندس.
هنڌ هندورا سيج پلنگ، ڪين وڻن تا ريشم رنگ،
سانگي سڄاڻي ايندا ننگ، جيسين هنجهون هاريندس.
ساري پنهوارن پڪڙا، دل ۾ لڳن پيا ڏڪڙا،
ڪاٽي عمر تنهنجا ڪوٽ ڪڙا، تائيم چئي تاريندس.
ٿيا ”عبدالقادر“ ميلا، ورڻيا وصل جا ويلا،
وڃي ويڙهيچن ڇيلا، چاهہ منجهان چاريندس.

## سکھ بازی عشق بناوݨ دی:

سکھ بازی عشق بناوݨ دی، کا محبت مچ مچاوݨ دی،
لنئوں پنھل دے لاوݨ دی۔

عشق سوا جو عام عمل ہے، نفس دا تنھں وچ یار دخل ہے،
نفل نمازاں علم اصل ہے، کھڑے کار کماوݨ دی۔
عشق اول استاد پچھاویں، صورت تنھندی پاک پکاویں،
فانی فنا فی شیخ بناویں، پرت خدا پھچاوݨ دی۔
ذکر فکر دے کار کماویں، سر سجݨ تہن گھول گھماویں،
اتھندے پھندے پرت پکاویں، رمز اھا رنگ لاوݨ دی۔
ریھاں کر کر راتیں رُوویں، آب اکھیں نل دلڑی دھوویں،
ہر دم یاد خدا وچ ہوویں، کر کا وکھ ودھاوݨ دی۔
عشق جتھاھیں پھیرا پاوے، آکڑ تکبر کوڑ وجاوے،
حرص ھوس دی جھنگ جلاوے، باہ برہ بھڑکاوݨ دی۔
عشق جتھاھیں پھیرا پاوے، جھنگ جبل کوں باغ بناوے،
سݨ ثنا اتھ عالم آوے، کر کا جگ جھکاوݨ دی۔
عشق حقیقت سمجھ سجاݨی، عالم جاھل یکساں جاݨیں،
مٹی وجا تہ موجاں ماݨیں، بات اتھا نہیں بھانوݨ دی۔
"عبدالقادر" ایجھے اشارے، ڈس ڈتے ھن پیر بھلارے،
محبت جنھندی موجاں مارے، نعرے نینھں نچاوݨ دی۔

## سجݨ ساہ کوں ہے:

سجݨ ساہ کوں ہے جو سک سار تیڈی،
لوں لوں وچ لگی اے او تکہ تار تیڈی۔
سوا تیڈے سھݨا کوئی سکھ نہ آوے، جدائی دیاں گالھیں پئی قسمت کراوے،
پئی ٹوٹ ٹونگر ڈکھڑے ڈولاوے، کرے کیا کمیݨی اے بدکار تیڈے۔

**باهہ برهہ جي لالڻ لائي:**

باهہ برهہ جي لالڻ لائي، ڇُنئاتي اندر ۾ چوري ويا.
قيامت برپا ڪيچن ڪئي اڄ جان جگر مون جهوري ويا.
مون کي نِهوڙيو ننڊ نياڳي، ڪيم ساجهر ڇو نہ سجاڳي،
ڪين جهليو مون جانب جاڳي، رات ئي ڏونگر ڏوري ويا.
ڇوري ڇني ويا عيبن هاڻي، ڪين سڃاتئون ننگ نماڻي،
ڪيچي ڪري ويا پوري پڇاڻي، ٻانهن سيراندي سوري ويا.
سودو سوداگر سمجهي سهانگو، عشق اڙايم اديون اٽاگهو،
مرد مسافر ملڻ مهانگو، تن ترازي توري ويا.
"عبدالقادر" دود دکايا، پنڌ پٿر جي پيرَ ڏکايا،
پرت پنهل جي سنڌ سکايا، مان کلهن تان ڪوري ويا.

**هُجَ هلان ڪهڙي هوت پنهل:**

هج هلان ڪهڙي هوت پنهل، منهنجي ٻانهپ واري ٻولي آ،
نڌر نماڻي عيبن هاڻي، غرق غمن ۾ گولي آ.
ڏوهہ ڏسي وئين ور وڇوڙي، لوح لکن ۾ پئي لکيو لوڙي،
لوڪ ڏين طعنا توڙي، جهلي جناب مون جهولي آ.
قسمت مون سان ڪيون هن ڪارون، پنڌ پٿر جا مهلڪ مارون،
ڇيتا چرن ۾ پيون گجن غارون، سک نہ سجڻ ڪا سولي آ.
بار برهہ پيا لالڻ ليتي، عشق ڇا ڇاڻي ياپيڻ پيتي،
سور صغيرئون بحرن پيتي، عيبن آڻي اولي آ.
چئي عبدالقادر سنگ ڇا ساهيان، سنگ سجڻ جي لائق ناهيان،
مادر پينگهي پينر ياڻيان، ڏني ڏکن جي لولي آ.

**وري آوطن تي:**

وري آوطن تي ڪري راز راٽا،
ڪجن ڪين ايڏا مريضن سان ماٽا.

ڏسي ڏوھ اسان جا ڏئي وئين ميارون،
ويئن محب موٽي لائي تن ۾ تارون،
لھين چون لالڻ سڪاين سنپارون،
ڦرن پيا فڪر ۾ ڪي ناحق نماٽا.

ڪوجھن ڪِنن ڪي وينين چو وساري،
اونھي بحر ھن مان پيو ڪير تاري،
سَڏ ڪيو سڏن ٿا ڏينھن رات ساري،
ڪيا درد تنھنجي ويراڳي ويڳاٽا.

جڏھانڪر تون جاني وئين رخ مٽائي،
ڇڏيو ملڪ سارو فسادن ڦٽائي،
پنھنجو خيال خاصو وئين چو ھٽائي،
توري ڪاڪ جا ڪل ڪک پن ڪوماٽا.

وڻن ڪين جاني محل ماڳ جايون،
سوا تنھنجي سھڻا سپ پينگ پايون،
عيبدار عاصي سجڻ ساڳيا آھيون،
اچين جي اڱڻ تي وسن وٺاٽا.

چئي "عبدالقادر" ھڻ نينھن نعرو،
وراۓ دور دلبر محل موج وارو،
اھڙو آھين رب جو تون محبوب پيارو،
وجن سور ورھن جا پل ۾ پراٽا.

## راڻو رات سرتيون الائي چو نہ آيو؟

راڻو رات سرتيون الائي چو نہ آيو،
انهي سور سودا منهنجو من منجهايو.

ساري رات جاڳيم ڳڻتيون ڳڻيندي، سوڍل جي سڪ ۾ پيالو پرت پيئندي،
ويم رات گذري تارا تڪيندي، پرين ٿيو نہ پيدا ڪيو صبح سعيو.
ڪتيون تارا ڪيئي لڏڙا لڙي ويا، سارينديي سڄڻ ڪي ڳوڙها ڳڙي ويا،
جگر جيرا بڪيون سارا سڙي ويا، انهي سوز ساڙي منهنجو تن تپايو.
ڏسي ڏوهہ منهنجا ويو محبت موٽي، پڇي ويم پيرو ڪري هس ڪوٽي،
ڏئي ويو ڏکن جي ڪائي چوٽ چوٽي، روئي روئي پنهنجو منهن مون پسايو.
ڪري سڄ ساري ويو ڪاڪ راڻو، سائين منهنجي سِر جو سدا پاڪ راڻو،
ڪري رڳ رڳ ۾ ويو ٿاڪ ٿاڻو، انهي باهہ بدن ۾ آهي مچ مچايو.
پنهنجو ور وساري نہ ويهي رهان مان، ڪيئن سور سر تي سڄڻ جا سهان مان،
وڃي ڍٽ ڍوليو ڳولي لهان مان، ڏسي من ڏکي ڪي ڪن راز رايو.
ڪنديس ڪانہ سرتيون آءٌ ڪاڪ ڪاري، سڙيا ساهہ ڏينديس ڏئي جند پياري،
صدقي سڄڻ تان ڪنديس جانثاري، سارو خون سرتيون اديون عشق لاهيو.
چئي "عبدالقادر" رسي ويم راڻا، ڪري ڏوهہ بي ڏوهہ ڪيا محب ماڻا،
جنهن ري ڪاڪ جا ڪل ڪک پن ڪوماڻا، صبر سڪ سارو فراقن ڦِٽايو.

**نينهن جي هن نانگ جي پڇ خاص ڪاڏن ڪان خبر:**

نينهن جي هن نانگ جي پڇ خاص ڪاڏن ڪان خبر،
پڇ خاص ڪاڏن ڪان خبر، تنهن سور جي ساري پچر.

ڏس فاني سڪ فرهاد ۾، جبل ڪٽي ويو جهاد ۾،
شوق شيرين دل شاد ۾، پربت ڪيائين پرزا پٿر.

ڏس عشق سهڻي اوج ۾، دهلي نہ دريا فوج ۾،
ميهر ملي ويس موج ۾، لائون لڌائين منجھ لهر.

ڏس سڪ ميان سسئي سندي، وئي روه ۾ ريهون ڪندي،
ڏگ پڇي دردن وندي، ڪيائين قرب ۾ ڪيڏا حشر.

ڏسو عشق ۾ مومل سڙي، راڻو پڇي رويون رڙي،
اهي دل وارا دفتر پڙهي، ڏسو عشق ۾ ڪيڏا اثر.

وڏي قيس دل ليلا ڦٽي، مجنون ٿيو پنڌڙا پٽي،
ڪيئي ڪشالا ويو ڪٽي، بيٺو بنڊ ٿي بر ۾ بشر.

”عبدالقادر“ رانجهن لڳي، حب هير سان دلڙي نڳي،
ڪن بادشاهي دل ڀڳي، ٿيا عيش عالم جا زهر.

**مولا ملڪ وساءِ:**

مولا ملڪ وساءِ منهنجي مارن جو، تن مارن سانگي سنگهارن جو.
ڪر آباد خدا هر ڏيهه ڏٽي، تنهنجي رحمت جي درڪار گهڻي،
پيا دعائون گهرون تو ڏي هٿڙا کڻي، ٿئي سائو وطن سڪ وارن جو.
سانگي سانگ ڪٽي ويا پرڏيهه پري، موليٰ ملڪ تنيجي تي مهر ڪري،
وڇڙيا مارو ملن پئي دلڙي گهري، وني پور پوي ٿو پنهنوارن جو.
لڳي پورب اڄ هيئين هير مون کي، پيو ياد وطن وو ملير مون کي،
نيڻين نار وهي ويا نير مونکي، ساري ملڪ وطن منٺارن جو.
"عبدالقادر" چئي اهي قيد لهن، وڃي مارن جا ڏسان سهڻا صحن،
وسن بر ٻِڙون جتي رات رهن، مولا ميلو ڪري پيو پنهنوارن جو.

**اي پکي پرديس جا:**

اي پکي پرديس جا اصلي وطن کي ياد ڪر،
دام داڻي جي ڦسائيءِ ساڳي صحن کي ياد ڪر.
ڪاٿئون آئين ڪوهيار ڪان هزار ڪوهن جا ڪري،
چوڳو چُڳي چند ڏينهڙا، ڇهري چمن کي ياد ڪر.
سانگ ساري هل سويلو پور ڪو پرندا پري،
ڏس ولر ويئڙا وهي، ساٿي سڄن کي ياد ڪر.
مرغ ميواتون چڏي ٻلجي پئين ٻنيور ۾،
باغ بستان چو وساريئي،گل ڦلن کي ياد ڪر.
قرب ڪپرن سان رکي ڪونجون وساريئي ڪيچ جون،
مور ماڳن تي ورياء هاڻي هنجن کي ياد ڪر.
ٻِٽ ٻگهن سان پيو گهمين، قرب ڪانگن سان ڪيون،
ماڳ منزل چو وساريئي، پنڌ پٽن کي ياد ڪر.
"عبدالقادر" اڄ اڏامي ويا ولايت جا پکي،
چو رهي وئين راه ۾، مجلس مزن کي ياد ڪر.

**اي پکي پرديس جا:**

اي پکي پرديس جا هر شوق ۾ شامل نہ ٿي،
ناهي سدائي جو صحن اهو گهر ڏسي غافل نہ ٿي.
ڪاٿئون آيئين ڪاٿي ويندين، آيئين ڪهڙي ڪار لئي،
وسري ويئي اڏرڻ اهو پنهنجا پر ڏسي پاڳل نہ ٿي.
داڻا پسيون ڪي دام جا وائڙا ٿرين وٽڪار تو،
سمجھہ رک سوچي سمي اهو در ڏسي داخل نہ ٿي.
باغن مٿي بانور ڪيائون هر هر اڏامي عيش سان،
پاسي ۾ تنهنجي پالهڻا مڪر ڏسي مائل نہ ٿي.
عيش عشرت سان گذارين باغ بنگلن ۾ سدا،
هيرا جواهر جوهري سي زر ڏسي زائل نہ ٿي.
دؤر دنيا زر زمينون حرص ۾ حيران ٿئين،
ڪين ڪنهن سان ٿي وفا نظر ڪر ناهل نہ ٿي.
رڃ ريگستان جا تون چر پائين ٿو چوڪرا،
پٽ اهو پاٽي نہ ٿئي سوجر ڏسي جاهل نہ ٿي.
"عبدالقادر" سور سختين ۾ وسارين چو خدا،
آئي ڏکڻ جي هوا ککر ڏسي ڪاهل نہ ٿي.

## اٿي ڪر مسافر ساڄهر سجاڳي:

اٿي ڪر مسافر ساڄهر سجاڳي،
وري هٿ نہ ايندئي موٽي مهل ساڳي.

پري پور پرندا اسر ويا اڏامي، وڃي ڪيچ وٽن ۾ ٿيا ساڄهر سلامي،
هتئون جا چڏي ويا واهيرا ويراڳي.

اڄ رات جو ٻڌ ڪن پرندا پڪارون، جيتن جٽين جون جهر جهنگ جهونگارون،
توکي ننڊ نِهوڙيو آ ناحق نياڳي.

پري پور پرندا ڪري ويا قطارون، وڃي ڪيچ وٽن ۾ پيون تن پچارون،
پورب واري پنڌ جي نہ منزل تو جهاڳي.

هتئون ويا هزارين ڪندا عيش عشرت، ڏني ڪانہ تن اکي ڪائي موت مهلت،
ڪيا اوچتي موت ڏکڙن ڏهاڳي.

آئين پيي ويندين پيي اڪيلو، ڪاري قبر سان ٿيندئي يار ميلو،
پشيمان ٿيندين پوءِ بيحد بيراڳي.

چئي "عبدالقادر" ڏس تون چتائي، ڪيئي مور منڙا ويا موڪلائي
ڪتي خان هليا ڪا قسمت سياڳي.

**ٻڌين ڪون ٻوڙا پڪيئڙا پڪارن:**

ٻڌين ڪون ٻوڙا پڪيئڙا پڪارن،
ڪري ٻوليون منڙيون اسان کي اٿارن.

اٿي ٻڌ اسر جو پکيئڙن پچارون، جيتن جٹين ۾ چيهن چونگارون،
ويرا اڳي وٹن ۾، پيا جهر جهنگ جهونگارن.

اسر جو اٿي ٻڌ وٹن منجهہ وايون، لاهوتين جون لاتيون آکيرن مان آيون،
ڪيئي مور من کي پيا چوري چونگارن.

ادا عيش سان پيو سمهين رات ساري، نشي ننڊ ۾ تو مهل مند ڪاري،
عجب دم عمر جا ڪاريئي خمارن.

اڃا وار تي ويا پيو غافل گذارين، اجان چال پنهنجي نہ پائو سُڌارين،
ڪنيو تو کي قسمت ڪنهن اوکي آزارن.

چئي "عبدالقادر" ويو وقت منهنجو، پٽيان پنهنجي قسمت ناهي ڏوهہ ڪنهنجو،
سٹي من سچڻ کي منجهئون تار تارن.

**جتان ملي عشق مولا جو:**

جتان ملي عشق مولا جو وڃي در دوست سي ڏسجن،
رهي راتيون برهه باتيون، پرت ۾ پيار سان پسجن.
وهن پيا ساٿ کي ساٿي، پائي ڏس جان ۾ جهاتي،
ٻڌي سندرا پورب پنڌڙا، ڪرن پيا ذوق مان ذاتي،
ڪٺي خواريون خلق واريون، رباني راهه ۾ رسجن.
نظر ڪر تان ابا ڏاڏا لڏي ويا لوڪ لک لاڏا،
اهو پيرو آهين جيرو، پيا ٿئي ساٿ ۾ ساڏا،
جيئڻ مشڪل ٿئي پوءِ پل، مينهڙا موت جت وسجن.
ڇڏي سڀ شان ۾ شيڪا، سُرڪي سوز جي پي ڪا،
ڪري زاريون ڪٺي خواريون، نيڪي نياز جي ني ڪا،
هٿ وارا ٿيا ڪارا، ڪيئي توڙئون پيا تڙجن.
مڇي مستان ٿئين ڇاتي، فاني دنيا سندي واءِ تي،
ڏسي راڻيون محل ماڙيون، نه ڪر ناز دنيا تي،
اجل ايندئي خبر ڏيندئي، جڏهن گهر ٻار سڀ ڪسجن.
چئي ”عبدالقادر“ جيئڻ جڳ ۾، محبت ري نلهو ٽڳ ۾،
ڪٺي غازي ويا بازي، پڙهي الله رڳ رڳ ۾،
ٻئي عالم ٿيا سالم، برائين ڪان ڪئي بس جن.

**پرينءَ جي پار جون ڳالهيون:**

اڇو مؤمن ڪيون ويهي، پرين جي پار جون ڳالهيون،
ڪيون ڪي قرب محبت سان، سچي سردار جون ڳالهيون.
حياتيون حرص ۾ گذريون، مطلب ڪوئي نہ ميسر ٿيو،
سورن ۾ سال ويا گذري، ڪندي ڪم ڪار جون ڳالهيون.
چڙي ڪجھ لوڀ لالچ ڪي، گھڙيون گهاريون عجيبن سان،
مَنَ لکجن عمل نامي، گوهر گفتار جون ڳالهيون.
ڳارين ۽ گلائن ۾، عمل نامون ڪيئي ڪارو،
کُلي مجلس ڪرين موڳا، ناحق نروار جون ڳالهيون.
وساري موت کي ويٺين عجب افسوس حال تي،
حياتي مفت ۾ گذري ڪندي گهر ٻار جون ڳالهيون.
ابا ڏاڏا برادر ڀاءِ، لڏي ويا دوست دنيا مان،
خبر ناهي تہ ڇا گذريو بحر ٻُلڪار جون ڳالهيون.
پيا ٿئي ماٽ ۾ مُردا، گهمي ڏس تون مقامن ۾،
ڪُڇڻ جي ڪجھ نہ طاقت آ، عجب اسرار جون ڳالهيون.
هٿا جي نازنين نازڪ، گلابي گل بدن بخمل،
اهي منهڙا مٽل ڪاٺي، حسن هڪار جون ڳالهيون.
لکين اربين ڪروڙين ڪيئي، چڙي ويا ماڳ مارن جا،
آيو ڪوئي نہ اڄ تائين، سخت سرڪار جون ڳالهيون.

جدا ٿيڙا جگر جاني، ڦٽيون دليون فراقن سان،
اچن پيا سور سي سُرندا، ڏکيون ڏهڪار جون ڳالهيون.
ڇمڙ ڇاليون ڪنبا ڪيڏا، هئا درخت دنيا ۾،
اهي ڇانئن ڇپر ڪاٽي، ٽڏيون ٽڏڪار جون ڳالهيون.
اٿئي چند ڏينهن چمن ڇهر، نہ ڪر بانور ڪو باغن تي،
ڪيئي جهولي جلايا وڻ، گلن گلزار جون ڳالهيون.
هئا حسين صورت جا، موهيا ماڻهو هزارين جن،
اهي سهڻا سڄڻ ڪاٽي، ڪٽي سِڪ پيار جون ڳالهيون.
هئا جي حال محرم سي، گهڙيون گذرن نہ پيون جن ري،
اهي قرب ويا ڪاڏي، دکن دلدار جون ڳالهيون.
صحن ساري سنياسين جا، پيا اُڏما اندر جاڳي،
ڇڏي ويا جوءِ جوڳيئڙا، ڪُرن ڪوهيار جون ڳالهيون.
عهد ساري عجيبن جو، وهي پيا نار نيڻن مان،
اهي مهلون مِلن ڪاٽي، مثل منثار جون ڳالهيون.
مندون موٽي آيون ماڳين، نہ آيو ڪوئي اباڻن مان،
ڇڙن اڄ ڇاڪ ٿم ڇوريا، ٻڌي ٻڪرار جون ڳالهيون.
صبر ڪر "سومرا" هاڻي، ٻڌائين سور تو ڪهڙا،
ٿينديون فاني فنا آخر، جهان جنسار جون ڳالهيون.
"عبدالقادر" عجيبن جون، پچارون ڪر پيو پل پل،
ڏين من روح ڪي راحت، يڪي سِر يار جون ڳالهيون.

**سک ويم سارا ڦتي:**

سک ويم سارا ڦِتي، جڏهن سور سرتيون ياد پيا،
جڏهن سور سرتيون ياد پيا، جڏهن سور سرتيون ياد پيا،
ڳالهيون کندي ڳجهہ ۾ ڳري، جيئرا جگر پيڙا جهُري،
وُٺا نيڻ نوزن جان وري، برسن جيئن برسات پيا.
سگهہ نہ جي ساري سگهن، سي عيب واريون ڪيئن اگهن،
تا ڏينهن ڏکڙن ۾ لنگهن، پينر مِڙني برباد پيا.
پيون رنج ۾ راتيون لنگهن، پيا ڏينهن ڏکڙن سان ڏنگن،
ڪي سج ايرن ڪي لهن، عالم اندر افراد پيا.
نفس ۽ شيطان جي، لڳي جنگ بازي جان جي،
دولت کپي ايمان جي، ڪرڻا جنگون ۽ جهاد پيا.
”عبدالقادر“ اڌ رات جو، پنهل ويم پرڀات جو،
سونهون ناهيان ڪنهن سات جو، روهين گجن ڪيئي رعد پيا.

**پهچ پرين وو پل ۾ منا:**

پهچ پرين وو پل ۾ منا، منهنجو جيءُ سڙي پيو جذبات ۾،
رويو سڙان پيو رات ۾.
ڇا فنا ۽ ڇا بقا، منهڙو ٻسايو مہ لقا،
ساعت سري ٿي هت نڪا، هن ظلم جي ظلمات ۾.
سختي صغريٰ ۾ سڄڻ، نهي نہ ٿو راڻا رسڻ،
مهل انهي مشڪل اچڻ، ساٿي ٿيو سڪرات ۾.

# دوهيڙا

**اول تعريف الله جي:**

1

اول تعريف الله جي، جو رازق جڳ جهان،
والي واحد وحده ، آ مولا مهربان،
مالڪ ڏينهن قيام جو، آهي مَلِڪُ منان،
ڪري عبادت انجي وٺ سهارو سبحان،
سڌي واٽ "سومرا" مَنَ راهہ لائي رحمان،
گڏ هجين ان گهوٽن سان جي اعليٰ موج مڪان،
غضب ۽ گمراهي ڪان ڏيندو اوٽ امان،
پوءِ ساٿ سلامت ساڻ، پهچين پنهنجي ماڳ تي.

2

اول صفت الله جي، جو حڪمت جو حڪيم،
بيهاريو ڪيئن بحرن کي ڪڪرن منجهہ ڪريم،
بنا ٿنڀ ٿوڻيئين، اڏيئين عرش عظيم،
قائم ڪيائين قدرت سان، محڪم مستقيم،
تارا تنهن ۾ تاب سان پيا سونهن صاف سليم،
بنا گيس تيل جي ٿيا ڪيئي سال قديم،
ڪيئين ڪاري رات کي نعمت نور نعيم،
شمس قمر جو شعاع ڏسي پيو تن ڪري تسليم،
ايڏا "عبدالقادر" چئي رکيا راز رحيم،

ڪيئن ڪل انسان لئي ايڏا فن فهيم،
بندو بيشڪر ٿيو نہ رکي پرت پريم،
نيڪي بدي جي ڪري ٿي جنت جوڙ جحيم،
ڪندو ڪرم ڪريم، هادي وقت حساب جي.

3

سدا حمد حڪيم ڪي جو صاحب رب سبحان،
پيدا پهرئين پرور ڪيو افضل ڪو انسان،
نوري پنهنجي نور مان ڪيائين نور نشان،
وري نور نرمل جي جُڙيا جڳ جهان،
ڏسين جيڪو ڏيهہ ۾ سارو ئي سامان،
ڪيڏي عزت آدم جي شرف بڻايئين شان،
جو زمين آسمان ۾ سڀ آدم جو ايوان،
ٿيا تابع تنهنجا مِڙئي مُلڪَ مَڪَان،
چنڊ تارا ڪَتِيُون جلوو جڳ جهان،
حورون سدا حب ۾ گولا ٿيا غلمان،
جنت جُڙي جن لئي ڪيڏا بهشت بيان،
ڪڻي بار خلافت جو آيو ازل ڪان انسان،
اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ارواحن ڪي ٿيو فائق جو فرمان،
قَالُو بَلَىٰ جي قول جو مليو اصل ڪي ايمان،
لَوْ أَنْزَلْنَا هَذَا الْقُرْآنَ عَلَىٰ جَبَلٍ لَرَأَيْتَهُ غمن ۾ گريان،
خَاشِعًا مُتَصَدِّعًا مِنْ خَشْيَةِ اللَّهِ حيرت ۾ حيران،

ڏونگر سپ ڏکي ويا دهشت جي دؤران،
جبلَ يي ڪين جهليو بار وڏو بيگان،
روح رُنا ان رنج ۾ تون ڪولي ڏس فرقان،
مهلت ڏئي ماڻهن کي ڪيئن عمر جو احسان،
خَلَقَ المَوتَ وَالحَيٰوةَ ٿيا کهڙا نيڪ نشان،
نہ ڪير سڌاري پنهنجا ٿو عمل ۽ ارڪان،
پرکي ٿو پيارن کي راز منجهان رحمان،
طاقت آهر تن کي ڏئي نفعا ۽ نقصان،
لاَ يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا إِلاَّ وُسْعَهَا تون ڪيڏي ڏس قرآن،
ڏسي مهر مولا جي ڪيو شائق سڀ شڪران،
سکن ڏکن بک ۾ پڇي ويا پهلوان،
جن کي سک سڄڻ جي سي تري ويا طوفان،
سجدي سر ڪٽايو سيد ڪيئن سلطان،
بيعت نہ مڃيئون بي دين جي توڙي کُسي ٿيا قربان،
قضا نہ ڪيائون ڪربلا مهل ڏکئي ميدان،
جتي تيرن ۽ ترارن جي بارش ڪئي بي ايمان،
نينهن نہ ڇنو نماز جو پيو سجدي ۾ سلطان،
ٿو دعويٰ ڪرين الفت انهن جي ظاهر ساڻ زبان،
ٿو بغدادي سان بغض رکين جو پير آهي پيران،
پيو ٽانڊو توکي ٿن سان ڏِين پلن تي بهتان،
ڪڍ ميرائي من مان قلب سندو ڪفران،

چارئي پهر چڱن جي ٿئي گلا ۾ گذران،
نماز پڙهين نہ نحس تون نہ روزا منجهہ رمضان،
ڀنگ چرس چلم جو شوق ڏِنئِي شيطان،
ڪائين پين ڪرن جان گوڙ ڪرين گهمسان،
يا يار آهين يزيد جو يا مريد آهين مَروان،
پنجن تنن جي پيروي کان باغي ٿئين بي ايمان،
ناهي تو ۾ امام جو ڪوئي نيڪ نشان،
ناهي ڪوئي چڱائي جو عمل ۽ ارڪان،
ڦرون ڌاڙا ديس ۾ ڪرين ظلم زيان،
آڙا پاڙا هڙپ ڪرين هڙوئي هامان،
ايندئي اجل اوچتو ٿين پر ۾ پشيمان،
ڪيئن سڏائين "سومرا" چئي مومن مسلمان،
"عبدالقادر" عملن جو ويو وقت ٿي ويران،
هي الله جا احسان جو ڍڪيئين عيب عوام جا.

4

قُلْ هُوَ اللّٰهُ أَحَدٌ اللّٰهُ الصَّمَدُ تون سائين
مديون مون مسڪين جون مالڪ ميٽائين،
ٻيتو "عبدالقادر" ٿئي، در مٿي داهين،
ڀُلين رُلين ڪي راهہ سان، لائق ٿو لائين،
اهڙو ئي آهين، جو بخشين ڪل برائيون.

5

بيڪسن جا پرجهلا، هيڻن جا همراهه،
ناهي سوڙهه سختي ۾، توري واهر واهه،
لنگهائين لطف سان، اوڪايون الله،
سوڙهه قبر سڪرات جي، موليٰ محشر گاهه،
ڏسي ڏوهه ڏڪان پيو، ساريون غير گناهه،
عاصي ”عبدالقادر“ ڪي، بخشين بي پرواهه،
سَتُون ڏئي ساهه، پيو تڪي راهون رحم جون.

6

مدد آهي مولا تو، جن پئسو نه پائي،
گهرجي سدا غريبن ڪي، تو حاڪم همراهي،
جي ڏين والي وڏائي، ته وجن غم ورهن جا.

7

يَا اِلٰهَ الْعٰلَمِيْنَ آهيون تنهنجي آسري،
قرض مرض مصيبتون، گجهه اندر ڳاهين،
باري بار بدڪار جي، جهلڻ جا ناهين،
گجها پڌرا دل ۾، سور پيا ساڙين،
عاجز جون آهين، اکڙيون تنهنجي آسري.

8

ماٺمن ماٺو ڪيترا، هلن طور طريق،
گڏ رهن غمن ۾، شادي منجهه شريڪ،

ڪونهي ”عبدالقادر“ جو ڏئي ساٿ صديق،
جنهن جو رب رفيق، نہ مشڪل ڪا مهراڻ ۾.

9

مولا مونکي محتاج، نہ ڪر ڪنهنجو ڏيهہ ۾،
عيبن ڀريو آهيان، ساري ساٿ سماج،
جي ساجن ڪرين ساج، تہ لائق ٿيان لوڪ ۾.

10

داتا تنهنجي در تي، نہ عمل مون آندو،
پيرن ڪان ڇوٽي تائين، وار نہ ٿم واندو،
بار سهي بدڪار ڪيئن، جو حق ۾ هيڪاندو،
من ٿيو ماندو، جاني هن جهان ۾.

11

داتا تنهنجي در اڳيان، ڪنڌ ڪٽندس ڪيئن،
نفس نهوڙي ناهہ ڪيو، جناب ڏنئي جيئن،
هھڙي حالن سين، مِلان ڪيئن محبوب کي.

12

سوالي خالي نہ ٿئي، در تنهنجي دربار،
ڪرين ڪرم جو جنهن سان، بخشين ڀيو بدڪار،
”عبدالقادر“ عاجز سان، ڪرين صلح ڪو سرڪار،
گولو گنهگار، آهيان تنهنجي آسري.

13

کهڙي خبر خلق کي، تون ڄاڻين رب رحمان،
ساري منهنجي سور جي ٿو سُڌِ رکين سبحان،
سورن ۾ چئي سومرا، جلي پيئي جان،
هينئڙو ٿيو حيران، سورن جي سنسار ۾.

14

تون رحيم تون ڪريم، آءٌ خطا جو خاطي،
نڪي نيڪي نماز پڙهي، نه ذڪر ٿيو ذاتي،
ائين "عبدالقادر" چئي وئي هلي حياتي،
ڇڇي پئي ڇاتي، پسيون پنڌ پهاڙ جا.

15

تون رحيم تون ڪريم پر اندر ۾ اُڌڪو،
سور هڪ سڪرات جا، ٻيو قبر جو ڪتڪو،
ٽيون زمين ٿامي جي، جتي سج ڪري ستڪو،
چوٿون جوش جهنم جو، پنجون پُل وارو پِتڪو،
اتي "عبدالقادر" چئي، ويندا جوان ڪري جهَتڪو،
خوف اهو ڪتڪو، ٻيو ڪُڪي غم گمان ۾.

16

تون سميع تون بصير، تون دانا تون ڏٺي،
سڄڻ سڀاجها سور ۾، ڪوئي سوال سٽي،
عيب "عبدالقادر" چئي، ڍوليا ڍڪ ڪٽي،
جيڪا باب ٻٽي، سا مَٽا پنهنجي مهر سان.

17

جَهڪو ڪر جَلالُ، باري هن بدڪار تان،
ڪوئي حال حقير جو، سهي ڪرت ڪلال،
ڪر ڪا مهر مريض تي، نظر نور جمال،
ٿيان هوند حلال، جي ڪرين ڪرم پاڻهنجو.

18

خالق خود غرض رهيس دنيا دار ۾،
پڙهيم ڪين پرت سان، فائق تنهنجا فرض،
ڪنيم بار بدين جا، ڦهري مٿي قرض،
صدقي سيد سردار جي، اڳهايو عرض
جاني جملہ مرض، لاهيو پنهنجي لطف سان.

19

ڏاتر اُهي ڏينهن، ڪڏهن ٿيندا قرب جا،
وسندا اسان جي وطن تي، محبت وارا مينهن،
سرها ٿين "سومرا"، جانب ڏني جيئن،
سدا سڄڻ سين، گڏ گذاريون ڏينهڙا.

20

سڄڻ سور هزار، ناهي ڳڻاٽو ڳالهئين،
ماضي مستقبل جي، ٿو ڄاڻين سڀ ڄمار،
عاصي "عبدالقادر" چئي پسي مون پرڪار،
ڀلا ٿي نہ بيزار، ڏسي حال حقير جو.

21

ڏاتر اُهي ڏينهن ڪڏهن ٿيندا قرب جا،
جو وسندا ملڪ ملير تي ملڻ وارا مينهن،
سڪ منجهان چئي ”سومرو“، ٿيا ساوا سر سرهين،
نوان لڳا نينهن، جلوو ڏسي جوان جو.

22

راز منجهان رحمان، غور ڪيو غمگين جو،
سهارو نہ سور ۾، جنهنجو منجهہ جهان،
”عبدالقادر“ آسرو، آ تنهنجي اوٽ امان،
ڪٿر چڏيم ڪان، ڏوهن جي ڪا ڏيهہ ۾.

23

ڪريم ڪن تي ڪرم سان، ترت رکائين تاج،
قادر ڪن جا قهر سان، تخت ڪرين تاراج،
بيحال ٿيا ڪي بک سان، ڪنين اوڄ اناج،
ڪنين دانهون درد جون، ڪي کِلن خوش مزاج،
ڪيئي سِڪن اولاد لاءِ، ڪن ويڙها وسن راج،
ڪن سنگڻ هوندي صلح ويو، ڪن ائين سرن ڪاج،
ڪي راٺا سکن رَنَ لاءِ، ڪن وٽ هُل حجاج.
اڪثر ”عبدالقادر“ چئي، تنهنجي پانهن مٿان پاجهہ،
سارن سڪ سماج، جو ڪرين ڪرم پنهنجو.

24

لاهيو تنگيون تاب، ڪر فراخي فضل سان،
ڪُلن دل ۾ خوشي جا، غونچا گل گلاب،
اگهاءِ زاري ضعيف جي، جاني منجهه جناب،
سڏڙا پون ساب، جي ڦيرين واڳ فضل جي.

25

نہ مولا اڳي مار، جيسين لعلڻ لهان لوڪ ۾،
ڏسان انهي ڏيهہ ۾، تنهنجي دلبر جو ديدار،
اميد "عبدالقادر" جي، ڪر پوري پالڻهار،
داتا پوءِ دربار، گهراءِ گنهگار کي.

26

قادر پنهنجي ڪرم سان، ڪوئي ڦير فضل،
ڏکڙا وجن ڏور تي، ڪو لڳي واءُ وصل،
"عبدالقادر" عاجز چئي، آهيان عاصي اصل،
سهان ڪين عدل، پيو تڪيان راهون رحم جون.

27

اٿ ئي پهر آهي، دل ۾ دؤر درد جو،
سور سيني "سومرا"، ڪو لائق پيو لاهي،
"عبدالقادر" اندر ۾، گهور پيو گهائي،
ناڪس جو ناهي، ڪو حامي هن جهان ۾.

28

نہ حامي هر جهان ۾، قادر ري ڪوئي،
حجر شجر بر بحر، ڪري دکين دل جوئي،
ڏک سک ۾ "سومرا"، ساٿي آ سوئي،
روح ڏنو روئي، ساري سک ملير جا.

29

جهڪو ڪر جلال، ملڪ پساءِ محبوب جو،
ساري عمر سڌن ۾، سڪندي گذريا سال،
ڪونهي "عبدالقادر" چئي، هادي منهنجو حال،
جلوو خود جمال، پسائج پرينءَ جو.

30

پريشانيون پرورا، خالق ڪر ختم،
ڳٽتين منهنجا ڳاريا، گذا لڳ لحم،
سورن جي چئي "سومرو"، نہ سهي ساهہ سُهم،
تنهنجو رب رحم، گهرجي گهنگار ڪي.

30

تون خبير تون بصير تون دانا تون ڏٽي،
مِهر پنهنجي مخلوق سان رکين روز گهٽي،
"سومرو" چئي سيني جا ٿو ساجن سوال سُٽي،
حيرت منجهہ هٽي، رڳو ماريئي مون مسڪين ڪي.

31

جهڪو ڪر جلال، سور سهان نہ ايترو،
سورن ستايو آهيان، هيٺا ٿيڙم حال،
ڪيم جيڪي ڪالھ، اُهي اڳيان آيا.

32

لکي لکي لوڪ ۾، ڪارا ڪيم ڪتاب،
فرق فائدو نہ ٿيو، نہ هٽيو ڪوئي حجاب،
عاجز ”عبدالقادر“ چئي، جوڙيم ڪين جواب،
ساڳا ڏوھ ثواب، پيا هلن هن جهان ۾.

33

قادر قدرت تنهنجي ڪانہ پوي ٿي ڪَل،
ڪي ڳارين ڳڻتين ۾، ڪن پيٽا ڏنئي ٻل،
ڪن انگ نہ ليڙ اگڙي، ڪن ويس دُشالا دل،
ڪن پٽن متي پڪڙا، ڪن جوڙيا ماڙ محل،
ڪيئي محتاج ماني جا، ڪن پڙ پريا ٿئي پَل،
ڪي گهڙيون گهارن غم ۾، ڪن لاتي موج منڊل،
ڪي مقصد ماٺيا، ڪي حيلو ٿئي نہ حل،
عبرت ”عبدالقادر“ چئي، لڳي لوڪ اصل،
هاٺي مالڪ تون مشڪل، لاهين ساري لوڪ تان.

34

سدا تو سرڪار، بيشڪ بي نياز آ،
ڏار نہ ڪر دلربا، پسي مون پرڪار،
عيب "عبدالقادر" چئي ڍڪين ڍڪڻهار،
بد بندو بدڪار، آهيان تنهنجي آسري.

35

سچڻ سراپا سور، لاهيو پنهنجي لطف سان،
اچي "عبدالقادر" چئي، چڪنا ٿيم چور،
مولا ڪر منظور، دعا ڪائي درگاهہ ۾.

36

جيڏا ڪرم ڪريم تو، نہ ايڏي ٻاجهہ ٻين،
روز بخشين راڄن ڪي، ڪٽي بچڙا بد ٿين،
عزت رکين انهن جي، جن طعنا ڏيهہ ڏين،
"سومرو" چئي سار لهين، جي جبل ۾ منجهہ جيئن،
پلي ڪانہ پيئن، ڪا جوڪائي جهان ۾.

37

قرض مرض مصيبتون، لوڪن تان لاهين،
روزي حق حلال جي، ڪا رازق رسائين،
عاصي "عبدالقادر" چئي، نہ خلقون ڪِلائين،
وڇڙيا ملائين، مارو مور ملير جا.

## صبح جو سوال

38

تهجد جي توفيق، سچڻ بخشيو ساھ کي،
ساٿين سان چئي "سومرو"، وجھان وِک وڏيک،
"عبدالقادر" آڏي ڏئي، ويم راھ رفيق،
سارين سي صديق، جي نکتا منهنجي نظر کان.

39

صبح جو سوال، ٿئي مولا مون مسڪين جو،
ماٿھو ان مهل جو، پيي رکن خاص خيال،
دلاسو دلگير کي، فورن ڏي في الحال،
سائل کي ٿيا سال، سڏيندي ان سور ۾.

40

پڏي سوال سائل جا، معافي ڏيو مسڪين،
لاَ تَقْنَطُوْا لائق تو، سُجهي مهر مبين،
فائق تنهنجي فضل جو، اٿم ياد يقين،
غمن ۾ غمگين، ٿو سائل سدائون ڪري.

41

آيس تنهنجي اڳڻ تي، ڪٽي ڪم خراب،
تون ڏسين تون پسين، سارا ڏوھ ثواب،
"عبدالقادر" اندر ۾، جيڪي سوال جواب،
ڪھڙو حق حساب ڏيندس ڏينهن قيام جي.

42

مرض مڙئي لاھ، لائق پنھنجي لطف سان،
هادي تو ريءَ هيڻن جو، حامي نہ همراھ،
”عبدالقادر“ اوکي ۾، پي سُجھي ڪين صلاح،
اسيرن کي آ، الله تنھنجو آسرو.

43

قابض سھان ڪِينَ کي، جانب جوش جلال،
بوند وساءِ کا بسط جي، جلوي ساڻ جمال،
اگھاءِ ”عبدالقادر“ چئي، کو سختي منجھ سوال،
ڪري قرب ڪمال، ڏکڙا لاھيو ڏيھ تان.

44

تھجد واري تات، سجڻ بخشيو ساھ کي،
ناغو نہ وجھان نينھن ۾، جو هجان دم حيات،
اٿان ”عبدالقادر“ چئي، عشق منجھان اڌ رات،
سڏڙا ڪري سات، مَنَ ڪاھِلُ پھچان قافلي.

45

هادي هدايت آ والي تنھنجي وس،
ڪرين پنھنجي ڪرم جي جنھن تي بوند برس،
سو صحيح واٽ صراط تي، وٺي ڏاھن وارو ڏس،
ڇڏي هٺ حرام کي، غازين لڌو گس،
ماري سَڌون نفس جون، ويا ٽاري حرص هوس،

وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوَىٰ ڪان بيراڳين ڪئي بس،
محبت جي ميدان ۾، چڏيائون ماري نفس نحس،
تڏهن "عبدالقادر" چئي، مقصد پهتا مس،
عالم واري عيش جي، لوڏيا ڪين لهس،
جوان انهي ڪي جَس، جنهن پنهنجو نينهن نڀايو.

46

ڏکايل دل جا، آيا داتا تنهنجي در،
"عبدالقادر" ڏسي نڪر ڏوهه ڏمر،
گناهن جي گر لاهيو پنهنجي لطف سان.

## حقيقت حبيب ﷺ جي

47

حقيقت حبيب جي سمجهي سوچ ڪر،
مدني ائين ماڻهن ۾، جيئن پارس منجهه پٿر،
"عبدالقادر" حيف تن، جن ڀائيو خود بشر،
ڪهڙو حال حشر، ٿيندن قبر قيام ۾

48

حقيقت حبيب جي، الله ٿو ڄاڻي،
تڏهن گهوٽ گهرايو، عرشن تي آڻي،
پرور پڳ ٻڌايس، پيار منجهان پاڻهي،
معراج مرسل مصطفيٰ، آيو مالڪ وٽ ماڻي،
هوش ڪيو هاڻي، ته ڇاهي شان حبيب جو.

49

حقيقت حبيب جي ٻُڌ مون کان مختصر،
صورت سھڻي ڄام جي، ڪيا ماڻھو منتظر،
ڪي واجھائن واٽڙون، ڪن صدقي ڪيا سر،
بيشڪ آ برتر، حسن حوت حبيب جو.

50

حقيقت حبيب جي، آھي پُر اسرار،
ھنر حيلو نا ھلي، نہ عقل ڪي اختيار،
ھڪڙي جانب جڳ سان، پيو مولا وٽ مختيار،
”عبدالقادر“ ان ڳالھہ ۾، رمزون راز ھزار،
خود خالق خلقڻھار، تو ڄاڻي راز رسول جو.

51

جيڪي نوڪر نبي جا، سي عجب غيب ڏسن،
مشرق مغرب عرش جون، ڪيون خبرون خاص انھن،
جنوب شمالي ڳالھيون، تحت السريٰ جي تھن،
چوڏھن طبق چنڊ جيئن، روشن راز رکن،
موڏي چونہ مجن، علم عربي ڄام جو.

52

چيٽ ڦٽو وڻ موريا، آئي مند بهار،
جڳ مڳائي جنت جيئن، گل ڪِڙيا گلزار،
سانول ڏسي ”سومرا“، آيو قلب قرار،
عالم تان آزار، ڏٺي لوڪ لهي ويا.

53

چيٽ ڦٽو وڻ موريا، ڇايو ڇام حضور،
ڏڪڙا ساري ڏيھ تان، ڏاتر ڪيا ڏور،
عربي آئي "سومرا"، سانگين لٿا سور،
نرمل واري نور بخشي، جوت جھان کي.

54

ذڪر ذات الله جو، دردن جو دارون،
ذڪر واري ذوق سان ٿيون، اگھن اُڇنگارون،
روضي وٽ رسول جي، پيون پھچن پُڪارون،
بره بازارون، سيني ڪُلن "سومرا".

**نفس ڪان نڪر تہ ديرا پسين دوست جا:**

55

اُٿي آڌي رات جو، ڏس وايون منجھ وٽن،
جھونگارون جھنگل ۾، لڳيون جيت جٽين،
سڪ منجھان چئي سومرو، پيا ڳڻ ڳٽن،
پسو پرت پکين، ڪيڏي سڪ سبُحان جي.

56

سارج سُتي لوڪ، آڌي ڏي الله کي،
آٽي آب اکين ۾، پچا پنھنجي پوڪ،
سائي ٿئي "سومرا"، سالن واري سوڪ،
سڏون سيئي روڪ، تہ وس ڏسين وٽڪار ۾.

57

اُتي آڌي رات جو، زاريون زور ڪجن،
پچارون پرين جون، هينئڙي منجهہ هجن،
عاشق "عبدالقادر" چئي، سدا رت روئن،
سوين سور سجهن، تہ بہ دم نہ پاسي دوست ڪان.

58

اُتي آڌي رات جو، ڪر ذڪر سان زاري،
روئي آب اکين مان، هارين هڪ بجي،
اُنهي دم دوست جي، رحمت گوڙ گجي،
هئي هئي حيف هجي، وس وسارين سومرا.

59

اُتي آڌي رات جو، ذڪر سان زاري،
روئي اڳيان رب جي، جر وها جاري،
تہ رحمت توتي رب جي، بوند وسي باري،
گهڙي جي گهاري، ڪيئي جوان جُدا ڪيا.

60

رک ذوق ذڪر، اٺ ئي پهر الله جو،
سک سان چوي "سومرو"، رکين فوق فڪر،
نفس ڪان نڪر، تہ ديرا پسين دوست جا.

61

سڪ منجهان سبحان کي، سالڪ پيا سارين،
اٿي آڌي رات جو، هنجون پيا هارين،
سوا سچڻ "سومرا"، گهڙا نا گهارين،
پَر ۾ پچارين پنهنجي پالڻهار کي.

62

سڪ منجهان سبحان جن رات سڄي ساريو،
قالو بليٰ جو قول تن پرت منجهان پاريو،
سبق سڪ جو "سومرا" تنهن سچڻ سيکاريو،
مُلن کي ماريو مسئلن جي معاملي.

63

سڪ منجهان سبحان کي، سالڪ ويا ساري،
اڏا وجهي عشق جا ٻارڻ ويا ٻاري،
رليا لايون راھ سان ٻڌل ويا تاري،
عالم اچنگاري پيو ساريون تن کي "سومرا".

64

ساريو جن سبحان کي، سڪ سچائي ساڻ،
گهٽ طعام گهٽ ڪلام، سُتا گهٽ سجاڻ،
منهن جن جا هيڊيا، اکين ۾ آلاڻ،
سرد آهون، "سومرا"، انهن جا اهڃاڻ،
سيني مٿان سرهاڻ، پئي اچي باس برھ جي.

## موحد چَوائين مولوي:

65

جو اسم کان الله جي، انڌو ٿيو انسان،
علم عمل انجا، نفعا سڀ نقصان،
عبادتون عابدن جون، اتي زهد زيان،
”عبدالقادر“ اخلاص ري، ٻڌجي ڪين بيان،
ڪامل ڪشتي بان، سونهون ڪڍ سير ۾.

66

علم سوا آدمي انڌن جي آچار،
علم سوا عمل جي، دوستَ نہ ٿَئِي درڪار،
عملُ ريءَ اخلاص جي، بلڪل آ بيڪار،
مٺي پير غفار، ائين سمجهايو سومرا.

67

موحد چوائين مولوي، غير جا تو ۾ گهر،
زال مال اولاد جي، ڪرين پُوڄائون پڌر،
هٿ حرص هوس جا، تو ۾ شرڪ شهر،
آهين پاڻ مندر، مشرڪ ماڻهن ڪي چوين.

68

مُوَحِّدُ چوائين مولوي، دَارُ الدَيُوبَنُد،
بُتَ رکيا ٿئي پانڊي ۾، غيرن وارا گند،
مدد وٺين مخلوق کان، مُشڪل واري هنڌ،
ڪهڙو ڪٽي ڪنڌ، ڳالهائيندين ڳوٺ سان.

69

مولوي تو مدرسن ۾ عمر گذاري،
مسئلن جي معاملي صرف ڪيئي ساري،
تقرير ۽ تحرير ۾، جوش وڏا جاري،
چئي ”عبدالقادر“ عشق جي، تو وائي وساري،
باطن بيماري، ويئي وڪوڙي قلب کي.

70

رکي جن رهبر جي، سيني سڪ سچي،
رڳ رڳ اندر روح ۾، وين رنگ رچي،
سڪ ۾ چوي ”سومرو“، ٿيا لعل پچي،
ڪيائون ڪين ڪچي، تندا اندر توحيد جي.

71

جي انڌا ٿيا الله جي اسم کان عاري،
مسئلن جي معاملي جَنگ ڪيئون جاري،
نڪي فرق فيصلو، نہ ڪو لهي خواري،
تن ”سومرا“ ساري عمر وئي افراد ٿي.

72

پوڙو ٿي تون پڌ، اندر جي آواز کي،
ڏس بنا ڏسڻ جي، تہ ساري پوَئي سُڌ،
چئي ”عبدالقادر“ اندر ۾، خالق اٿئي خود،
ڪري جوان جُھد، مالڪ ساڻ ملي ويا.

73

عاشق اهي اڪبري، ويا ڪتي جُنگ جوان،
انئي پهر الله جي، رهيا جذبي جوش جولان،
اُذْكُرُوا اللهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا غازين جو گذران،
سارو جڳ جهان، ٿيُن سلامي ”سومرا“.

74

گرمي سردي سار، سڪ منجهان سبحان ڪي،
قرضن مرضن درد ۾، توڙي هجين خوش خمار،
سفر حضر سُج ۾، نہ ڇڏين پل پچار،
بيٺين ويٺين ليٽين، پئي هلي تند تنوار،
سيني کُلن ”سومرا“، عشق سندا اسرار،
لهن غم غبار، حاصل وقت حضور جي.

75

لوڪ سمهن گهايل گهمن، ساري ڪين سُڪون،
محبت ۽ مشاهدي، مست ڪيا مجنون،
ساري مند ساوڻ جي، چڙهيا جوش جنون،
پسي جلال پرين جو، خائف ٿي ويا خون،
اوڪيون چاڙهيون عشق جون، بَر وڏا باطون،
برصيصا جهڙا پُلجي ويا، ويو قهر وسي قارون.
بي مثل بي چون، محبت ماريا ڪاپڙي.

## فنا في الشيخ فنا في الرسول:

76

جيڏو جُهد جن جو، تيڏو تن ڪمال،
فَنُ فنا في الشيخ جو، حاصل ڪيائون حال،
روئندي رنج فراق ۾، ڪيئون رت رُمال،
جانب جي جمال، سارا سُک ڦِٽايا.

77

جيڏو عروج جن جو، تيڏو تن نزول،
فَنُ فَنَا فِي الشيخ جي، ڪيا فاني في الرسول،
فنا في الله بقا بالله ۾، ويراڳين وصول،
اهو "عبدالقادر" چئي عُشاقن اصول،
مرد اهي مقبول، سرها ڏٺم سات ۾.

78

اٿي جن اسر، پوکيو پڄ پني،
ڪيئون الله آسرو، توڪل منجهہ تني،
عشاقن انهي، سَلا سِڪَ ڇمايا.

79

سڌڙيا سمهن گهايل گهمن، عاشق سي اڻ موٽ،
مدد پير ڪامل جي، وِڏَئُون الف واري اوٽ،
ماريندا مرحب ڪي، ايندا ڪٽي خيبر ڪوٽ،
گهري غزوه "سومرا"، غازي ٿيندا گهوٽ،
چرين ڪي ڪا چوٽ، لڳي آ لاهوت جي.

80

سڏڙيا سمهن گهايل گهمن، جني جوش لڳو،
نينهن نغارو عشق جو، ويراڳين وڳو،
چئي "عبدالقادر" رات جو، اچي پويون پهر پڳو،
جند ۽ جهڳو، ڪيئون حوالي هوت جي.

81

ماٺهو سمهن عاشق اٿن، اٿي ڪن الله،
ذڪر واري ذوق ۾، پاتئون فيض فلاح،
"عبدالقادر" عاشقن جي، سچي صاف صلاح،
رهبر واري راهه، لڌائون سُتي لوڪ ۾.

82

ماٺهو سمهن عاشق اٿن، اٿاريا اسرار،
محبوبن جي ملڪ جا، پيين پُور هزار،
نسبت نيڪن جي، نينهن ڪيا نِروار،
"سومرا" سردار، ڏٺائون ساري ساٿ سان.

83

ماٺهو سمهن عاشق اٿن، اٿي ڪن آزي،
"عبدالقادر" اڌ رات جو، رب ڪيائون راضي،
مشڪلون ماضي، گذري غازين تان ويون.

**دل جي دولت ۾:**

84

ماڻهو سمهن عاشق اٿن، آهون ڪن اڌ رات،
ويا پٽيندا پُور ۾، ڪو سونچو پين ساٿ،
خام خيال خطرا، سڀ ٻُلايئون بات،
ثابت ڪيائون اثبات، وحدت واري واٽ جو.

85

جي رکن رغبت رب سان، ڪن نفس سان نفرت،
ياد الاهي يار جي، لڳي قلبن ۾ ڪثرت،
"عبدالقادر" ازل جي، ملي نيڪن کي نُصرت،
مُدامي مسرت، نماڻن نصيب ٿي.

86

هيرا موتي لعل، اٿئي دولت ساري دل ۾،
ڪول خزانو دل جو، تہ لهين قرب ڪمال،
اندر شوق اندر ذوق، اندر نور جمال،
اندر بخت اندر تخت، اندر يار وصال،
ٿيا نيڪ نِهال، ساجن پسي "سومرا".

87

جاڳي پيس جمال، حسن هوت حبيب جو،
ائين هلاءِ اسم کي، جيئن لڳي درد ڏمال،
سالڪن ڪيئن "سومرا"، ڏنو قرب ڪمال،
روئي رات رمال، پيارن پانڌ پُسائيا.

88

سک سجن دی قید کِتا، پر شور وڈا شیطان تھیوے،
ترکن بازی دور دنیا، ھر مشکل پئی مھمان تھیوے،
حرص ھوس دیاں لھریاں لگدیاں، بحر سگین برھان تھیوے،
لھر انہیں کوں کوئی نہ بچدا، راضی رب رحمان تھیوے،
"عبدالقادر" عاشق کوکو، نیزے چڑھ نشان تھیوے۔

89

جي چوين عاشق ٿيان تہ ڪر غير مڙوئي غار،
وٺي پانڌ پنھل جو، پيو ساجن کي تون سار،
روئي زارو زار، ڪر راضي پنھنجي رب کي.

90

جني رب ريجھائيو، پيلا تَني پاڱ،
اگھڙ ڏس انھن جي، عشق اٿاري آڳ،
سواءِ سُونھين سج ۾، مشڪل پهچن ماڳ،
جانب جلدي جاڳ، ناهي وقت ننڊن جو.

91

جنھين رب ريجھائيو، ڪيو تن ڪمال،
جھاتي پائي جيءَ ۾، ٿيا واصل منجھہ وصال،
"عبدالقادر" عمر جو، ڪوئي ڪرم سنڀال،
حاصل ڪجي حال، ناهي وقت ننڊن جو.

92

ڪو دم ڪامل جي، وڃي گهار گهرن،
اڃو ڪنڌئي آنَ جان تُوتَڙَ ڪيِي تَنَ،
صبح سانجهي "سومرا"، پيرا ڪَجُ پِلن،
ڏوئي ميرا مَن، پهچائني پرينءَ ڪي.

93

نچڻ ڏڪڻ نينهن سان، محبت ۾ مجبور،
اهڙا "عبدالقادر" چئي، مون مرد ڏٺا منصور،
سچل وارا سور، ٻُلا مثل پائئيان.

94

وحدت منجهه وجود، عقل هوش هليا ويا،
"عبدالقادر" انهن تي، ڪهڙو سهو سجود،
جي مالڪ سان موجود، تن ڪهڙو ڪم عوام سان.

95

آداب ۽ اخلاص، نماڻن نصيب ٿيو،
چئي "عبدالقادر" عشق ۾، پتنگ ٿي ويا پاس،
صاحب سڪ اداس، ڪو سُڃاڻي سپرين.

96

اٿڻ ويهڻ سمهڻ، جن جو هلڻ منجهه حضور،
اهڙا "عبدالقادر" چئي، مون نيڻين ڏٺا نور،
جي محبت ۾ مسرور، سي پرين اڄ پري ٿيا.

97

اٿڻ ويهڻ سمهڻ، جن جي هلڻَ منجهہ حياء،
اهڙا ”عبدالقادر“ چئي، هٿان هوت ويا،
ڪي ديسئون ڌار ٿيا، ڪي هليا هُنَ جهان ڏي.

98

اٿڻ ويهڻ سمهڻ، جن جو هلڻ وانگي حبيب،
اهڙا ”عبدالقادر“ چئي، مون ڏٺا نيڪ نصيب،
جيڪي تن طبيب، سي پرين اڄ پري ٿيا.

**مرشد جي ياد**

99

عاشق اکڙين ٺار، من سندو محبوب هو،
سيرت ۽ صورت ۾، هو صوفين جو سردار،
سڄڻ ساري ”سومرا“، ٿا پون پُور هزار،
جٽ ڪٽ پئي پچار، هلي اڄان هوت جي.

100

ڏنم ڏڪايل ڏي، ڪري نِرت نهار،
ٻوڙهن لاتي ٻِلن تي، خاصي خوب قطار،
موتين وانگي منهن تي، جڙيا جيئن جنهن وار،
پڪا ۽ پنهوار، ويچاري وِهہَ ٿيا.

101

ڳڻن پيري ڳالھڙي، وائي نا وسري،
سال لنگھي ويا ”سومرا“، پئي تازي ياد ڪري،
تي ھينئڙي منجھ ھُري، حقيقت حبيب جي.

102

دلاسو دلگير ڪي، ھوت ڏي ھر ھر،
جيسين عمل نيڪ ڪان نفس ڪري ٿھڪر،
تيسين آھي توھان جي، بارو ھي بدتر،
سورن ۾ چئي ”سومرو“، راھ لايو رھبر،
ڪري نور نظر، لاھيو غم غريب تان.

103

ڪڍيون ڪکر ڪامل جي، چينل تي چوٽيون،
ڪي ڌُر ويون درگاھ تي، ڪي منزل ڪان موٽيون،
سڪ جني ڪي ”سومرا“، سي قريبن ڪوٺيون،
ڪريون ۾ ڪوٺيون، مالڪن منظور ٿيون.

104

ڪئي ڪکر ڪامل جي، چينل چوٽ چمڪ،
مشرق پاسي ماتلي، لاٿئين جوت جھلڪ،
سڪ منجھان چئي ”سومرو“، آئي ڪوڙ خلق،
ڀاني برحق، ڪيئي نينھن نوازيا.

105

محبوبن جي ملڪ تي، آيم نينهن نظر،
بارش بوند صبوح سان، لاٿم قلب ڪلر،
چئي "عبدالقادر" عاشقن جي، ڪيو عشق اسر،
ڪندو سانگ "صفر" ، ڪو محبت وارو ماتلي.

106

پانڌي وجي ڏي پير ڪي، خط جي خاص خبر،
مَنايون اسان جي من ۾، گهوٽ ڪري ويون گهر،
مريد رهياسون ملڪ ۾، نام نالي ماتر،
نڪي نينهن نماز سان، نڪي ذوق ذڪر،
پيارا پندرهين سن جي، ڪا لڳي لُڙ لهر،
پيڙا انهي ٻار مان ڪامل ڪنڌي ڪر،
آزيون "عبدالقادر" جون، ٻڌي انگ اڪر،
يا جانب جلدي ور، يا گهراءِ گهوٽ غلامن ڪي.

107

محب وجي ماتلي، لايو چينل پاسي چاهه،
لڙهي ويو لاڙ ڏي دادو جو درياءَ،
وِير ڪري چِت وهڪرو، ڪنهن ڪي طاقت ناهه،
"عبدالقادر" انهنجو موٽڻ مشڪل آهه،
جن ڪي عشق الله، زوري خان ڪسي ويا.

108

سرتيون سانگ ڪيو، چينل پاسي چاھہ،
ٿي تسلي تن ڪي، اچي ياد الله،
ڏسون ھلي ھوت ڪي، عالم جو ارواح،
روشن ٿئي راھہ، ساجن پسيون ”سومرا“.

109

سچو سالڪ سو، جو رکي مان محبت جو،
مُنھن ڪري محبوب ڏي، نہ پُٽِ قيرائي پوءِ،
سک سچي پير جي، پتنگ پالي ڪو،
نہ ٿئي نينھن لڳو، تان ڪرين گفتا غير جا.

110

سر ڏئي سچڻ ڪي، ٿو واپس ورائين،
ڪِلِ مسخري چرچو، بيعت ٿو ٻائين،
ڪيئن نڀائين، ٻانھا نينھن ٻين جو.

111

عقل ۽ علم سان، تون خاميون نہ ڪول،
چريو ٿي ان چاھہ ۾، ڳُڻَ پرين جا ڳول،
تہ جوڳي ٻري جھول، اچين تون عجيب ڪان.

112

عقل علم عزت جا، ٿيئي وسارج ٿول،
ڳجھيون ڳالھيون پير جون، نہ فقيرن سان ڦول،
ٻانھپ وارو ٻول، پالج پنھنجي پير سان.

113

شائق شوق فراق جا، سي طالب ڪين چون،
رضا خاطر رب جي، تا صابر سور سهن،
اَلاِسْتِقَامَةُ فَوق الْڪَرَامَةِ، اهو ڏاج انهن،
مقصد پائي من، ويندا واحد سامهون.

114

جيڪي خيال خناس جا، تن کي ڪر ترڪ،
طعنا طرفان يار جي سمجهين ماڻُ مَرڪُ،
مُلپي مسئلا من مان، چڏ واري سيپ ورق،
جاهل ٿي جرڪ، اڳيان عاشقن جي.

115

ڪامل اسان جي قلب جي تا ڏين دُرس دوا،
ناز وڃائي نفس جا ٿو ٽاري حرص هوا،
سچ چوڻ جو "سومرا"، رکن رعب روا،
ڪاهيون وڃي قافلا، پنهل پيشوا،
تڏهن بد بلا وڃي دلين منجهان دور ٿي.

116

قهر ڪاوڙ ڪاملن، سمجهين سچ ثواب،
نوائي نوائي نفس کي، ڏي اندر جيءَ جواب،
هجين نر نواب، تہ بہ دايو ٿي ان در جو.

117

عزت ڏئي ذلت وٺ، وڃاءِ جاھ جلال،
چئي "عبدالقادر" تڏھن تي، ھوتن وٽ حلال،
رَسين قرب ڪمال، ولھا انھي واٽ سان.

118

مرشد جاچي مرض کي، ٿو تلخ ڪري تلقين،
جِھٽڪڻ لوپڻ جن جو، ٿو پائين سخت سنگين،
دوا تنھنجي درد جي، آ انھي وٽ امين،
اکر "عبدالقادر" جو رکين ياد يقين،
اھڙو ڪامل ڪين، ملندئي جڳ جھان ۾.

119

جو پري ٿيو پرينءَ ڪان، پِير سندي پاڇي،
سک نہ ڏسندو "سومرا" ڪٽي سنڌ وڃي ڪاڇي،
جڳ ڏسو جاچي، کھڙو حال ھُنن جو.

120

در ڇڏي دوست جو، جي ڳولن در پيا،
معرفت مزي من جي، وڃڻ ڪان ويا،
کھڙا حال ٿيا، ڏس انھن جا ڏيھ ۾.

121

عزت مان مرتبو ڪُل ئي ڪر قربان،
تڏھن لائق لذت جو، ٿي محبت جي ميدان،
نفس پوءِ نادان، سمجھي ڳالھ سڄڻ جي.

122

سچا پچا فقيرڙا، تہ بہ آيا غير غصي،
توبہ ڪر تون "سومرا"، شل نا رب رسي،
جيتر جان جُسي، هجي عشق حبيب سان.

123

ڀلي ڀُول ڀوڻن ۾، جيءَ سندو جاني،
ڏسين نہ اصل ڏيهہ ۾، سڄڻ جو ثاني،
اها نشاني، ڪامل جي ڪمال جي.

124

اولاد پنهنجي پير جو، پائين ڪٽنب ڪريم،
تہ نالو نانگا تنهنجو، لکجي عرش عظيم،
ڪري قلب سليم، هلين هِن جهان مان.

125

ڏسي گل گلاب جا، پيرا ڏين پؤنر،
واهہ زمانو ذوق جو، دلبر وارو دؤر،
ڪندي غافل غور، ٿو وڃئي وقت هٿن مان.

126

جو پڙهي اشارا پِرت جا اهو ڪڌهن نہ ڪِرندو،
لوڏن لس لهر جي، ايندو تار منجهان ترندو،
واپس ٿي ورندو، ساڳي واٽ وٺاڻ تي.

127

گهڙي پريندڙيان سهيليان، رنگا رنگ گهڙي،
گهڙا هوندا پريا، جنهندا توڙ چڙهي،
جهڙي ٿاپي نال ٽِرڙي، او ٽلهي ٽڪر چاڳئي،

128

نڪي ناز نيڪي تي، نہ گلا ۾ غمگين،
”عبدالقادر“ عاشقن جون عادتون آهين،
متي ٿي مسڪين، رسيا قرب ڪمال ڪي.

129

نڪري ويا نفس ڪان، خودي ڪي ڪائي،
ڪنهن ڪي وڃن ڪِين ڪي، رڳو وندر جي وائي،
ساب پيين ”سومرا“ ڪامل ڪمائي،
اسم الاهي، ڪيئي روح رَچائيا.

**مولا ملڪ وساءِ**

130

مولا ملڪ وساءِ تہ سبزيون ٿين ساولون،
چئي ”عبدالقادر“ ڪرم جو، بادل ڪو برساءِ،
تَسا نہ ترساءِ، جو آهيون تنهنجي آسري.

131

سارنگ سنيري آيو، مند سنيالي مور،
سڪاين جي صحن تي، لاتي جهڙ جهڪور،
برسي اڄ پنيور، جڏهن جاني آيو جوءِ ۾.

132

سارنگ سنيري آيو، جهولا ويا جُهلي،
ساوڻ جي ڪا "سومرا"، هنئڙي هير گهُلي،
لتا درد ڪُلي، جو جاني آيو جوءِ ۾.

133

ڪنوڻ مون کي خوش ڪيو، تن ۾ هٽي تان،
ڏسي بادل برسندو، گجي گوڙ گمان،
چئي "عبدالقادر" اڱڻ تي، پيو برسي اڄ بادل،
ڪري ماڻ مثل، سهڻل آيو سنڌ ۾.

134

ٻَسي جهُڙ جبل، ڪنوڻ مون کي خوش ڪيو،
تجلي هنيائين تن ۾، پئي گهُلي واء وصل،
ايندو "عبدالقادر" چئي، ڪندو مينهن مهل،
آهيان ڪين اهل، تہ بہ اٿم ان ۾ آسرو.

135

جهنگ اُتا جهر اُتا، اُتو جام جبل،
ٻروچن جا ٻارڙا، ٻيا ڳائن گيت غزل،
ساوا ٿيا "سومرا"، موتي ماڳ محل،
فائق جي فضل، ويڙيا مارو ميڙيا.

136

وَسَ پِرينءَ جي وس، تون بادل هئين بيوس،
ڏسي ڏوھ ڏنگائيون، برسات ڪئي بس،
مِھر ڪرين ان ماڳ تي، جتي راڙو ڪري رس،
جھڙ جبل سان گس، تہ لهي ڪس قلوب تان.

137

سارنگ سنيري آيو، سھڻا ويس ڪري،
پيو پورب پار ڪان بادل برس پري،
"عبدالقادر" چاھہ مان آيو، ڪين وري،
ذرو منجھہ ذري، ڏيندو ساري ڏيھہ کي.

138

سارنگ سنيري آيو، پائي هار حسن،
ڪکر ڪيئن قلب تي، بوندون بَر وسن،
اکڙين جھڙ جُڙن، باطن جي برسات ۾.

139

خوف اميدون خالق ۾، ماڻھو مينھن مھل،
جلال واري جوت ۾، آھن راز رکيل،
حڪمت ھر ڪنھن ۾، آ پيلائي بلڪل،
ايندا "عبدالقادر" چئي، اھي ڏينھن اصل،
ورندا واء وصل، ويندا ڏکر ڏيھہ مان.

140

والي آڻ وطن تي، بارش جي برڪت،
بر وسايو بوندن سان، ڪيو رڻن تي رحمت،
جيسين جُهڙ نہ لاهيو، ٿئي جڳ جنت،
رحمت سان رغبت، آهي هر انسان کي.

141

مِهر اسان جي ملڪ تي، آڻي اچ الله،
ڏنڏون ڏورا خشڪ ٿيا، سُڪن سڀ تلاءِ،
عاصي "عبدالقادر" چئي، وچڙيا محبت ملاءِ،
سڄڻ جي صلاح، وٺي رَسون ڪنهن واٽ ۾.

142

مديني ڪان موٽيون، ڪِنوَنِ پيون خرقان،
ڪَن بارش ڪئي بغداد تي، برسيون منجھ بُستان،
ڪَن ڪئي بوند بلخ تي، ڪي ڳجن پيو گُرگان،
ڪي راهي ٿيون روم تي، ڪي بصري تي باران،
ڪن شورش ڪئي شام تي، ڪي ڪاهي ويون ڪِرمان،
ڪَني سرهند سانگ ڪيو، هلي هندستان.

143

ڪڪر اچ قريب جي ڪئي چينل تي چوٽي،
مينهن آيا ماتلي جي ماڳن تي موٽي،
مينهن مور ميڙيا، وئي وچئون ويچوٽي،
ڪري ۽ ڪوٽي، ملي پنهنجي محب سان.

144

پاڻي نہ هو پيئڻ لاءِ، اڄ ٻڌو عرض الله،
ڇڪي ڇڪي ڪوهہ تان، ويو سنڌن منجهان ساهہ،
پڪي پڪڻ آدمي، هيا تن تباهہ،
وهي آيا واهہ، ڪيڏا ڪرم ڪريم جا.

145

موٽي وڃان ملڪ تي، ڪھڙو منهن ڪٽي،
عزت منهنجي آبرو، شامت منجهہ ڇٽي،
آخر ”عبدالقادر“ ڇئي ڪندو داد ڏٽي،
پورن جي پٽي، ڏوئيندس وڃي ديس ۾.

146

مُذَبذَب من منهنجو، ڪوجها ٿم ڪرتُوت،
ڪڏهن سوڪ سُڪر ۾ ڪڏهن بد ٻيوت،
ڪڏهن خام خيال ۾، ڪڏهن مَنُ گهري ملڪوت،
ڪڏهن درد دنيا جا، ڪڏهن لائوءَ لڳِي لاهوت،
ڪڏهن شور شَهوَتَ جو، ڪڏهن جيءُ گهري جبروت،
لهرين مون کي لوڏيو، نهرين ۾ ناسوت،
مرد هجي مضبوط، جو تري هلي ان تار مان.

147

نڪي عمل نيڪ مون، نہ سودو ڪيم سڪ،
ٻُڏي پنڌ پهاڙ جا، جيءَ ۾ پيا جهڪ،
”عبدالقادر“ ان واٽ ڪان، لارو نڪي لڪ،
حقي آهي هِڪ، الله تنهنجو آسرو.

148

وڳر سڀ ويام، جي مارو مور ملير جا،
پلي پينگهي پيار جي، جن جي هنج هيام،
سي سانگي ڇڏي "سومرا"، وڃي ترُ ٿيام،
انهن رِي پيام، گوندر گهارڻ ڏينهڙا.

149

مران ڳران من ۾، پيو سڙان سيني اندر،
ساٿي سمنڊ تري ويا، آءُ بيٺو وٽ بندر،
مسجدون مندر، سڄ ڀائيان اڄ "سومرا".

150

مران ڳران من ۾، پئي سڙان سور وڏي،
ڏسي راهون رفيقن جون سُڏڪيو دل سڏي،
سنگتي ساٿي "سومرا"، ويا جوڳي جڳ ڇڏي،
غمن منجهه گڏَي، ڦَٽي دل فقير ويا.

151

اٿڻ ويهڻ اسان جو، آ گهمڻ سڀ گمراهه،
جاڳڻ سمهڻ "سومرا"، هَوس ۾ همراهه،
گلا غيبت گاريون، ڀائيون مفت مُباح،
غفلت منجهه گناهه، پيا گنهگار گهاريون ڏينهڙا.

152

جوان جاڳن تون سمهين، نہ تين لوڪ لڄي،
ويئي خواب خيال ۾، ستين رات سڄي،
سمهندين راتيون "سومرا"، وِيُئي وقت وڃي،
ڪهڙي پوءُ پڇي، ڇنئي قرب قطار ڪي.

153

پاڻ ويهي پاڻ ۾، جو ڪري سوچ سنڀال،
"عبدالقادر" انهي وقت، رسي قرب ڪمال،
حاصل ٿئي حال، مشاهدو محبوب جو.

154

هي هي حيف هزار، جو پلو پائين پاڻ ڪي،
پري ٿيو پرين ڪان، ڪيئي ڪوهہ ڪِنار،
سعيدن سان "سومرا"، شقي ٿئي نہ شمار،
تڪبر انهي تار، ڪيئي پيڙا پوڙيا.

155

پلو مَ پائنج پاڻ، متان لڳئي ڪس قلب ۾،
تڪبر ڪيئي تڙائيا، پيا روئن رتوڇاڻ،
سخت سرڪار "سومرا"، نہ ڪڍي ڪنهن جي ڪاڻ،
ڪري نفس نماڻ، روئندن رب ريجهائيو.

156

ڪائڻ پيئڻ خير سان، ڳالهيون ڪندي ڳالھ،
سچڻ نہ مليو "سومرا"، ٿيا سڏون ڪندي سال،
"عبدالقادر" اهڙن جو، ملڻ آهي محال،
جانب جو جمال، ڪيئي ڪوھ پري ٿيو.

157

جبل منجھ جهانڪي، جن ڏٺو پير پنهون جو،
سست نہ ٿيا "سومرا"، ڪنهن ڏونگر جي ڏاڪي،
فقر ۽ فاقي، محبن سان ملايو.

158

ثناء لکندي صالحن، آيو اطمينان،
بخشي مَن ٻلارن جي، صدقي او سبحان،
لهن غم گمان، جي سائين سرچي "سومرا".

159

جاني جند چڙا، پربت هن پهاڙ ڪان،
جيڏيون ڏسي جبل کي ٿا ڏکن ڏوھ وڏا،
الائي رسندا ڪيچ هڏا، الائي رلندو لاش لکن ۾.

160

توبہ تنهنجي در تي، ٻگم ڪيئي ٻيرا،
چئي "عبدالقادر" اندر ۾، جلن ٿا جيرا،
فضل جا ڦيرا، ڪڏهن ڪندو قلب تي.

161

ظاهر باطن آهين، دشمن عام عزيز،
خير خواهي خلق مان، وئي لڏي لوڪ لذيذ،
گناهن جي غار ۾ ٿيو من مريض،
هي هي ڪهڙي چيز، سور وهايم "سومرا".

162

ننڊي لاءِ ڪان نينهن، مون تان ڪين ڪيو،
هليس ڪين حق تي، چڱن جيئن چيو،
سڏون ڪندي "سومرا"، گذري وقت ويو،
پيري منجهه پيو، پنڌ وڏي پرديس جو.

163

ڏکن ۽ ڏوهن ۾، مون عمر اماڻي،
ويل وهايم "سومرا"، جاڻ منجهان جاڻي،
ولوڙي پاڻي، پڪڙ مون ڪان ڪين ٿيو.

164

ڏکن ۽ ڏوهن ۾، مون وڃائي مند،
هستي هٿ حرام ۾، طبيعت رهي تُند،
سڄ لڙي ويو "سومرا"، پيو پوياڙي پنڌ،
روئان وٺيون رند، من رهبر ملي راهه ۾.

165

ڏکن ۾ ڏوھن ۾، مون عمر گذاري،
نہ ٿيو مقصد من جو، جَر ٿيا جاري،
ڏاڍي اڳيان ڏيھہ ۾، توبھہ ۽ زاري،
"سومرا" ساري، عمر وئي افراد ٿي.

166

ساري سکڻا سور، پيو جُکي جيءُ اندر ۾،
آرام "عبدالقادر" چئي، من نہ مليو مور،
ڏسي ڪالھہ قصور، مرشد منھن مَٽي ويا.

167

سج لڙي سانجھي ٿيو، پھر پڇاڙي،
ڏسان انھي ڏيھہ ۾، پيو ڏڪڙا ڏھاڙي،
عمر "عبدالقادر" چئي، مون سورن ۾ ساڙي،
ٻني ٿي ٻاڙي، ھٿان ھر چڙھي ويا.

168

سج لڙي سانجھي ٿيو، پيو پوياڙي پنڌ،
طاقت ناھي تن ۾، سور سکائيا سَنڌ،
ساري ساٿي "سومرا"، روئان پڇون رند،
کھڙو ڪٽي ڪنڌ، ڏسان ڏيھہ پنھل جو.

169

پرور پريشان، رهيس ساري عمر سور ۾،
مستقل هن ماڳ ۾، نہ آيو اطمينان،
صغيري ڪان سائل چئي، جيسين ٿيس جوان،
سائين تون سبحان، پارت ٿئي پينار جي.

170

پرور پريشان، رهيس ساري راڄ ۾،
ڏوهن جي هن ڏيهہ ۾، مون ڪثر ڇڏي ڪانہ،
شامت منهنجي شر جي، ٿي ساموهن نيٺ نشان،
صاحب تون سبحان، ڍڪين عيب اسير جا.

171

مولا ڏنئي مهر سان عاجز کي اولاد،
رکين جوهر جان ۾، فاروقي فولاد،
ننگ سجاٽي نالن جو، جا رکين من مُراد،
جڳ مڱائين جڳ ۾، ڪوئي ستارو سعاد،
عشق سان آباد، هجن هر جهان ۾.

172

مولا ڏنئي مهر سان، ناڪس کي نياٽيون،
سدا تنهنجي سک ۾، رهن ٿيون راٽيون،
محبت کي ماٽيون، هلن هن جهان مان.

173

تون رحيم تون ڪريم، تون سقيمن سائين،
سورن ۾ سائل چئي، نہ خلقون ڪلائين،
چئي "عبدالقادر" آسرو، اڙين جو آهين،
لائق تون لاهين، جلدي غم غريب جا.

174

مولا مسلمان ڪر آدم جو اولاد،
ڪڪر تنهنجي ڪرم جو، بحر وڏي برسات،
ڏوئي تن کي دين سان، ڪر اجاري آزاد،
شوق منجهان ٿي شاد، هلي جڳ جنت ڏي.

175

حڪيم پسي حڪمت سان، هوش ويم هاٽي،
پنهنجي قدرت پاڻ ٿو، ڄاڻ منجهان ڄاٽي،
ناڪس نماٽي، ٿي دانهون ڪري درد مان.

176

زنده دل ذڪر سان، ٿئي زنده ذوق،
ذڪر سان دل درد لهي، ذڪر سان ٿي شوق،
ذڪر واري ضرب سان، ڀڳا ڪُتا ڪري ڪونڪ،
بند منجهان ڀونڪ، باهڻ واري بند ٿي.

177

ذڪر سان تو ذوق ملي، عشق ۽ اخلاص،
ذڪر سان ٿي ذات ملي، خالق واري خاص،
علم عمل ذڪر رِي، نہ پرور ڪري پاس،
برھ واري باس، ذڪر ظاهر تو ڪري.

178

جوڳي سدا جڳ ۾، هجن شال حيات،
رني جن جي رنج ۾، ريهون ڪري رات،
”عبدالقادر“ انهن سان، ڏينهن ملي ڏات،
پرھ ڦٽي پرڀات، وڻن ڳوڙها ڳاڙيا.

179

جيئن سدا جڳ جوڳي، جم غفير سان،
”عبدالقادر“ ازل ڪان، پهري آيا پڳ،
ازل ڪان پيي اڳ، ملين عشق الله جو.

180

جي چوين جوڳي ٿيا، ست سپ ئي سانگ،
ماري وٽ مهل ٿئي، نيت وارو نانگ،
سيني رکج ”سومرا“، طلب خدائي تانگ،
”عبدالقادر“ ٻڌين پوءِ، ازل واري ٻانگ،
دل تان لهن دانگ، تہ وٺين واٽ وصل جي.

181

جي چوين جوڳي ٿيان، نيت ڇڏ ناري،
پائي پانڌ ڳچي ۾، ڪر ذلت سان زاري،
آهون ڪر اڌ رات جو، بخشي من باري،
اها عادت اولياء، نہ گهوٽ وجهن گهاري،
ٻڌجي ٻهاري، جي قائم رهين قول تي.

182

جي چوين جوڳي ٿيان، ڪر نيت نيڪ صفا،
ڪوڙ ڪيڙي قلب مان، ڪر وعدي منجهہ وفا،
خادم ٿي خلق جو، ڏئي جان جفا،
اٿئي راضپو رب جو، مسلڪ مصطفيٰ،
ٿيئن رنج رَفا، جي پڪو ٿين ان پِير تي.

183

جي چوين جوڳي ٿيان، رکج غم غذا،
صابر سُکَ سور ۾، رهين رب رضا،
فرض جي فائق جا، ڪر ڪڏهن ڪين قضا،
خالق خير جزا، سُتت ڏيندئي "سومرا".

184

هي هي تنهنجي حال تي، ڪرين ذڪر نا زاريون،
راتيون نشي ننڊ ۾ تو غفلت ۾ گهاريون،
مندون مهل "سومرا"، تو ڪرن سان ڪاريون،
لنگهي ويون لاريون، محبوبن جي ملڪ تي.

185

جوڳي جڳ ڇڏي ويا، ٿيا سچ صحن،
پسي جايون جوڳئين، اکين آب وهن،
اهڙا "عبدالقادر" چئي، ڪٿان لعل لهن،
رويو رنج رهن، جي ڦٽيا درد فراق ۾.

186

وڻ نکي وٽڪار، نہ جوڳيئڙا جهان ۾،
ويٺين جن سان ورهہ ٿيا، ڪندي پرت پچار،
ساري اهي "سومرا"، ٿا پون پور هزار،
هڪ ٻئي پنيان يار، صحي سچ ڪري ويا.

187

سنگت وئي ساٿ ويو، ويا صالح ڏيئي سور،
هُرن هينئڙي ڳالهيون، ڇِڪنا ٿيم چور،
ساري تن کي "سومرا"، پل پل پوَن پور،
دردن جو دستور، جنهن ڦَٽي شهر فنا ڪيا.

188

سنگت وئي ساٿ ويو، ۽ ويو سج لهي،
ڏکيا پنڌ پهاڙ جا، رڻ ۾ رات پئي،
طاقت وارو تن مان، ويو وقت وهي،
"سومري" صحيح ڪيو، فن فراق جو.

189

جني ساهہ سڪايو، اهي الله آڻ،
يا جيئري ملا جوءِ ۾، يا اوڏانهن اُماڻ،
ساهہ سڪي جن ڪاڻ، سي جانب ڪين جدا ڪيو.

190

مال وڃي زال وڃي، وڃن اهل اولاد،
”عبدالقادر“ هڪ هجي، شل پرين پنهنجو ياد،
فتني منجهہ فساد، شل ڏٽي داخل نہ ڪري.

191

قريبن ڪيو، جڏهن ويراڳين وصال،
غسل ڏيندي ڏنم، چئي ”عبدالقادر“ حال،
منهن ۾ ڏنم مشڪندو، جلدي ساڻ جمال،
ڪري ڪفن لعل، ٿيو روانو رب ڏي.

192

ڪيو صحبت صالحن، نيڪ وڃن نڪتا،
چئي ”عبدالقادر“ تار مان، تاريندئي تختا،
پير ڪيو پختا، نيڪن واري نينهن سان.

193

سنگت رکو صالحن، لايو نيڪن نينهن،
اکيون جنهن جي عشق سان، سندا ساوڻ مينهن،
ڪيائون روشن نينهن، عالم پنهنجي عشق سان.

194

صالح وچن سچ ڪيون، نيڪ وچن نڪتا،
ترڪڻ بازي تار مان، پير ڪجئو پختا،
توڪل جا تختا، ترُها پڌو تار ۾.

195

صالحن جي سفر جي، ڪوهه نہ پئي ڪل،
ڪاڏي درد فراق ويا، ڪٿي شوق شغل،
ويا وڃائي پنهنجو وارو، وقت اصل،
تن جا نينهن نقل، لکي لکندس ڪيترا.

196

حال محرم هوت هئا، نوري نيڻن تار،
ساري صحبت تن جي، ٿا پون پور هزار،
نڪين ساٿي "سومرا"، وڻ نڪي وڻڪار،
عبرت جو اسرار، جُڪي پيو جان ۾.

197

وڻ نڪي وڻڪار، نہ ساٿيڙا سنسار ۾،
آديسي اٿي ويا، پيارا ڪهين پار،
صدمي تن جي "سومرا"، ڏنا ڏک هزار،
هڪ ٻئي پٺيان يار، سهي سچ ڪري ويا.

198

پڙهين پاڻ وڃايو، عمل ۽ اركان،
منهن مهانڊو محمدي، نيت ۾ نادان،
جاهل پسي جن کي، وڃي شامل ٿيا شيطان،
نيڪن کي نقصان، پٽِيَن پڪ پڄايو.

199

جنگ جهيڙو نفس سان، پر هدايت عام،
نه پڙهيل ٿيائن پاڻ ڏي، خود نه ٿيائن خام،
سامي تن "سومرا"، ٿيندي تنگ تمام،
انهي جي هٿ حرام، دروازي کان دور کيا.

200

ڏاهن سندو ڏک ٿيو، ٿيا بلڪل بي وفا،
نکي حيا هيڏي جو، نه سنت سوچ صفا،
نکي غور غريب جو، نه ميار مصطفيٰ،
چئي "عبدالقادر" اهڙن کان، منهنجو خيال خفا،
سوين سؤ دفعا، پرکي ڏٺا پاڻ مون.

## مذهبي ماڻهن جو ارمان

201

ڏاڙهيون ڏاڙهين ڪيتريون، شايد وڏو شڪ،
توڪل ۾ تني ڪي، اڃان پوري ناهي پڪ،
چئي "عبدالقادر" اهڙن ڪي، ڪيئن حاصل ٿيندو حق،
ان رُڪن ۾ نا رَڪُ، اصل ڪوئي آسرو.

202

سونهين سونهاري تن ڪي، جو ساٽي سور ٿين،
ڏکن منجهه ڏڪايل ڪي، اچي ٻيٽي ٻانهن ڏين،
وعدي وفا نيت صفا، سي جوڳي شال جين،
معاوضو مسڪين ڪان، نانگا ڪين نين،
ڪک ڪين ٿين، مدد ڪان مسڪين جي.

203

ملا ويهي مسجد ۾، ڪندا پچر پرائي،
نہ پنهنجي پاپ جي، ڏسن ڏنگائي،
حرام حلال "سومرا"، ڪُرڙي ويا کائي،
چون چڱائي، پر خود نہ ڪرن خيال ڪو.

204

ملا ويهي مسجد ۾، ڏيندا ڏس پين،
لقمو حق حرام جا، کايون خود وڃن،
نہ ساٿي ڪنهنجي سور ۾ نہ مدد محتاجن،
اهڙي اهڃاڻن، سالم ڪيئن "سومرا".

205

ملا ويهي مسجد ۾ نڪ ۾ ڏيندئي ناس،
ڏُرئون اصل ديلي، پِنيَن ڪيو پاس،
وجهو وتن ور ۾، پاڻ ڪيسي منجهہ خناس،
آءُ بہ "عبدالقادر" چئي، شامل ٿيس شاباس،
برهہ واري بانس، دم انهيءَ ۾ دور ٿي.

206

ملن ويهي مسجد ۾، رسايو رحمان،
حلال ۽ حرام جي، ڪسر ڇڏيون ڪانہ،
عمل ڏسي انهن جا، ڪريو جڳ جهان،
اهڙن جو ارمان، سدا آهي "سومرا".

207

موتين وڏو مان، پر سچاڻي سراف ڪيو،
هنجهن هنڌ مٽايا، پر هوندا هر مڪان،
ڪو سچاڻي "سومرا"، مورن ڪي مستان،
قيامت ٿيندي ڪانہ، جيسين هوندا جُنگ جهان ۾.

208

تنهنجو ڪنگ ڪلور، جو درا ڪائين ڏِين جا،
هنجهن واري هنڌ تي، ٿو پِنين ڪهڙا پور،
بگهہ سڏين ٿو ٻين ڪي، آهين پاڻ ضرور،
مور اُهي منظور، جن جو ڪم قرآن سان.

209

ڇَڱِي ڇڱي ڪم ڪان، آ ڇڱن جي صحبت،
گندي آهي، گناهہ ڪان برن جي محبت،
اجا محب الاهي چئي، اٿئي ساٿ سنگت،
هي هي هٽندي هٿ، جڏهن نيڪ ويندئي نڪري.

210

ڏمر ڪري ڏيهہ ڏٽي، تہ وجن سي وايون،
رليون اهي راڄ ۾، جي ڏينهن ڪان ڏاهيون،
حرص هوس دنيا جي، چڪر ۾ آيون،
”عبدالقادر“ هٿ جي، مڪر منجهايون،
تڪبر تڙايون، راٽيون ڪيئي راڄ مان.

211

ڏمر ڪري ڏيهہ ڏٽي، تہ حيلا ڪين هلن،
ويو هوش هوس مان موڪلائي من،
ڇيو اصلي ڇڱن جو، مارو ڪين مڃن،
رهندو ”عبدالقادر“ چئي، گلا منجهہ گسن،
تڏهن ڏک ڏسن، ٿا جيئري هن جهان ۾.

212

ڏمر ڪري ڏيهہ ڏٽي، تہ حيلا ڪين هلن،
موحد سڏائي ملڪ ۾، چندي چال چلن،
ڪايو پيئو راڄ ۾، ڪئي موج مُلن،

”عبدالقادر“ دنيا ۾، لائي ٿاڪ ٿلهن،
سي ڪامل ڪيئن مڃن، جن جي هوڏ حرام تي.

213

ڪيچي ڪاله وهي ويا، ساجهر ڪٺي سير،
هاٿي تن هوتن جا، پنڌ پچان پئي پير،
دل ساڙي دوست هليا، دم نہ سهان دير،
ڏونگر ٽپي ڏير، رات ئي لڪ لنگهي ويا.

214

فتح فيض وارن ڪي، ڏني آ ڏاتار،
ڪرن ڪم اڙين جا، جي لوڪن ۾ لاچار،
آخر ”عبدالقادر“ چئي، ٿيندن مولا مددگار،
جنت جا حقدار، ٿي هلندا هن جهان مان.

215

عابد ساجد ڪيترا، وين روئندي پانڌ پسي،
سجدا ڪندي سائين ڪي، وئين وار ڪُسي،
خدمت سوا خلق جي، ٻانهپ آهي ٻُسي،
”عبدالقادر“ اهڙن ڪان، ويو رب رسي،
وئين وقت گسي، فائق واري فضل جو.

216

تسا تن پياريا، پاٽي ٻيري پور،
لٿ سائي لوڪ ۾، جهلي جلد انگور،

چٽي "عبدالقادر" رحمت جو، ڪلي در ضرور،
حاصل جن حضور، ويا ڏسيندا ڏيهه کي.

217

سات ڏيڻ سور ۾، هر ڪنهن ناهي حاج،
ڪم ڪرڻ ڪمزور جو، آ مردن جو معراج،
ازل منجهه ارواحن کي، مليو ڏاتر وٽان ڏاج،
رکندا اُهي رواج، ڪرڻ ڪم ضعيف جو.

218

خدمت ۾ خلق جي، ڪس لڳي ڪانه،
ڏک نه ڏسندا ڏيهه ۾، نه محشر جي ميدان،
ڪم ڪري ڪمزور جا، ريجهائيون رحمان،
دنيا ۽ آخرت، ڪتي ويندا خان،
اهڙا "عبدالقادر" چٽي، چٽندا جنگ جوان،
پلو تن بيان جن ڏنو سات سقيم جو.

219

ڪندا خدمت خلق جي، هي هوندا حق اهل،
سات ڏيندا "سومرا"، مشڪل منجهه مهل،
ڪري قياس ڪهل، ٿيندا ساٿي سور ۾.

220

سات ڏيڻ سور ۾، ناهي عام عمل،
سختي منجهه ڪي "سومرا"، ڪندا مرد مهل،
اهڙو قياس ڪهل، ناهي ڪم ڪنجوس جو.

221

خاص خدمت خلق جي، ڪندا ڪي پانها،
رتبو راز الاهي جو، ماڻن مستانا،
رضا خاطر رب جي، ٻڌجن ٻهانا،
پچن پروانا، تڏهن انهي تاب ۾.

222

گاريون ڏيڻ گند، مؤقف هو مروان،
پليت ڏيندو هو پاڪن ڪي، شاهي جن جو شان،
خطاب ڪندو هو خطبي ۾، بيهي اُت بيان،
صبر ڏس سبحان، انهي وقت امام جو.

223

سچڻ سوگها ڪر، وجهي نيڻ نقاب،
ماري مشتاقن جا، ٿو ڪرين قلب ڪباب،
آخر "عبدالقادر" چئي، ڏيندين حق حساب،
عليلن عذاب، ڪڏهن ڦٻندئي ڪِينَ ڪي.

224

چشمن چور ڪيا، گهايا ڪي غمگين،
روئندي ڏٺم راه سان، مسافر مسڪين،
لڳن ڏڪ دلين ڪي، ڪوئي سخت سنگين،
انهي رمز رنگين ڪيئي، مسافر ماريا.

## جتي ديرا دوست جا:

225

حسن جون هيراڪ، سڪنديون ڳولن سپرين،
مُڙن ڪين ملامت ڪان، جي ساڙيون سوز فراق،
"عبدالقادر" اڪڙيون، ڪيون حب هلاڪ،
پاڻ ڪيائون پاڪ، دل ڏوئاري دوست ڪان.

226

حسن جا هيراڪ، اصلي عين عجيب لاءِ،
شرم حيا لڄ لوڪ ڪي، ڏني تن طلاق،
سڪ جني کي "سومرا"، اپري عبرتناڪ،
آلا ڳل ڳوڙهن سان، موهيا محبت ماڪ،
ڪرن ڪين ڪلاڪ، بس انهي برسات ڪان.

227

متان پيائين اڪڙيون، درسن بنا ديد،
نظر نظاري نينهن ۾، رکن مام مزيد،
راڻا رانجهن ڪيترا، ڪيئون ڪوڙ خريد،
ڏسي حسن هوت جو، ڪرن شور شديد،
"عبدالقادر" اکين ڪان، ناهي برهه بعيد،
اکڙين اتي عيد، جتي ديرا دوست جا.

**ٻج انهي ڏينهن کان:**

228

ڏسي حسن هوت جو، ٿيون چست چريون،
جانب جي جمال ۾، کليون ديد دريون،
اکڙيون "عبدالقادر" پوءِ حسن، منجهہ هِريون،
فراقن ڦريون، دم دم پاسي دوست جي.

229

اوڏنهن هلڻو آهہ ، جو مُهر لڳندئي منهن تي،
ڳالهائيندئي هٿڙا، ٿيندئي پير گواهہ،
اتي "عبدالقادر" چئي، هيمي ڪندي هاءِ،
جيڪي ڪم ڪيائي، سي ٿيندئي سامهان.

230

ٻج انهي ڏينهن ڪان، ڦاٽن عرش جتي،
تارا ڇڻي تاب مان، پوندا فرش مٿي،
جبل جهري جوش مان، ٿيندا اُنَ اتي،
تنهنجو خيال ڪتي، ڇا ٿو سمجهين "سومرا".

231

دهشت جو دوران، جو مُهر لڳندئي منهن تي،
ڳالهيندئي هٿڙا، ڪندا پير بيان،
سامهون ٿيندئي سومرا، ات عمل ۽ ارڪان،
ظاهر ٿيندئي زيان، جي لکايئي ٿي لوڪ ڪان.

232

اچڻو اٿئي يار، اهو ڏينهن اجل جو،
مائٽ مڙئي منڙا، دلبر ٿيندئي ڌار،
عزيز "عبدالقادر" چئي، پٽيون ڪين پار،
روئندي زارون زار، ساريو سڪ ملير جا.

233

غافل ڇو غفلت ۾، ستين ساري ليل،
ڏينهون ڏينهن وڏي ويا، فاسق تنهنجا فعل،
ڪيئن وساريئي ڪوهه سي، مصيبت جا ميل،
وو وو اڳيان ويل، اچا سڪ طلبين "سومرا".

234

نہ اهو وقت وسار، جو مُهر لڳندئي منهن تي،
اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلَىٰٓ أَفْوَاهِهِمْ، پڙهي ڏس پچار،
وَتُكَلِّمُنَا أَيْدِيهِمْ، ڪندئي هٿ قرار،
وَتَشْهَدُ أَرْجُلُهُمْ، جو گهمين بَر بازار،
سامهون ٿي سرڪار، عيب اگهاڙن اڳيان.

235

نہ رهيو ساهہ سنگت ۾، نہ ياڻرن منجهہ بحال،
عزيز اقرب آشنا مان ويو قرب ڪمال،
مزو موڪلائي ويو قريبن مان ڪالهہ،
ڪنهن سان ڪجي ڳالهہ، "سومرا" هن سور جي.

236

سڪ سنواريا سپرين، محبت جي ميثاج،
قابو ڪيئون قرب سان ريڙهي سارو راڄ،
”عبدالقادر“ اڄ اهي تخت ٿيا تاراج،
مٺڙو جن مزاج، سي لوڪان يار لڏي ويا.

237

مِٺ مڙئي مروان، ڪو ڪو ساٿي سور ۾،
عربي سندو آشنا عزيز هيو عثمان،
عَدُوَ ٿيا عربيءَ جا، جنگ جوان،
سيد پوءِ سلطان، ويو هجرت ڪري هاشمي

238

مِٺ مڙئي مروان ايذائيون اولاد ڪي،
ابو جهل ابو لهب آندو نہ ايمان،
کهڙو ”عبدالقادر“ چئي انهن جو ارمان،
بڇڙن جو بيان لکڻ کان لنگهي ويو.

239

جذبے والی جھوک مٹاگئی، جھوک کوں کر گئے خالی،
سندھ پنجاب دے آھن سائیں، رحمت پور دے والی،
چھورا کر تے چھوڑ گئے، تھی حال حشر گیا حالی،
گیا زمانہ کھل خوشی دا، آئی ذوق زوالی،
"عبدالقادر" عالم ایویں، جیویں قیامت کالی۔

240

محبت والے ماگ مٹا گئے، ڈیھ آیا کوئی ڈکھ دا،
سنگتی ساتھی سٹے ویندے، جی جگر پیا جُکھدا،
اجا خاصا خوف الاھی، خیال اندر وچ کھکھدا،
"عبدالقادر" سور آئے ھُݨ، گیا زمانہ سکھ دا۔

241

محبت والے ماگ مٹا گئے، اج لگدیاں بھینگ بزاراں،
ملک شھر مکان نہ وݨدے، کنھں نل پور پچاراں،
راحت آھن روح میڈے دے، محرم حال ھزاراں،
سج وچ سٹ گئے "عبدالقادر"، پیا غمین وچ گذاراں

242

محبت والے ماگ مٹا گئے، پر ھے پیر الاھی،
جیون اھڑی جانی جگ وچ، جنھاں موج مچائی،
نفس امارے نال جنھں دی، چوٹا چوٹ لڑائی،
ودا نفس شیطان پچھوں ھی، لشکر فوج چڑھائی،
"عبدالقادر" عاشق ایجھا، جو ویندا خلق چھڑائی۔

**اهي صالح عورتون:**

243

اهي صالح عورتون، جي رکن ڏيان ڏٽي،
رهن راضي رضا تي، جيڪا پاڳ ٻٽي،
آرس عيش آرام کان، ويون خيال ڪٽي،
"عبدالقادر" انهن ڪي وحدت واٽ وٽي،
هيئن منجهه هٽي، ڪيون پڪو سبق پير جو.

244

صالح اهي عورتون جن ڪيا ڪم ڪمال،
ستر پائي سڪ جو، ڏيکيون جڳ جمال،
ستر سوا مرد جي، پيي رکن خاص خيال،
سوا حق حلال، نہ رهيَن غير گمان ۾.

245

صالح اهي عورتون جڳ نہ ڪن جهيڙا،
طعنا مهٽا لوڪ جا، توڙي ويري ٽين ويڙها،
محمدي ميڙا، ڏوريو ڏسن ڏيهہ ۾.

246

اهي صالح عورتون، جي ويون ڪاف کهي،
طعنا تنڪا لوڪ جا، ويون صبر منجهہ سهي،
چئي "عبدالقادر" انهن تان، ويا سور لهي،
سارا غير گهي، رکيائون رخ الله ڏي.